

سنديش ٽپڻو
250 رپيا
پيتا
سنبت
2082
سال
2025
سنديش منڊل کوٽڙي
03332696441

|| ॐ नमश्चण्डिकायै ||



ڏيون ڪمار مجناڻي

ڌرم سنديش گروپ

Admin: 0345-0748108

روزانو پنچانگ, ڌرمي چارٽ, ڌرمي PDF پستڪ

ڊي ڪي گرافڪس 0345-0748108

24/12/24 03412049188

سال 2025

سنبت 2082

سنديش ٽپڻو



پنهنجي پاران

هزارين سال پهرين جڏهن انسان اڄڪلهه جي سائنسي دور جي جديد هٿيارن جو تصور به ڪونه ڪيو هو تڏهن پراچين (قديم) دور ۾ اسان جي عظيم برزگن پنهنجي روحاني شڪتي سان هي علم حاصل ڪري ورتو هو ته دنيا ۾ ٿيندڙ هر واقعي سان گڏ آسماني گرهن جو ڪو گهرو سٻنڌ ضرور آهي. انهن پنهجي اندورني ۽ روحاني شڪتي جي ذريعي انسان ۽ ايشوري سٻنڌ کي محسوس ڪري ورتو هو. ان ڪري رگ ويد، اٿرويد، سام ويد، يجرويد سميت پراچين عالمي گرنٿن ۾ جوتش شاستر کي اهم مقام حاصل آهي

هندو ڌرم ۾ جوتش کان سواءِ ڪوبه ڌارمڪ ڪرم ڪانڊ سُڌ نه ڄاتو ويندو آهي. ان لاءِ پنچانگ يعني ٽپڻو ڄاڃڻ ضروري هوندو آهي. ٽپڻو يعني پنچانگ علم جوتش جو مُکيه انگ آهي. هندو ڌرم جي سموورن ڪاريه ۾ جوتش کي وڏي اهميت حاصل آهي. سنڌ ۾ رهندڙ هندو برادري به پنهنجو هر شُڀ ڪاريه جوتش پٽاندڙ ڪندا آهن.

"سنديش ٽپڻو" سنڌ جي هندو برادري لاءِ هڪ نئين سوکڙي آهي. جيڪو روايتي طريقي کان هٽي نئين انگريزي سال يعني جنوري کان ڊسمبر تائين جوڙيو ويو آهي. جيئن اسان جي پڙهندڙن کي آساني ٿي سگهي ڇو ته ٻين ٽپڻن جي شروعات چيٽ مهيني کان ٿيندي آهي. جنهن لاءِ چار پنج مهينا انتظار ڪرڻو پوي ٿو پر "سنديش ٽپڻو" نئين عيسوي سال جي مناسبت سان جوڙيو ويو آهي. گذريل سال جي ڀيٽ ۾ هن سال "سنديش ٽپڻو" ۾ ڪافي نواڻ آندي وئي آهي. ان سلسلي ۾ ٻين ٽپڻن ۾ اوهان کي ساڳيا مضمون هڪ جهڙي روايتي انداز ۾ ملنديون پر "سنديش ٽپڻو" ۾ اسان هن سال پنهنجي مضمونن تبديلي آندي آهي. ان لاءِ جوتش جي ڄاڻو شخصيتن سميت آن لائين سهڪار پڻ حاصل ڪيو ويو آهي. ايندڙ سالن ۾ اسان اڃان به وڌيڪ بهتري آڻڻ جي ڪوشش ڪندا سين ۽ جوتش سان لاڳاپيل نوان ۽ دلچسپ مضمون شامل ڪندا ڪيا ويندا

اسان کي اميد آهي جوتش سان دلچسپي رکندڙن کي "سنديش ٽپڻو" ضرور پسند ايندو. گذريل سال اسان کي ڪيترن ئي پريمين سنديش ٽپڻو بابت پنهنجا قيمتي رايا موڪليا آهن ۽ اسان جي غلطين جي پڻ نشاندهي ڪئي. جنهن لاءِ اسان انهن پريمين جا نهايت ئي ٿورائتا آهيون ۽ سندن قيمتي راين تي عمل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪنداسين. اسان کي اميد ته اسان جا پڙهندڙ ايندڙ وقت به اسان جي ائين ئي رهنمائي ڪندا رهندا جيئن "سنديش ٽپڻو" ۾ اڃا به وڌيڪ بهتري آڻي سگهجي. ڌنيواد

شُڀ چنتڪ

هرجي لعل

پنچانگ ٽيپڻو ڇا آهي

جنهن کي اسين عام طور ٽيپڻو ڪوٺيندا آهيون. تنهن کي سنسڪرت زبان ۾ پنچانگ يعني پنج انگن يا پهلوئن وارو ڪوٺبو آهي. هن جا خاص پنج انگ آهن. تٿي، وار، نڪشتر، يوگ ۽ ڪرڻ. انهن جي باريڪي جو حساب ته جيوتش شاستري ئي لڳائي سگهن ٿا. پر اڄ جي دور ۾ انهن جي مٿاڇري ڄاڻڪاري هر ڪنهن کي هجڻ ضروري آهي، جيڪا پيش ڪجي ٿي.

تٿ اماوس جي انت تي سوريه ۽ چندرما ٻئي هڪ ئي راشي-انش (ڊگري) تي هوندا آهن. تيز رفتار سان هلندڙ چندرما جڏهن سوريه کان ٻارهن انش جي مفاصلي تي پهچندو آهي، تنهن ڪال، انش، انترانش کي پرتيپدار (اڪم) 12 اکن 24 ڊگرين جي مفاصلي تي دويتيه (ٻيج). اهڙي طرح هر ٻارهن ٻارهن انش (ڊگرين) بعد تٿي تبديل ٿيندي ويندي آهي. 168 کان 180 ڊگرين تي پورڻماشي (پونم) ٿيندي آهي. اُهو شڪل پکش آهي. هن بعد ڪرشن پکشن شروع ٿيندو آهي. 180 کان 168 ڊگرين تائين اُيڪم ٿيندي آهي. هن ريت هر ٻارهن ٻارهن ڊگريون گهٽجڻ تي تٿي تبديل ٿيندي آهي ۽ آخر شونيه (ٻُڙي) ڊگري تي واپس اماوس ٿئي ٿي. اُهي تٿيون آهن. پر ترتيپدا (ايڪم، پڙوا) دويتيه (ٻيج) تريتئہ (ٽيج) چتُر ٿي (چوٿ) پنجمي (پنجم) ششٽي (ڇٺ) سپتمي (ستم) اشٽمي (اٺم) نومي (نوم) دشمي (ڏسم) ايڪادشي (گيارس) دوادشي (ٻارس) تريودشي (تيرس) چتردشي (چوڏس) ۽ پورڻيما (پونم) آهي.

پندرهن شڪل پکش (سهائو) جون تٿيون آهن. تنهن بعد ايڪم کان چوڏس، اماو تائين ڪرشن پکش جون تٿيون ٿينديون آهن. جيڪڏهن ڪا تٿي سج اُڀرڻ بعد به موجود رهي ته ان کي (ورڌي يا وڌڪ- تٿيّ ڪوٺبو آهي، پر جيڪڏهن ڪا تٿي سج اُڀرڻ کان اڳ ۾ ئي سماپت ٿي وڃي ته ان کي - ڪيه - تٿي ڇئبو آهي. اها ورڌي يا ڪيه تٿي هر مهيني ٿينديون رهنديون آهن. اُهائي ڳالهه نڪشتر يا يوگ سان به لاڳو ٿيندي آهي. هر مهيني ۾ ايڪم کان پورڻيما تائين شڪل پکشن ۽ ان بعد ايڪم کان اماوس تائين ڪرشن پڪش ٿيندو آهي.

وار سج اُڀرڻ کان وٺي ٻي ڏينهن جو سج اُڀرڻ تائين هڪ وار ٿيندو آهي. سج اُڀرڻ شرط وار به تبديل ٿي ويندو آهي. پهرين ڏينهن ۽ پوءِ رات ٿيندي آهي. (انگريز رات جو ٻارهن بجي وار جي تبديلي ليکيندا آهن ته ڪي وري سج جي لهڻ تي وار جي تبديلي ليکيندا آهن) اُهي وار ست آهن؛ جيڪي ٻلترتيب آهن. روي (آرتوار) سوم (سومر) ڀوم يا منگل، ٻڌ (ٻُڌر) گرو (وسپت) شڪر ۽ شني (ڇنڇر).

نڪشتر پورو آڪاش 360 ڊگرين وارو محيط آهي. هن کي 27 سان ونڊ ڪرڻ سان 13 انش ۽ 20 ڪلا يا 800 ڪلائن جو هڪ نڪشتر آهي. اُهي نڪشتر - استر بندومان - (هڪ هنڌ بيٺل نقطي سمان) آهن. جنهن ڏينهن ۽ جنهن وقت پرٿوي تان چندرما جنهن نڪشتر پنج (پرڪاش) ۾ نظر اچي. تنهن ڏينهن پنچانگ ۾ اُهو نڪشتر ڏيکاريل هوندو آهي. نڪشتر 27 آهن؛ جيڪي آهن اشويني، ڀرڻي، ڪرتيڪا، روهڻي، مرگ، شرا، آردرا، پُنروسو پشيه، اشليشا، مگها، پوروا ڦالگني، اُترا ڦالگني، هست، چترا، سواتي، وشاکا، انوراڌا، جئيشٺا، مُول، پوروا شاڍا،

اُترا شاڍ، شروڻ، دهنشٺا، شت ڀشا، پوروا ڀادرپد، اُترا ڀادر پد ۽ ريوتي. انهن مان اُترا شاڍ نکشتر جون آخري پندرهن گهڙيون ۽ شروڻ جون شروعاتي چار گهڙيون يعني ڪُل اُڻويهه گهڙين ۾ ابيجت نکشتر ٿيندو آهي. هر هڪ نکشتر جا چار چار چرڻ هوندا آهن ۽ هر هڪ چرڻ ۾ 3 انش ۽ 20 ڪلا ميجيل آهن. انهن نکشترن مان مگها، جئيشٺا، مول ۽ اشليشا گنڊ مول نکشتر آهن. جن ۾ ٻار جي جنم تي چند ڌارمڪ ڪريائون ڪري، انهن جو ڪشٽ وارو پرڀاوَ دور ڪيو ويندو آهي.

راس جيئن نکشتر جا چار چار چارڻ ٿين ٿا، تيئن هر راشي جا نو چرڻ ميجيل آهن. جيوتش ۾ راشي جو ٻہ وڏو مهتو آهي. اهي ڪُل ٻارهن آهن. جهڙوڪ: ميش (ميک) وِرک، مٿن، ڪرڪ، شنگهه، ڪنيا، تُلا، ورشچڪ، ڌن مڪر، ڪنڀ ۽ مين. هر راشي جو جدا جدا آڪار ۽ سڀاوُ ٻہ ٿيندو آهي. ٻار جو نالو نکشتر ۽ راشي جي حساب سان رکيو ويندوآ هي. جڏهن سوريہ هڪ راشي مان نڪري ٻي راشي ۾ داخل ٿيندو آهي تہ ان کي سنڪراتي ڪوٺبو آهي.

يوگ سوريہ ۽ چندرما جي رفتار ۾ جيڪو 13 انش ۽ 20 ڪلا جو فرق آهي، اُهوئي يوگ جو ڪال انش (مدو) آهي. اُهي يوگ بہ 27 آهن: جهڙوڪ: وِشن ڪنڀ، پريتي، آيوشمان، سوڀاڳيہ، شوڀن، اُتي گنڊ، سُڪرما، ڌرتي، شول، گنڊ، ورڌي، ڌروو، وياگهات، هرشڻ، وجر، سڌي، وياتي پات، وريان، پرڌي، شو، سدي، ساڌيہ، شڀ، شڪل، برهم، ايندر ۽ ويڌرتي.

گهڙي پل وغيره جي جدول

اڌائي وپل	هڪ سيڪنڊ
60 وپل	هڪ پل
هڪ پل	24 سيڪنڊ
اڌائي پل	هڪ منٽ
ساڍا ست پل	3 منٽ
15 پل	6 منٽ
60 پل	هڪ گهڙي
هڪ گهڙي	24 منٽ
2 گهڙيون	هڪ مهورت
اڌائي گهڙيون	هڪ ڪلاڪ يا 60 منٽ
60 گهڙيون	هڪ ڏينهن يا 24 ڪلاڪ

ڪرڻ تٿي جي اڌ حصي کي ڪرڻ ڪوٺبو آهي. تٿين جي سوکيم پرڀاوَ کي ڄاڻڻ لاءِ هر هڪ تٿي جا ٻہ ٻہ حصا ڪيل آهن. ٻوَ، بالو، ڪولو، تيتل، گر وڻج ۽ وشٽي (ڀدرا) اهي ست چل (متحرڪ) ڪرڻ آهن. شڪني چتش، پد، ناگ ۽ ڪنستو گڻ اهي چار استر (اچل) ڪرڻ آهن. پنچڪ هر مهيني ۾ پنچڪ ٿيندا هن، جن جو مدو پنج پنج ڏينهن ٿيندو آهي. ڪي ڪي پنچڪ ڀيشڻ - ٻہ ٿيندا آهن، جيڪي عام پنچڪن کان وڌيڪ ڪنور ٿيندا آهن. پنچڪن دوران ڪجهه ڪاريہ ڪونہ ڪبا آهن. جهڙوڪ: ڪنهن جي مرٽي تي وڃڻ، ڏکڻ طرف سفر، گهر جي ڇت اڏائڻ، کٽ يا پلنگ ٺاهڻ وغيره. ڪن ڪن حالتن ۾ اڌائي پنچڪ گذرڻ بعد اهي ڪاريہ ڪري بہ سگهن ٿا.




سنڪراتين موجب واپارين لاءِ ڦل

ميک سنڪرات



آرتوار، سومر ڇنڇر يا منگل ڏينهن هجي ته ان مهيني ۾ اناج جو اگهه ڪريل رهي ۽ ماڻهو خوشيون ملهائين ٿا. ٻڌر يا وسپت ڏينهن لڳي ته ان مهيني ۾ خراب ڪم ٿين ٿا ۽ ڪامي جيو خوب آنند منهائين ٿا.

ورک سنڪرات



ڇنڇر يا منگل ڏينهن هجي ته ان مهيني ۾ مهنگائي ۽ تڪليفون درپيش اچن ٿيون. ارتوار يا سومر ڏينهن مهنگائي ٿئي ته پرجا آنند ۾ رهي ۽ سڄو مهينو سک سان گذاري ٿو ٻڌر يا وسپت ڏينهن ٿئي ته سارو مهينو رنج ۽ تڪليفون، بيماريون، باهيون، چوريون ۽ ڏک وغيره ٿين ٿا پر جيڪڏهن شڪر ڏينهن ٿئي ته دنيا جهيڙن ۽ فساد ۾ تنگ گذاري.

مٿن سنڪرات



آرتوار يا شني ٿئي ته ان ۾ گرڀ وتين استرين کي تڪيلف پوڳٽي. پوي ٿي. مطلب ته سندن گرڀ سڪي وڃڻ ٿا گرڀ پات (ڪرڻ) ٿين ٿا. چانور گهٽا ٿين ٿا. سومر ڏينهن ٿئي ته اهو مهينو گهٽين خوشين ۾ گذاري ٿو. منگل يا ٻڌر ڏينهن ٿئي ته سڄو مهينو دنيا ۾ تڪليفون، فساد، مهانگايون ۽ رنجش ٿئي ٿي. شڪر يا وسپت ڏينهن ٿئي ته ان مهيني ۾ اناج جي خوب پيدائش ۽ مهانگائي ٿئي ٿي.

ڪرڪ سنڪرات



آرتوار منگل يا شڪر ڏينهن هجي ته ان مهيني ۾ هر قسم جو اناج مهانگو ٿئي ٿو ۽ ان جي خريداري گهٽ ٿئي ٿي. برسات ٿورڙي پوي، بيماري زياده ٿئي ٿي. جيڪڏهن سومر، ٻڌر يا شڪروار ڏينهن هجي ته اَن مهانگو ٿئي ٿو.

سنگهه سنڪرات



آرتوار شني يا منگل ڏينهن ٿئي ته ان مهيني ۾ سڀ قسم جو اناج مهانگو ٿئي ٿو منش ۾ بي آرامي ٿئي ٿو سومر، ٻڌر وسپت يا شڪر ڏينهن هجي ته اهو سڄو مهينو اناج سستو ٿئي ٿو سڀ ساهوارا سکي ۽ آرام ۾ زندگي گذارين ٿا.

ڪنيا سنڪرات



آرتوار يا شڪر ڏينهن هجي ته اهو مهينو ساهوارن لاءِ تمام سکيو گذري ٿو منگل ڏينهن لڳي ته اناج سستو ٿي وڃي، ٻڌر ڏينهن ٿئي ته سڄو مهينو ڪپهه ۽ ڪپڙو مهانگو ٿئي ٿو شني يا وسپت ڏينهن هجي ته هر ڪا چيز مهانگي ٿئي جيڪڏهن سومر ڏينهن هجي ته شيءِ گهٽ پيدا ٿئي ۽ مهانگي وڪامجي ٿي.

تل سنڪرات



شني، آرتوار يا منگل ڏينهن هجي ته اهو مهينو گرڀ وتين زالن لاءِ سکيو گذرندو سومر يا منگل ڏينهن هجي ته هر قسم جو اناج سستو ٿئي ٿو ۽ پيدائش گهٽي ٿئي ٿي ۽ ماڻهو خوش رهن ٿا. وسپت ڏينهن هجي ته مهانگائي ٿئي ٿي ۽ ساهوارا اهو مهينو ڏک پائين ٿا. جيڪڏهن شڪر هجي ته اهو وقت سهانگائي ۽ خوشين ۾ گذري ٿو.

ورشچڪ سنڪرات



آرتوار ڏينهن سڄو مهينو خوشين ۽ سک ۽ آنند ۾ گذري ٿو. سومر ڏينهن ته اناج سستو ٿئي ٿو منگل ڏينهن ته چورين، خونريزين ۽ ڀاهين جو بازار گرم رهي ٿو. ٻڌر يا شڪر ڏينهن هجي ته هر قسم جي شين ۾ مهانگائي ٿئي ٿي. جيڪڏهن وسپت ڏينهن هجي ته اهو خوشين ۽ آنند ۾ گذاري ٿو

ڌن سنڪرات



آرتوار ڏينهن هجي ته ان مهيني ۾ اناج وڌيڪ مهانگو ٿئي ٿو ۽ ان مهيني ۾ خريد ٽيل اناج وڪري سبب چڱو ڌن پيدا ٿئي ٿو شني ڏينهن هجي ته ٽيٽي مهانگائي ٿئي ٿي يعني خريد ڪيل اناج جي وڪري مان ٽيٽو نفعو پيدا ٿئي ٿو منگل ڏينهن ٿئي ته اناج چئوٽو نفعو ڪري ٿو سومر وسپت ڏينهن هجي ته اناج بلڪل سستو ٿئي ٿو ايتري قدر جو اناج جي واپارين کي ٻيڻو نقصان ٿئي ٿو ٻڌر ڏينهن هجي ته اناج جو اگهه گهٽيل رهي ٿو ڪن رشين جو رايو آهي ته جيڪڏهن ڌن راس ۾ سورج يا شني ڏينهن پرويش (رهي) ڪري ته چانور خريد ڪرڻ ڪري ڇهن مهينن بعد ٽيٽو لاڀ حاصل ٿئي ٿو

مڪر سنڪرات



سومر منگل يا ٻڌر ڏينهن ٿئي ته ان مهيني ۾ جنگيون، فساد ۽ جهيڙا تڪرار وڌيڪ ٿين ٿا. وسپت ڏينهن ٿئي ته اناج بلڪل سستو ٿئي. شڪر ڏينهن هجي ته اگهه ڪريل رهي، مڪر تي ڏينهن بعد وري مهانگو ٿئي ٿو انهي سنڪرات ۾ واپارين کي اناج ضرور خريد ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن شني آرتوار ڏينهن ٿئي ته سڄو مهينو آرام ۽ خوشيءَ ۾ گذري ٿو

ڪنڀ سنڪرات



آرتوار يا سومر ڏينهن هجي ته ان مهيني ۾ اناج سهانگو ٿئي ۽ گهٽيون بيماريون ٿين، جنهن ڪري ساهوارا ڏک پائين شني يا آرتوار ڏينهن نهايت سکيو ۽ آنند ۾ وقت گذاري ٿو ماڻهو خوشيون ۽ هر طرف جو آنند پائين ٿا. جيڪڏهن منگل ڏينهن هجي ته هر ڪا شيءِ سستي ٿئي ٿي، ٻر وسپت شڪر ڏينهن مهانگائي ٿئي ٿي.

مين سنڪرات



ٻڌر ڏينهن ته ملڪ جو وهنوار سنڀاليندڙ يا عزتدار توڙي هلندڙ پڄندي ماڻهو مري ٿو برسات ڦڙي به نٿي پوي. بيماري توڙي موت گهٽو ٿئي ٿو وسپت يا شڪر ڏينهن هجي ته ان مهيني ۾ چوپائي مال جي پيدائش زياده ٿئي منگل ڏينهن هجي ته قتل عام ۽ خونريزي زياده ٿئي ٿي ۽ چوريون، ڌاڙا ۽ حادثا وڌيڪ ٿين ٿا. جيڪڏهن سومر ڏينهن هجي ته دنيا ۾ ماڻهن جو آنند ۽ سک ۾ گذري ٿو

مڪر سنڪراتي موجب راشي دان

14 جنوري 2025

راشيون	دان
ميک، مٿن، ورشچڪ	چڻن جي دال، پيلو ڪپڙو، پتل جو باسڻ
سنگهه، ڌن، مين	گهي، ڪنڊ، اڇا تل، اڇو گلن وارو ڪپڙو، چاني جو ڏان
ورک، ڪنيا، مڪر	ڪارا تل، ڪارو ڪپڙو، اسٽيل جو باسڻ
ڪرڪ، تل، ڪنڀ	ڪٽڪ، ڳڙ، ڳاڙهو ڪپڙو، ڳاڙها تل، تامي جو باسڻ

سال 2025 جون سنڪراتيون

مڪر سنڪرات	پوهه	14 جنوري	منگل
ڪنڀ سنڪرات	مانگهه	12 فيبروري	ٻڌر
مين سنڪرات	ڦڳڻ	14 مارچ	شڪر
ميک سنڪرات	چيٽ	14 اپريل	سومر
ورک سنڪرات	ويساک	14 مئي	ٻڌر
مٿن سنڪرات	جيٺ	15 جون	آرتوار
ڪرڪ سنڪرات	آکاڙ	16 جولاءِ	ٻڌر
سنگهه سنڪرات	ساوڻ	17 آگسٽ	آرتوار
ڪنيا سنڪرات	بڊو	17 سيپٽمبر	ٻڌر
تل سنڪرات	اسو	17 آڪٽوبر	شڪر
ورشچڪ سنڪرات	ڪارتڪ	16 نومبر	آرتوار
ڌن سنڪرات	ناهري	16 ڊسمبر	منگل

سال 2025 سنبت 2025 جو ڦل

پرٿوي ڪي جملي 1955885125 ٿيا آهن جن مان ست يگ جي عمر 1728000 سال تريترا يگ جي عمر 1296000 سال دوا پر يگ جي عمر 864000 سال ۽ ڪل يگ جي عمر 432000 هزار سال آهي چار يگ ملائي جملي ٿيا 4320000 هن مان ڪل يگ جا 5126 سال گذري چڪا آهن باقي 426874 پوڳڻا آهن. هن وقت ست ڪرم ۽ ڌرم گهٽجي رهيو آهي، پاپ جا نيچ ڪرم ۽ اڌرم وڌي رهيو آهي شريمان وڪرماجيت مهاراج جي راج ڪرڻ ڪان وٺي وڪرم سنبت 2082 شاڪ 1947 ٿيا آهن.

سڌارٿي نام وڪرم سنبت 2082 انگريزي تاريخ 30 مارچ 2025ع کا شروع ٿيندو، هن سال جو راجا سوريه، وزير سوريه، زراعت جو مالڪ بڌ، اناج جو مالڪ چندرما، بادلن برساتن جو مالڪ سوريه، رس پدارٿن جو مالڪ شڪر، ڌاتو جو مالڪ بڌ، ڦل ڦولن جو مالڪ شني، ڌن دولت جو مالڪ منگل، فوج جو مالڪ شني، هن سال چئن ميگهن ۾ ”سنورت“ نامي ميگهه ۽ نو ميگهن ۾ ”نيل“ نامي ميگهه هوندو، ٻارهن ناگن ۾ ”واسوڪي ناگ“ هوندو، روهڻي جو واس ڌوٻي جي گهر ۾ هوندو

هن سال جو راجا سوريه هئڻ ڪري اناج جي پيداوار ۾ گهٽتائي ٿئي، ڪجهه علائقن ۾ برساتون گهٽ پوڻ سان ڏڪار جهڙيون حالتون پيدا ٿين، چور ٺڳي، ڦرلٽ، ريل حادثا ۽ باهه لڳڻ جا واقعا پيش اچن، عام ماڻهن ۾ ڪاوڙ، لڙائي جهڳڙا ٿين، اڪين جون پيچيده بيماريون پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي، حڪومت ۽ سياسي پارٽين ۾ ٽڪراءُ واريون حالتون پيدا ٿين، ڪنهن اهم ليڊر جي موت سبب ملڪ ۾ سوڳ وارو ماحول ٿئي، ڦل ڦهول ۽ جڙي ٻوٽين جي پيداوار گهٽ ٿئي، بنا موسم جي برساتون اچڻ سبب بيٺل فصلن کي نقصان پهچي، هن سال سياري جي موسم ۾ سردي گهٽ رهي پر اونهاري جي موسم ۾ گرمي جو تاتمان تمام گهڻو رهندو.

دنيا ۾ ڌن دولت عيش عشرت وارين شين جي لين دين ٿئي، پيچيده بيمارين سبب جنتا پريشان رهي، ڀاڻي، کير، تيل، ڦل، سبزيون، کنڊ، اناج، رس پدارٿن وارين شين جي گهٽتائي ٿئي، جنهن ڪري انهن شين جي اگهن ۾ واڌ ٿئي، سال جو راجا ۽ وزير هڪ ئي گرهه سوريه هجڻ ڪري باهه لڳڻ، زلزلا، ٻوڏ ۽ قدرتي آفتون اچن، ملڪ ۾ ڪيترن ئي علائقن ۾ برساتون جام ٿيڻ سان خوشحالي اچي، تعليم جي ميدان ۾ اضافو ٿئي،سردي جا فصل ڪپهه، چڻا، سويابين، سرنهن ڳائين جي کير ۽ گيهه ۾ اضافو ٿئي، ندين دريائن ۾ پاڻي جي کوٽ نه رهندي، موسمي ڦلن جي پيداور سٺي ٿئي، جابلو ۽ ريگستاني علائقن ۾ برساتون جام ٿين، ڪٿي ڪٿي ٻوڏ جهڙي صورتحال ٿيڻ جو انديشو آهي، پهاڙي علائقن ۾ برفباري جام ٿيڻ سان نقصان ٿئي، چوري ٺڳي، بي ايماني، لڙائي جهڳڙن جون وارداتون پيش اچن، هن سال واپار ۾ خاص لاها چاڙها ٿين، شيئر مارڪيٽ ۾ اٿل پٿل رهي، مانگهه مهيني ۾ برساتون نه ٿيڻ يا بي وقت برساتون ٿيڻ سبب فصلن کي نقصان ٿئي، دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ جنگ ۽ ٽڪراءُ واريون حالتون برقرار رهن، ڪجهه علائقن ۾ ماڪڙ جي حملن سان فصلن کي نقصان ٿئي.

ڏٽي در پرارٿنا آهي ته اسان جي پياري ملڪ پاڪستان جي پرماتما رکيا ڪري ۽ خوش رکي

گھر گرھستي بابت ڏيان ۾ رکڻ جھڙيون ڳالھيون

1. گھر جو مکيه دروازو ڪڏھن به ڏکڻ ۾ نه ھئڻ گھرجي. اھو اَشڀ آھي اِن اشيتا کي دُور ڪرڻ لاءِ (pyramid) رکجي يا ڪمري جي اندر در جيتري آرسي ان طريقي سان رکجي جيئن دروازي جو سڄو عڪس آرسي ۾ ڏسڻ ۾ اچي.
2. پاڻيءَ جو مٽڪو ۽ پاڻي پيئڻ جا باسڻ سدائين اتر اوڀر ۾ ھئڻ گھرجن.
3. رنڌڻي جون ضروري شيون اناج، مصالحا، داليون وغيره ڏکڻ يا اولھ پاسي رکڻ گھرجي.
4. پوڄا پاٺ ڪرڻ وقت پڳوانن جي اکين ۾ اکيون نه ملائن ڪپن، سدائين ديوتائن جي چرڻن ۾ نظرون ھئڻ گھرجن يا اکيون بند ڪري ويھڻ گھرجي.
5. اسٽوپ يا گئس جا برتن سدائين پٽ کان ٿورا انچ پري ڏکڻ جي پرپاسي ھئڻ کپي.
6. ھه شولنگ، ھه شالنگ رام، ھه شنک، ٽي ڌرگائون، ٽي گڻيش انھن جي پوڄا واستو شاستر موجب جھليل آھي.
7. باٿ روم ۾ موريون (ناليون) ڪڏھن به ڏکڻ، اتر، ڏکڻ، اولھ ۾ نه ھئڻ گھرجن.
8. گھر جي مرمت ڪرائڻ ڪانپوءِ يا سجائڻ ڪانپوءِ يا ان کي وڌائڻ ڪانپوءِ وري واستو شاستر پوڄن تمام ضروري آھي.
9. گھر ۾ گٽر ڏکڻ ڪانسواءِ ڪنھن طرف لڳائي سگھجن ٿا.
10. دريون ۽ دروازا سدائين ٻڌي (8،6،4،2 وغيره) ۾ ھئڻ ڪپن پر ڪڏھن به ٻڌي ۾ ختم نه ٿين، يعني 10، 20، 30 وغيره
11. پوڄا گھر ۾ جوت سدائين ڏکڻ، اڀر ۾ ھئڻ گھرجي،
12. پوڄا گھر ۾ شو ڪيس ۽ الماريون سدائين ڏکڻ ۽ اولھ طرف ھئڻ گھرجن.
13. ماني پچائڻ وقت منھن اوڀر پاسي ھئڻ گھرجي،
14. زمين (فرش) جھولا ڪڏھن به ڏکڻ پاسي نه ھئڻ گھرجي.
15. ڪمري ۾ ويھڻ جي جڳھه اوڀر، اولھ يا اتر ۾ ھئڻ گھرجي پر ڪنھن به حالت ۾ ڏکڻ پاسي نه ھئڻ گھرجي.

لاڀ ۽ خرچ جو طريقو: پنھنجي راس جي ھينيان ڏنل لاڀ ۽ خرچ جا انگ جوڙ ڪريو، ٽوٽل مان ھڪ (1) ڪڍي باقي انگن کي اٺ (8) سان ونڊ ڪجي، جيڪڏھن پاڇي 1 بچي ته ھن سال لاڀ ٿيندو 2 بچن ته سُک شانتي ملي، 3 بچن ته ڪليش ٿئي، 4 بچن ته روڳ، 5 بچي ته اُڪيش، 6 بچي ته عزت ملي، ست بچي ته سوڀ ملي، 8 بچي ته نقصان ٿئي ۽ 0 ٻڙي بچي تڏھن به نقصان ٿيڻ جو ڦل ملي

سنبت 2082 ۾ لاڀ ۽ خرچ جو ڪوٺو


راس	ميک	ورک	مٿن	ڪرڪ	شنگھ	ڪنيا	تل	ورشڇڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين
لاڀ	١٤	٨	١٤	٨	١١	١٤	٨	١٤	١١	٥	٥	١١
خرچ	١١	٥	٢	١٤	١١	٢	٥	١١	٢	٥	٥	٢



سال 2025 جا سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ



هن سال ٻه سوريه گرهڻ ۽ ٻه چندرما گرهڻ ٿيندا، گرهڻ وقت پوڄا پاٺ ڪري ڀڳوان جو سمرڻ ڪرڻ گهرجي



پهريون چنڊ گرهڻ

سال جو پهريون چنڊ گرهڻ 14 مارچ ڏينهن جمع ڦڳڻ مهيني جي پورڻما تي 10:31 صبح کان 1:48 تائين لڳندو اهو مڪمل چنڊ گرهڻ هوندو جيڪو ڏينهن جو هجڻ ڪري پاڪستان هندستان ڀرپاسي وارن ملڪن ۾ نظر نه ايندو تنهنڪري ملڪ ۾ ان جو ڪو اثر نه ٿيندو جڏهن ته آسٽريليا، يورپ، آفريڪا، اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا، پئسفڪ، ائٽلانٽڪ، آرڪٽڪ سمنڊ، اوڀر ايشيا ۽ انٽارڪا جي اڪثر حصن ۾ نظر ايندو

پهريون سج گرهڻ

سال جو پهريون سج گرهڻ 29 مارچ تي ٿيندو چيٽ مهني جي اماوس ڏينهن ڇنڇر تي مڪمل گرهڻ 1:51 کان 5:44 تائين هلندو اهو هڪ جزوي سج گرهڻ هوندو هي گرهڻ پڻ رات جي وقت هئڻ ڪري پاڪستان هندستان ڀرپاسي وارن ملڪن ۾ نظر نه ايندو جڏهن ته برمودا، ڊنمارڪ، آسٽريا، بيلجيم، اتر برازيل، فن لينڊ، جرمني، فرانس، هنگري، آئرلينڊ، مراڪش، گرين لينڊ، اوڀر ڪئناڊا، هالينڊ، پرتگال، اتر روس، اسپين، سويڊن، پولينڊ، ناروي، يوڪرين، سوئٽزرلينڊ، انگلينڊ جي علائقن ۾ نظر ايندو .

ٻيو چنڊ گرهڻ

سال جو ٻيو چنڊ گرهڻ 7 سيپٽمبر تي آرتوار ڏينهن بدو مهيني جي پورڻما تي ٿيندو اهو 9:27 رات تي شروع ٿيندو ۽ 12:56 رات تائين هلندو هن گرهڻ جو سوتڪ 12:57 صبح تي شروع ٿيندو ۽ گرهڻ ختم ٿيڻ تائين جاري رهندو هي گرهڻ پاڪستان، هندستان سميت گڏوگڏ ايشيا، آسٽريليا، يورپ، نيوزي لينڊ، مغربي ۽ اتر آمريڪا، آفريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي اوڀر وارن علائقن ۾ به نظر ايندو

ٻيو سج گرهڻ

سال جو ٻيو سج گرهڻ 21 سيپٽمبر سومر جي رات، اسو مهيني جي اماوس جي تي 10:29 رات تي شروع ٿيندو ۽ رات جو 2:53 تائين هلندو هي مڪمل گرهڻ نيوزيلينڊ، فجي، انٽارڪيڪا ۽ آسٽريليا جي ڏاکڻي حصن ۾ نظر ايندو هي گرهڻ پاڪستان، هندستان ۽ ڀرپاسي وارن ملڪن ۾ نظر نه ايندو انو سوتڪ پڻ نه لڳندو



سوتڪ پاتڪ



ٻالڪ جي ڄمڻ ڪري ڇلو واربو آهي ته موت ڪري سوتڪ واربو آهي. ڌارمڪ سنسڪار لاءِ اها ڄاڻ بلڪل ضروري آهي، ان لاءِ هيٺ وستار (تفصيل) ڏجي ٿو.

گرڀ سولو: يعني چوٿين مهيني اندر گرڀ جي خرابي ٿئي. پنجين مهيني گرڀ ۾ ٻالڪ کي اُڄ ۽ ٻک لڳي ٿي. اُن پنج مهينن تائين گرڀ پات ٿئي يا ٻالڪ ڄمي ته هرهڪ مهيني لاءِ هڪ، پنجن مهيني لاءِ پنج ڏينهن ۽ ڇهن مهينن لاءِ ڇهه ڏينهن ٻالڪ ڄمڻ جي وقت تائين برادريءَ تي 10 ڏينهن ۽ 11 ڏينهن شڌ سمجهڻ گهرجي. ان کي ڇلو چوندا آهن، ڏند نڪرڻ کان پهرين جي ٻالڪ مري ته سنان ڪرڻ سان شڌ ٿبو آهي. ڏندن اچڻ کانپوءِ ملڻ سنسڪار تائين هڪ رات جو سوتڪ ملڻ کان جڻئي پائڻ تائين ٽن راتين جو سوتڪ ٿيندو آهي. 23 مهينن جي عمر جر ٻالڪ جو موت ٿئي ته ان جو اگني سنسڪار نه ڪجي، 3 سالن کان 5 سالن جي اندر ٻالڪ جو موت ٿئي ته گهر (ماتا پتا) کي 3 ڏينهن برادري کي هڪ ڏينهن سوتڪ لڳندو آهي. جي پراڻيءَ 5 سالن پورا ڪيا ۽ 8 سالن جي اندر ته عمر انوسار هڪ سال جي پنيان هڪ ڏينهن سوتڪ لڳندو، پر جڻيو پاتل هوندو ته ان جو ڪريا ڪرم برابر ڪبو ۽ برادري سميت سوتڪ. 10 ڏينهن لهندو ۽ 11 ڏينهن شڌي ٿيندي. جيڪڏهن پراڻي 8 سالن کان مٿي پوءِ جي جڻيو پاتل ـ ٻه هجي ته سوتڪ برادري کي 10 ڏينهن سوتڪ ۽ 11 ڏينهن شڌي ٿيندي جڏهن ڪريا ڪرم پورو ٿيندو. مڱيل ڇوڪريءَ جو موت ٿئي ته ساهرن تي فقط 3 ڏينهن سوتڪ ۽ ماتا، پتا برادريءَ تي 10 ڏينهن سمجهڻ گهرجي. شادي ڪيل ڪنيا جو موت جي پيڪن ۾ ٿي پوي ته انهن تي صرف 3 ڏينهن سوتڪ جو اثر آهي. باقي 10 ڏينهن جو ساهرن تي آهي انهن ساهرن ئي ڪريا ڪرم ڪري 11 ڏينهن ڪري شڌ ٿيڻ گهرجي. شاسترن پٽاندڙ 11 ڏينهن پراڻيءَ جو ڪرم ڪري 11 ڏينهن سپنڊي ڪرم ڪري ۽ سوتڪ لاهڻ جا ڪرم ڪرڻ گهرجن. سپنڊي ڪرم ڪانسواءِ شڌ نٿو ٿجي. سپنڊي ڪرم ڪري جيو پريتپڻي کان ڇُٽي پرلوڪ ۾ ويندو آهي. برادري، سوٽ ۽ گهر جي چوٿين پيڙهي تائين 3 ڏينهن، ائين پيڙهي تائين 1 ڏينهن، تائين پيڙهي ٻه پهر، ۽ ڏهين پيڙهيءَ تائين مرتڪ يا جنم مهل اشنان ڪرڻ سان سڌي ٿئي ٿي. پرديس ۾ ويل جو موت ٻڌجي ته جنهن ڏينهن موت جي سڌي پوي، تنهن کان پوءِ جيترا ڏينهن 10 ڏينهن ۾ رهن اوترا ڏينهن اشڌ رهبو آهي.جي 10 ڏينهن کان پوءِ ٻڌجي3 راتيون اشڌ رهبو آهي. جي هڪ سال کان پوءِ خبر پوي ته صرف سنان ڪرڻ سان شڌ ٿبو آهي،جي سوتڪ 6 ڏينهن ۾ ڪو ٻيو موت ٿئي ته پورتين سوتڪ لهڻ سان ٻنهي سوتڪن جي شڌي ٿيندي آهي. ڪلجگ ۾ سڀ ورڻ مرڻ جي سوتڪ کان 10 کان پوءِ شڌ ٿيندا آهن.

ديو پوڄا، سنڌيا، دان وٺي ٿو، هوم هَوَن، ويد پڙهڻ ۽ ورت نيم نه رکڻ گهرجي، دوش لڳي ٿو. جي ڪو سوتڪ کي لڪائي دان ڪري ٿو ۽ براهمڻ اهو ڄاڻي ٻه دان وٺي ٿو ته ٻئي دوش جا ڀاڳي آهن.

پدرا نواس گيان

ٽيپڻي ۾ وڏا پرو ۽ ڏينهن وغيره جي خانن ۾ پدرا جو شروع ۽ ختم ٿيڻ جو وقت ڏنل آهي ۽ اسان جي من تي اهو وهم آهي تہ پدار جي وقت ڪوبہ شڀ ڪاريہ نہ ڪجي.
ان لاءِ هيٺ پدار جو گيان ڏنو وڃي ٿو پدار جو نواس هميشہ ٽن لوڪن ۾ آهي.

سورڳ لوڪ — پاتال لوڪ — مرتيہ لوڪ

ميک، مڪر، ورک يا ڪرڪ راس جو چندرما هجي تہ پدار جو نواس سورڳ ۾ ٿئي ٿو جڏهن سورڳ لوڪ ۾ پدار جو نواس هجي تہ ڪيل ڪاريہ ضرور سڦل ٿين ٿا.
ڪنيا. مٿن، تل يا ڌن راس جو چندرما هجي تہ پدار جو نواس پاتال لوڪ ۾ ٿئي ٿو جي پاتالِ لوڪ ۾ پدار جو نواس هجي تہ ڌن جو اگمن (اچڻ) ٿئي ٿو
ڪنڀ، مين، ورشچڪ يا شنگهہ راس جو چندرما هجي تہ پدار جو نواس، مرتيو لوڪ ۾ رهي ٿو جي پدار جو نواس مرتيو لوڪ ۾ هجي تہ ڪيل ڪاريہ ڦٽي وڃن ٿا ان لاءِ پڙهندڙن جي ڌيان تي آڻجي ٿو تہ شڀ ڪاريہ جئين منڍي پائڻ، پڪي مصري ڪاٽڻ يا واڌائي وٺڻ، نو گرهي ڪرڻ، شادي جا اُٽ سوڻ ڪرڻ مٺيا پائڻ وغيره ڪرڻ وقت پدرا جو نواس گيان ضروري ڌسڻ گهرجي.



خراب يوگ ۾ ٻالڪ جو جنم




ڏينهن آرتوار، تٿ اتم، نکشتر ڪرتڪا، ڏينهن وسپت، تٿ چٿ ۽ نکشتر پرٽي، ڏينهن منگل، تٿ ٻارس ۽ نکشتر آشليشا يوگن ۾ ٻالڪ جو جنم ٿئي تہ مشڪل جيئرو رهي ٿو. مگر جيڪڏهن حيات رهي ٿي تہ اول ماتا پتا مري وڃن ٿا. وڏن جي ملڪيت گڏ ڪيل ڪنائي ناس ڪري ٿو. وڏي عمر ۾ دک ۽ تڪليفون ڏسي. مگر انهن يوگن جي شانتي لاءِ لڪشمي نارائڻ جو جاپ پوڄن ڪرڻ ۾ فائدي ٿيڻ جو امڪان آهي.

شادي ۽ ٻين موقعن تي ورگهہ ڳولهڻ

نالي جو پهريون اکر	ورگهہ	دشمن	دوست	نہ دوست نہ دشمن
(1) اَ، آ، اِ، اي، اُ، اي ائي، او ۽ اَو	گرڙ	نانگ	ڪتو	شينهن
(2) ڪ، ڪَ، گَ، ڳ، گهہ ۽ گّ	هلو	ڪوئو	نانگ	ڪتو
(3) چ، ڃ، ج، جَ، جهہ ۽ حَ	شينهن	هرڻ	ڪوئو	نانگ
(4) ٽ، ٺ، ڙ، ڊ، ڍ ۽ ڻ	ڪتو	گهيٽو	هرڻ	ڪوئو
(5) ٿ، ٽ، د، ڌ، ڏ ۽ ن	نانگ	گرڙ	گهيٽو	هرڻ
(6) پ، ڦ، ف، ب، ٻ، ڀ ۽ م	ڪوئو	هلو	گرڙ	گهيٽو
(7) ي، ر، ل ۽ و	هرڻ	شينهن	هلو	گرڙ
(8) ش، ح، س ۽ هہ	گهيٽو	ڪتو	شينهن	هلو

هرهڪ ورڪ پاڻ کان پنجون نمبر دشمن، چوٿون نمبر دوست ٽيون نمبر نہ دوست نہ دشمن ٿيندو. شادين ۽ ٻين موقعن تي لهٽو ڏهٽو ڏاهڻ مهل نالن جو ورگ ملائڻ تمام ضروري آهي. جتي پاڻ ۾ دشمن ورڪ جو ميلاپ نہ ڪرڻ گهرجي.

جنم نکشتر موجب پاوا، ورڻ، سوامي، وير يوني، گڻ ۽ ناڙي

راس	نکشتر ۽ پاد		ورڻ	سوامي	يوني	وير يوني	گڻ	ناڙي
 ميکھ	اشوني ڀرڻي ڪرتڪا	۴ ۴ ۱	ڪتري ڪتري ڪتري	منگل منگل منگل	گھوڙو هاٿي گھيٽو	مينھن شينھن باندر	ديو منش راکاس	آديہ مڌيہ انتيہ
 ورک	ڪرتڪا روهڻي مرگشر	۳ ۴ ۲	وئش وئش وئش	شکر شکر شکر	گھيٽو نانگ نانگ	باندر نوريئڙو نوريئڙو	منش ديو ديو	آنتيہ مڌيہ مڌيہ
 متن	مرگشر آردرا پنورسو	۲ ۴ ۲	شوڌر شوڌر شوڌر	ٻڌ ٻڌ ٻڌ	نانگ ڪتو ٻلي	نوريئڙو هرڻ ڪوئو	ديو منش ديو	مڌيہ آديہ آديہ
 ڪرڪ	پنورسو پشيہ آشيلشا	۱ ۴ ۴	برهمڻ برهمڻ برهمڻ	چندرما چندرما چندرما	ٻلي گھيٽو ٻلي	ڪوئو باندر ڪوئو	ديو ديو راکاس	آديہ مڌيہ انتيہ
 شنگھ	مگھا پور ڦال اتر ڦال	۴ ۴ ۱	ڪتري ڪتري ڪتري	سوريہ سوريہ سوريہ	ڪوئو ڪوئو گانءِ	ٻلي ٻلي چيتو	راکاس منش منش	انتيہ مڌيہ آديہ
 ڪنيا	اتر ڦال هست چترا	۳ ۴ ۲	وئش وئش وئش	ٻڌ ٻڌ ٻڌ	گانءِ مينھن چيتو	چيتو گھوڙو گانءِ	منش ديو راکاس	آديہ آديہ مڌيہ
 تل	چترا سواتي وشاکا	۲ ۴ ۳	شوڌر شوڌر شوڌر	شکر شکر شکر	چيتو مينھن چيتو	گانءِ گھوڙو گانءِ	راکاس ديو راکاس	مڌيہ انتيہ انتيہ
 ورشچڪ	وشاکا انوراڌا جيشٽا	۱ ۴ ۴	برهمڻ برهمڻ برهمڻ	منگل منگل منگل	چيتو هرڻ هرڻ	گانءِ ڪتو ڪتو	راکاس ديو راکاس	انتيہ مڌيہ آديہ
 ڌن	مول پورشاڍا اتراشاڍا	۴ ۴ ۱	ڪتري ڪتري ڪتري	گرو گرو گرو	ڪتو باندر نوريئڙو	هرڻ گھيٽو نانگ	راکاس منش منش	آديہ مڌيہ انتيہ

	اتراشادا شروڻ ڌنشٽا	٣ ٤ ٢	وئش وئش وئش	شني شني شني	نوربيڙو باندر شينهن	نانگ گهيٽو هاٿي	منش ديو راڪاس	انتيہ انتيہ مڌيہ
	ڌنشٽا ستيشا پوپادر	٢ ٤ ٢	شوڌر شوڌر شوڌر	شني شني شني	شينهن گهوڙو شينهن	هاٿي مينهن هاٿي	راڪاس راڪاس منش	مڌيہ آديہ آديہ
	پوپادر اترپادر ريوتي	١ ٤ ٤	برهمڻ برهمڻ برهمڻ	گرو گرو گرو	شينهن گانءِ هاٿي	هاٿي چيٽو شينهن	منش منش ديو	آديہ مڌيہ انتيہ

تقرير جو سچو حال ٻڌائيندڙ ڦال ناما امتحان جو نتيجو

پريوءَ جو نالو وٺي ڪري سامهون ڏنل ڦال نامي ۾ ڪنهن بہ هڪ نالي تي پنهنجي ساڄي هٿ جي ٻاچ آڱر رکو. خاني جو نتيجو شُپ آشيِ هيٺ ڄاڻائجي ٿو. پاونا پويتر ۽ شڌ آهي تہ توهان کي جواب سچو ملندو سڄي ڏينهن ۾ فقط هڪ دفعو آزمايو.

٦	٧	٢
١	٥	٩
٨	٣	٤

جواب (1) توهان امتحان ۾ پاس ٿيندا.(2) آديم ڪر پڳوان توهان کي سڦلتا ڏيندو (3)اڄڪلهہ توهان جو نصيب چڪر ۾ آهي.(4) ڪوشش سان ڀڳوان ڪي بہ ياد ڪر (5) توهانجو پاس ٿيڻ مشڪل آهي ڇاڪاڻ جو توهان پڙهڻ ۾ ڌيان گهٽ ٿا ڏيو (6) توهان ضرور پاس ٿيندا فقيرن کي داني ڪندا ڪريو.(7) همت ڪندا تہ ضرور پاس ٿيندا. (8) محنت نہ ڪندا تہ ناپاس ٿيندا. (9) من لڳائي پڙهو نتيجو سٺو نڪرندو.

اڄ جو وقت ڪيئن گذرندو؟

جيڪڏهن توهان ڪنهن خاص سوال جو جواب ڄاڻڻ چاهيو ٿا تہ پهريائين ايشور جو نالو وٺي سامهون ڦالنامي ۾ ڪنهن بہ هڪ خاني تي پنهنجي ساڄي هٿ جي ڏسٽي آڱر رکو. سڄي ڏينهن ۾ فقط هڪ دفعو سوال پڇو.

١٠	٧	٤	١
١١	٨	٥	٢
١٢	٩	٦	٣

جواب (1) ڏينهن سٺو گذرندو. (2) چنتا ۽ دک ستائيندا. (3) اڄ جو ڏينهن سٺو ڪٽجندو (4) پرسنتا پراپت ٿيندي. (5) ڏينهن سٺو نہ گذرندو.(6)ڏينهن سٺو ڪٽجندو.(7) سٺو نہ گذرندو. (8) خراب گذرندو. (9) چنتا ۽ دک گهيرو ڪندا (10) تمام خراب گذرندو. (11) خراب گذرندو. (12) مڌيم گذرندو يعني وچولو گذرندو.

سال 2025 سنبت 2082 ۾ ڀڳوان شوِ جا چوماسي وارا ايڪاٽا






هن سال ڀڳوان شنڪر جا چوماسي وارا ايڪاٽا يعني ورت سانوڻ جي ڀهرين سهائي سومر تاريخ 28 جولاءِ 2025 کان شروع ٿيندا. هي ورت هر سومر تي رکبو آهي، ساندهه 4 مهينا اهڙي ورت جو وڏي انوسار پالن ۽ پوڄا ڪري ڪٿا ٻڌبي آهي ۽ ڪٿا ٻڌڻ کانپوءِ ايڪاٽو ڪجي،

هن دفعي 13 سومر ۽ 14 موڪلاٽو ٿيو آهي، جيڪو ڪارڪت مهيني جي سهائي چوٿ ڇنڇر 25 آڪٽوبر 2025ع تي ٿيندو.

اهڙيون 4 مندون هي ورت رکبو آهي، يعني 4 سال ساندهه رکڻ گهرجي ان کي چوڪڙي چئبو آهي، اهڙيون 4 چوڪڙيون 12 سال ڪبيون آهن، هن ورت رکڻ سان سهاڳ جو واڌارو، پتي جي عمر وڏي، سُک سمپتي ۽ پتر سنتان جي پراپتي ٿئي، من جون مرادون پوليون ناٿ پرسن تي پورڻ ڪري ٿو، من کي آنند ملي ٿي ۽ خراب گرهن جو اثر گهٽجي ٿو، ڪنهن چاٽو برهمڻ جي گهر يا مندر ۾ برهمڻ جي مکاروند مان ڪٿا ٻڌڻ گهرجي



شوِ پرشنا ولي



پرشنا ولي ڏسڻ جي ريت





سوال ڪرڻ وارو ڀڳوان شوِ جو ڌيان ڪري ۽ اوم نمهه شوايه چئي ڪري سامهون پرشنا وليءَ ۾ ڪنهن به هڪ انگ تي آگر رکي ۽ پنهنجي سوال جو جواب هن ريت ڄاڻي.

١	٢٣	٢١	٢٠	٦
٢۴	٣	٢٢	٧	١٩
١١	١٢	٢	٨	١٨
١٣	٩	٢٥	۴	١٧
١٠	١۴	١٥	١٦	٥

ڦل (1) ڌن لاڀ سلو ڪم ۾ سڦلتا (2) ڪشٽ دور ٿئي ۽ ڌن لاڀ (3) ڪم سُڌ ٿيندو (4) دشمن کان پاڻ سنڀاليو. ڪم سُڌ ٿئي (5) سُڌو ڌن لاڀ (6) منوڪامنا پورڻ ٿيندي (7) دوستن جي مدد سان ڪم ۾ سڦلتا (8) اڃا دير آهي (9) اِڃا پورڻ ٿيندي (10) ڌن لاڀ، ڪارج سُڌ (11) دير سان ڪم سُڌ ٿيندو (12) ڪم نه ٿيندو (13) ڪم سُڌ نه ٿيندو (14) ڏکڻ اولهه مان لاڀ ٿيندو (15) پريمي جي مدد سان ڪارج سُڌ ٿيندو (16) ڪم نه ٿيندو (17) خوشي ۽ ڌن لاڀ (18) محنت سان ڪم سُڌ ٿيندو (19) 3 مهينن ۾ ڪم ٿيندو (20) ڪارج سُڌ ٿيندو (21) ڪم نه ٿيندو (22) ڪم سُڌ ٿيندو (23) ڌن لاڀ (24) منوڪامنا پورڻ ٿيندي (25) مترن جي مدد سان ڪارج سُڌ ٿئي.



ڇوڪرا ۽ ڇوڪريءَ جي مڱڻي وقت لهڻا ڏيڻي ڏسڻ





هندو سماج ۾ گرهن جي ميلاپ لاءِ لهڻا ڏيڻي جاچڻ جو دستور آهي. اهو 12 راسين جي انگن تي ٻڌل آهي. رواجي طرح 5-9 ۽ 3-11 ۽ سٺا، 2-12 ۽ 6-8 خراب، 7-7 ۽ 10-4 موچارا چئبا آهن. اهو اسانجي دلين تي اثر آهي ته ڇوڪريءَ جي لهڻي وڏيڪ هئڻ شبي آهي. مثال ڇوڪريءَ جي راس مئن ۽ گهوٽ جي راس ڪنڀ-ڇوڪري 9 لهڻي ۽ گهوٽ 5 پر مٿن راس جو مالڪ ٻڌ ۽ ڪنڀ راس جو مالڪ شني پاڻ ۾ دوست ڪونهن پر سم آهن. ان لاءِ اهو شبي ته ڪونهي. ساڳئي نموني ڇوڪري ڪرڪ راس جي ۽ گهوٽ ورشچڪ راس جو 5-9 برابر ٿيا پر ٻنهي راسين جا مالڪ منگل ۽ چندرما متر ڪونهن پر سم آهن اهو به شبي ڪونهي. ائين به چئبو ته ڏوئا ٻاري (2–12 يا 12–2) ۽ اٺ ڇناڪو (8-6 يا 6-8) ابتا سبتا اشبي آهن، پر اهو وهم رکڻ ٺيڪ ناهي، لهڻا ڏيڻي جاچڻ وقت اهو ڏسڻ ضروري آهي ته ڇوڪر ۽ ڇوڪريءَ جي راسين جا مالڪ پاڻ ۾ متر آهن ٻنهي راسين جو مالڪ ساڳيو آهي ته اهو جوڙو شبي (ٺيڪ) آهي. اهڙيون مائٽيون ڪرڻ گهرجن پر ڇڏڻ ٺيڪ ناهن. اٺ ڇناڪو يا ڏوئا ٻاري گهڻو ڪري پاڻ خراب ليکيندا آهيون ۽ بنا ڪي سوچ ويچار جي يا ڪنهن براهمڻ کي ڇني ڏيکارڻ کان اڳ ئي مائٽن لاءِ انڪار ڪبي آهي، ڇاڪاڻ جو اٺ ڇناڪو يا ڏوئا ٻاڙي آهي. لهڻا ڏيئيءَ کي جوتش شاستر ۾ ”**ڀٽڪو**“ جي نالي سان سڏبو آهي. جوتش انوسار مڱڻي مهل ڇوڪر ۽ ڇوڪريءَ جي ڄڻين جي ميلاپ سان گڏ گڻن جو ميلاپ ضرور جاچڻ گهرجي. انهي ”**ڳڻ ميلاپ**“ ۾ جملي36 گڻ ٿين ٿا. جي هيٺين راسين ۾ ورهايل آهن.

لهڻا ڏيئي 8، ناري ميلاپ 7، گڻ ميلاپ 6، گرهه ميلاپ 5، يوني ميلاپ 4، تارا ميلاپ 3، ورڻ وشيه ميلاپ 3، ٽوٽل 36 گڻ يا مرڪون هجن ته، ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جو ٺيڪ ٿيندو.


سهڻي صلاح آهي ته اٺ ڇناڪو يا ڏوئا ٻاري ٻڌي هيسجي نه وڃجي يا 5-9 3 11-4-10 يا 7-7 راسين تي موهجي مائٽي لاءِ ها ڪريو. پر جي ٻنهي ڇوڪر ۽ ڇوڪريءَ جي راس جو سوامي ساڳيو يا پاڻ ۾ ٻئي متر هجن، اهو ڏسڻ تمام ضروري آهي. يوگ-سورج ۽ چندرما جي نڪشترن جي شمار کي جوڙ ڪري هنن جو حساب لڳايو وڃي ٿو. جي ڪل 27 يوگ آهن.

يوگ (1) وشڪمڀ (2) پريتي (3) آيوشمان (4) سڀاڳ (5) شوڀن (6) انيگنڊ (7) سوڪرما (8) درتي (9) شول (10) گنڊ (11) ورڌي (12) درو (13) وياگهات (14) هرشڻ (15) وجو (16) سڌي (17) وئيپات (18) وريان (19) پرگهه (20) شو (21) سڌ (22) ساڌيه (23) شبي (24) شڪل (25) برهم (26) ايندر (27) وئدرت.

ڪرڻ هر هڪ ۾ ٻه ڪرڻ ٿيندا آهن، 60 گهوڙيون رات ۾ هرهڪ ڪرڻ ۾ اٽڪل 24 گهوڙيون ٿينديون آهن. (1) ووشچه (2) بانو (3) ڪولُوُ (4) نئيٽل (5) گر (6) وڻج (7) وشٽي (8) شڪتي (9) چنشيان (10) نانگ (11) ڪتو.



لڳن ڪيڻ جو طريقو



نوٽ: ڏينهن رات ۾ 12 لڳن ٿيندا آهن 6 ڏينهن جا ۽ 6 رات جا

14 جنوري کان 12 فيبروري تائين: هر روز صبح جو مڪر لڳن کان شروعات ٿيندي.
13 فيبروري کان 14 مارچ تائين: هر روز صبح جو ڪنڀ لڳن کان شروعات ٿيندي.
15 مارچ کان 13 اپريل تائين: هر روز صبح جو مين لڳن کان شروعات ٿيندي آهي.
14 اپريل کان 14 مئي تائين: هر روز صبح جو ميک لڳن کان شروعات ٿيندي آهي.
15 مئي کان 14 جون تائين: هر روز صبح جو ورک لڳن کان شروعات ٿيندي آهي.
15 جون کان 15 جولاءِ تائين: هر روز صبح جو مٿن لڳن کان شروعات ٿيندي آهي.
16 جولاءِ کان 16 آگسٽ تائين: هر روز صبح جو ڪرڪ لڳن کان شروعات ٿيندي آهي.
17 آگسٽ کان 16 سيپٽمبر تائين: هر روز صبح جو شنگهه لڳن کان شروعات ٿيندي آهي.
17 سيپٽمبر کان 16 آڪٽوبر تائين: هر روز صبح جو ڪنيا لڳن کان شروعات ٿيندي آهي.
17 آڪٽوبر کان 15 نومبر تائين: هر روز صبح جو تل لڳن کان شروعات ٿيندي آهي.
16 نومبر کان 15 ڊسمبر تائين: هر روز صبح جو ورشچڪ لڳن کان شروعات ٿيندي آهي.
16 ڊسمبر کان 13 جنوري تائين: هر روز صبح جو ڌن لڳن کان شروعات ٿيندي آهي

چنڊ ڏسڻ جو طريقو

ڪنهن به مهيني ۾ ڏسبو ته ديو تٽ ٽيج سائي ڪهڙي ڏينهن آهي. ان ڏينهن چنڊ ٿيندو. اگر ٽيج سائي منگل جي ڏينهن آهي ته چنڊ به منگل جو ٿيندو. مطلب ته جهڙي به ڏينهن ديو تٽ سائي هوندي اهڙي ڏينهن چنڊ ٿيندو.



جڻين جا شڌ ۽ شڀ مهورت

جڻين جي شڌ ۽ شڀ مهورت کان سواءِ فقط وڏي عمر جي ڇوڪرن لاءِ وڏا ڏينهن جهڙوڪ سنبت جي پهرين ڏينهن، چيٽي چنڊ، ويساکي، رام نومي، اکڻ ٽيج، گنگا دسهڙو، ڌن تيرس ڪارتڪ، شڌي ايڪم، ڀائو ٻيج، ڪارڪت، سڌي گيارس، مهاشورانڙي، ڦڳڻ سڌي ٻيج، ڪنهن به چنڊ، ست نارائڻ يا مکيه چئن نکشترن اشوني، چترا، شروڻ ۽ ڌنشنا يا گرو پکيه تي جڻين جو شڀ ڪاريه ڪري سگهجي ٿو.
باقي ياد رهي ته نالي واري راس کان 4 يا 8 سوريه يا چندرما جهڙ حالت ۾ نه هئڻ گهرجي. جنم جو مهينو به نه هئڻ گهرجي ۽ تارو ٻڏل نه هجي.

نوانگ نياس

کاٻي هٿ ۾ پاڻي جهلي ساڄي هٿ جي سيني آگرين سان پاڻي کي ڇهي پوءِ هيٺ ڏيکاريل انگن کي منتر چئي ساڄي هٿ جون پنجئي آگريون لڳائيجن.

(1) اوم گووندايه نمهه: چئي مک کي ڇهي.
(2) اوم وشڻوي نمهه: چئي ٻنهي ناسن کي ڇهي.
(3) اوم مڌو سودنايه نمهه: چئي اکين کي ڇهي.
(4) اوم ترويڪر مايا نمهه: چئي ٻنهي ڪنن کي ڇهي.
(5) اوم وامنايا نمهه: چئي ٻنهي ٻانهن کي ڇهي.
(6) اوم شري ڌاريه نمهه: چئي نابي کي ڇهي.
(7) اوم رشي ڪيشايا نمهه: چئي هرديه، ڇاتي کي ڇهي.
(8) اوم پدمنا ڀايه نمهه: چئي ڳلي کي ڇهي.
(9) اوم داموداريه نمهه: چئي مٿي کي ڇهي.

پنچڪ ڇا کي چئبو آهي

هڪڙي ڏينهن ڪنهن دئيت وشو روپ کي وجي چيو تہ تنهنجي ماتا بہ دئيت جي ڌي آهي. انهي ڪري سيني جي بهتري جي لاءِ هڪڙي آهوتي دئيتن جي نالي تي بہ يگيہ ۾ ڏيو تہ چڱو جڏهن وشو روپ ان جو چيو مڃي آهوتي ڏيڻ وقت دئيتن جو نالو بہ آهستگي سان ورتو تہ ان ڪري ديوتائن جو تيج يگيہ ڪرڻ سان بہ نہ وڌيو تہ اندر غصي ۾ اچي تئي سر وشو روپ جا وڍي ڇڏيا. جن مان شراب پيئڻ وارو سر پوئنرو سومر ۽لي پيئڻ وارو سر ڪبوتر ۽ اناج کائڻ وارو سر تتر پکي جو روپ وٺي دنيا ۾ پيدا ٿيا.

وشو روپ جي مرندي ئي اندر جي صورت برهم هچا جي گهيرڻ ڪري بدلجي ويئي. جڏهن ديوتائن جي هڪڙي سال تائين پشچاتاپ ڪرڻ تي بہ اهو ڀاري پاپ برهم هچا جو بہ ڇٽو. تڏهن اندر ۽ ٻين جي وينتي ڪرڻ سان برهما جيءَ ان برهم هچا کي پنج حصا ڪيا.

پهريون حصو زمين کي ڏنو انهيءَ سبب زمين جي ٻوک ڪٿي ڪٿي بنا اناج رهي ٿي، اتي پوڄا ۽ پاٺ نہ ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي عيوض اهو وردان زمين کي ڏنائين تہ جتي کڏ کوٽيو هوندو تہ ڀرجي ويندو.

ٻيو حصو وڻن کي ڏنائين جنهن ڪري کي وڻ کونئر ۽ لاوا لڳڻ ڪري سڪي ٿا وڃن سواءِ گوگل جي ٻيا سڀ گود اشڏ آهن ۽ ڪين آشيرواد ڏنائين تہ وڍجڻ تي بہ پاڙ رهن سان وري اسرندو.

ٽيون حصو استرين کي ڏنائين انهي سبب ڪري استري هر مهيني رجسالا {حيض سان} ٿي، پهرين ڏينهن چنڊال ٻئي ڏينهن برهم گهاتي، ٽئين ڏينهن ڌوٻڻ ۽ چوٿين ڏينهن شڌ ٿئي ٿي ۽ وردان استرين کي هي مليو تہ اهي هميشہ ڪامديو ٻٽيو رهن، انهي ڪري گرڀ واري استري جو من بہ ڀوڳ ڪرڻ جي چاهنا رکندو آهي.

چوٿون حصو پاڻي کي مليو جنهن ڪري پاڻي تي گجي ٽيڻ ۽ ڦوڻا وغيره ٿين ٿا ۽ پاڻي کي اهو وردان مليو تہ ڪنهن شيءِ ۾ پاڻي پوي تہ اها شيءِ گهٽي ٿئي.

پنجون حصو اگن کي مليو جيڪا اگن ۾ دونهون آهي سو دونهون اگن کي ڍڪي ٿو ۽ اگن کي وردان مليو تہ مون ۾ جيڪا بہ شئي پئي هو تون جهڙو رنگ ڪندي.

اهڙي طرح اندر پاپ جي پنج حصن ۾ ورهائجي وڃڻ ڪري شڌ ٿي پنهنجو راڄ ڪرڻ لڳو. ان ڪري برهم هچا کي پنج حصن ۾ ورهائي نالو رکيو ويو ''پنچڪ'' جيڪو ڌنشٽا نڪشتر کان ريوتي نڪشتر تائين هر مهيني ۾ ايندا آهن. مهاڀارت ۾ دروپتي کي پنج دفعا پتي پتي پڪارڻ سان پنچالني ڪري چوندا آهن. جيئن گنگل جل ۾ ڌهي، ڪيس گهي ۽ ماکي ملائڻ سان پنج امريت ڪري چوندا آهن. اهڙي طرح برهم هچا کي پنجن حصن ۾ ورهائڻ سان ''پنچڪ'' ڪري چوندا آهن.

ڪهڙي ڏينهن ڪهڙو پنچڪ لڳندو آهي

ڏينهن جو نالو	آتوار	سومر	منگل	ٻڌر	وسپت	شڪر	ڇنڇر
پنچڪ جو نالو	روگ	راجا	اگن	مرتيو	ٻاڻ	چور	مرتيو



ڇنڇر جي ساڍي ست ورهيءَ اڍائي ورهي



پنهنجيءَ راس کان جيڪڏهن 1، 2 ۽ 12 ڇنڇر هجي تہ ڇنڇر جي ساڍي ست ورهي ليکبي ۽ جيڪڏهن 4 ۽ 7 هجي تہ اڍائي ورهي چاٽجي. جهڙيءَ طرح ڊاڪٽر مريض کي ڪنهن محل مٺي ۽ ڪنهن محل ڪڙي دوا ڏيندو آهي. تهڙيءَ طرح زندگي ۾ لاهي چاڙهي ڏيکارڻ لاءِ انسان مٿان ڇنڇر تي اچي ٿي، جيڪا ڪنهن کي راجا مان رنڪ (فقير) بڻائي تہ ڪنهن کي وري رنڪ مان راجا بڻائي ٿي. ڇنڇر جي پنوتي مدار ڪي تي پائي تي، لوهہ ۽ سون جو پايو هجي تہ هاجيڪار ۽ دکدائي ٿئي. ٽامي ۽ چانديءَ جو پايو هجي تہ فائديمند ۽ سُکدائي ٿئي.

ڇنڇر جي پائي ڪڍڻ جو ڪوٺو



٢	٥	٩	چاندي	سريشٽ
٤	٨	١٢	لوهہ	هاجي ڪارڪ
٣	١٠	٧	ٽامو	سکدايڪ
١	١١	٦	سون	هاجي ڏُک



پائي ڪڍڻ جي ريت: جنهن ڏينهن ڇنڇر گرهہ هڪ راس مان ٻي راس ۾ وڃي ٿي، اُن ڏينهن جنهن راس ۾ چندرما هجي سو پنهنجيءَ راس کان ڳڻجي تہ پايو ملندو.

خاص ڌيان تي: جنم ڪنڊليءَ ۾ جيڪڏهن ڇنڇر اچ جو (تل راس ۾ 20 انش تائين) يا سو گرهي (مُڪر ۽ ڪنڀ راس ۾) آهي تہ خراب ڦل ڪونہ ڏيکاريندو. (2) جيڪڏهن ڇنڇر جنم ڪنڊليءَ ۾ لگن جو سوامي 5 ڀاؤ جو سوامي ۽ 9 ڀاؤ جو سوامي تي ڪري 3، 6 يا 11 ڀاؤ ۾ هجي تہ سُک جي پراپتي ٿئي. ڌن ۽ واپار ۾ لاڀ رسائي ٿو.




ميک راس: شني چاندي جو پايو هئڻ ڪري ڌن دولت ۽ تعليم ۾ رڪاوٽ اچي، پر اچانڪ ڌن جو لاڀ ترقي جو چانس ٿئي، ڪجهہ گهريلو پريشانيون ٿي سگهن ٿيون.



ورک راس: شني سون جو پايو هئڻ ڪري ذهني تناوِ وڌي. گھريلو الجهن ٿئيءَ آمدني لاءِ ڀڄ ڊوڙ ڪرڻي پوي. واپاري پريشانيون ۽ خرچ وڌي، بيحد مشڪل سان گذاري لائق آمدني ٿئي



مٿن راس: شني ٽامي جو پايو هئڻ ڪري گذاري لائق آمدني ٿيندي رهي. ڪاروباري پريشاني،آمدني گھٽ خرچ گھڻو ٿئي، گذاري لائق آمدني ٿيندي رهي



ڪرڪ راس: شني لوه جو پايو هئڻ ڪري گھريلون پريشانيون رهن، مذهبي ڪمن ۾ رجحان وڌي. ڌن جو لاڀ ٿئي چمڙي جي بيماري ٿيڻ جو انومان آهي، جسماني تڪليف ٿي سگھي ٿي،




شنگھ راس: شني چاندي جو پايو هئڻ ڪري ترقي ۽ فائدو ٿئي، ويجهن مائٽن سان اٽڪٽ ۽ ٽڪراءَ ٿي سگھي ٿو



ڪنيا راس: شني ٽامي جو پايو هئڻ ڪري وڌيڪ جدوجهد ڪرڻي پوي، محنت ڪرڻ سان آمدني جا ذريعا وڌندا، ذهني پريشانيون ٿين،



تل راس: شني سون جو پايو هئڻ ڪري گھڻي محنت کان پوءِ ڌن لاڀ ٿئي، جدجهد ڪرڻ سان ترقي ٿئي، اولاد ۽ استري مان سک گھٽ ملي، ۽ ذهني پريشانيون ٿين



ورشچڪ راس: شني لوھ جو پايو هئڻ ڪري تمام گھڻي محنت ۽ جدوجهد ڪي منهن ڏيڻو پوي، ڪمن ۾ رڪاوٽ اچي، اوچتو بيماري ٿيڻ ڪري جسماني ۽ ذهني تڪليف ڀوڳڻي پوي.



ڌن راس: شني سون جو پايو هئڻ ڪري ذهني تناو رهي، ڀائرن ۽ مٽن مائٽن سان اٽڪٽ ٿئي، ذهني پريشانين سبب ٿيندڙ ڪمن ۾ رڪاوٽ اچڻ جو انومان آهي



مڪر راس: شني چاندي جو پايو هئڻ ڪري گھريلو ۽ مالي الجهن رهي، آمدني گھٽ ۽ ڌن جو خرچ وڌيڪ ٿئي، چاندي جو پايو هئڻ سان وچ وچ ۾ ڌن لاڀ ٿئي، ۽ ڪجھ پريشانيون دور ٿين



ڪنڀ راس: شني ٽامي جو پايو هئڻ ڪري محنت ڪرڻ سان آمدني جا ذريعا وڌن، زمين جي خريداري ، موٽر ڪار يا ٻي سواري جو خريد ڪرڻ جو چانس آهي، شادي وواھ جو پڻ يوگ ٿئي



مين راس: شني لوھ جو پايو هئڻ ڪري مالي نقصان ٿئي، گھريلو پريشانيون وڌن، ڪاروبار ۽ ٻين ڪمن ۾ رڪاوٽ اچڻ ۽ شني جي اُستتي ۽ پاٺ ڪرڻ سٺو رهندو

شڀ ڪم ڪرڻ لاءِ ڏينهن ۽ رات جا چوگهڙيا

شڀ ڪم لاءِ ڏينهن جا چوگهڙيا

شڀ — اشڀ

آرتوار	سومر	منگل	ٻڌر	وسپت	شڪر	ڇنڇر	پاڪستان ٽائيم
ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چر	ڪال	6-00 کان 7-30
چر	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	7-30 کان 9-00
لاڀ	شڀ	چر	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	9-00 کان 10-30
امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چر	ڪال	ادويگ	10-30 کان 12-00
ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چر	12-00 کان 1-30
شڀ	چر	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	1-30 کان 3-00
روڳ	لاڀ	شڀ	چر	ڪال	ادويگ	امرت	3-00 کان 4-30
ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چر	ڪال	4-30 کان 6-00

نوٽ

چوگهڙين مان شڀ، امرت ۽ لاڀ ڪو به شڀ ڪم ڪرڻ لاءِ چڱو آهي. هر هڪ چوگهڙيو چئن گهڙين جو ٺهيل آهي، يعني ڏيڍ ڪلاڪ هلندو آهي. سج اُڀرڻ کان وٺي وري سج لهڻ تائين ڏينهن وارا چوگهڙيا ڌيان ۾ رکڻ گهرجن ۽ سج لهڻ کان وٺي سج اڀرڻ تائين رات جي چوگهڙين جو حساب ڏسڻ گهرجي.

شڀ ڪم لاءِ رات جا چوگهڙيا

شڀ — اشڀ

آرتوار	سومر	منگل	ٻڌر	وسپت	شڪر	ڇنڇر	پاڪستان ٽائيم
شڀ	چر	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	6-00 کان 7-30
امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چر	ڪال	ادويگ	7-30 کان 9-00
چر	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	9-00 کان 10-30
روڳ	لاڀ	شڀ	چر	ڪال	ادويگ	امرت	10-30 کان 12-00
ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چر	12-00 کان 1-30
لاڀ	شڀ	چر	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	1-30 کان 3-00
ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چر	ڪال	3-00 کان 4-30
شڀ	چر	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	4-30 کان 6-00

بيماري ۾ آپريشن يا علاج لاءِ مهورت

نکشتر ريوتي، هست، چترا، اشوني، پنروسو، شروڻ، ڌنشٽا، ستتارا، اتر ڦالگني، مول، سواتي ۽ انوراڌا هجن. ٿتيون ائين، نوم ۽ اماس نه هجن. ڏينهن منگل، ڇنڇر ۽ آرتوار نه هجن. چندرما نيچ راس جو نه هجي ته بهتر. آپريشن ۾ تڪليف نه ٿيندي.

راسين تي گهاتي خراب نڪشتر، ڏينهن ۽ مهينا

راس	ميک	ورک	مٿن	ڪرڪ	مگها	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن	مکر	ڪنڀ	مين
گهاتي	ميک	شنگهه	ڌن	ورک	ڪنيا	مکر	مٿن	تل	ڪرڪ	ورشچڪ	ڪنڀ	مين
ڏينهن	آرتوار	ڇنڇر	سومر	ٻڌر	ڇنڇر	ڇنڇر	وسپت	شڪر	شڪر	منگل	وسپت	شڪر
نڪشتر	مگها	هست	سوائي	انوراڌا	مول	شروڻ	ستيش	ريوتي	پرٽي	روهڻي	آرادرا	آشليشا
ٿت	پروا	پنجئن	ٻيج	ٻيج	ٽيج	پنجئن	چوٿ	پروا	ٽيج	چوٿ	ٽيج	پنجئن
مهينو	ڪتي	ناهري	آکاڙ	پوهه	جيٺ	بدو	مانگهه	اسو	سانوڻ	ويساک	چيٽ	ڦگڻ

شڀ ڪم ڪرڻ جا مهورت

شڀ ڪم	تٿ	ڏينهن	شڀ نڪشتر	ڪيفيت
ٻالڪ جو نالو رکڻ	2،3،5،7، 10،11،13 شڀ آهن	سومر، وسپت، ٻڌر ۽ شڪر شڀ آهن	اشوني، روهڻي، پنروسو پشيه، اتراڦالگني، اتراشاڍا، اتراڀادرپدا هست، چترا، سواتي، انوراڌا شروڻ ستيشا، ريوتي	لگن ستر هجي، لگن کان 1، 4، 7، 9 ۽ 10 گهر ۾ شڀ گرهه هجن. 3، 11 پاپي گرهه هجن، 8 ۽ 12 شڌ هجن.
جڻيو پائڻ	2، 3، 5، 6 1، 11، 12 شڀ آهن	آرتوار، سومر ٻڌر، وسپت ۽ شڪر شڀ آهن	اشوني، مرگشر، روهني، آردرا پنروسو، پشيه، آشيشا، مول اتراڦالگني، اتراشاڍا، اتراڀادرپدا، هست، چترا، سواتي، انوراڌا شروڻ، ڌنشٽا، ستيشا، ريوتي	برهمڻ کي 5، 8، 16 ورهين ۾، ڪتري کي 16، 10، 22، ورهيه، وئش کي 8، 12، 14 ورهين ۾ چيٽ ويساک، جيٺ، آکاڙ، مانگهه، ڦڳڻ، مهينا هجن، 1، 5، 8 گهر ۾ پاپي گرهه نه هجن.
مڱڻي ڪرڻ	1، 4، 8، 9 12 ۽ 16 نه هجن	آرتوار، منگل يا ڇنڇر ڏينهن نه هجن	ڪرتڪا، روهڻي، مرگشر مگها، اتراڦالگني، اتراشاڍا اتراڀادرپدا، هست ۽ ٽئي پوروا نڪشتر	سواتي، انوراڌا، مول، ريوتي نڪشتر ۽ 4 ۽ 8 گهر ۾ چندرما نه هجي.
نئين جڳهه ٺهرائڻ	2، 3، 5، 7 10، 11، 12 13 شڀ آهن	منگل ۽ آرتوار ڏينهن نه هجن.	روهڻي، مرگشر، پنروسو پشيه، هست، چترا، سواتي ٽئي اترا، ڌنشٽا، ريوتي	وينساک، ساوڻ، ناهري مانگهه، ڦڳڻ مهينا نه هجن، ڪارتڪ مڌيم، زمين ويران نه هجي.
زمين ۾ ٻج پوکڻ	2، 3، 5، 7 10، 11، ۽ 13 شڀ آهن	آرتوار، ڇنڇر منگل ڏينهن نه هجن	اشوني، روهڻي، مرگشر پنروسو، پشيه، مگها، ٽيئي اترا، هست، چترا، سواتي انوراڌا، ڌنشٽا، مول ۽ ريوتي	لگن ستر هجي، چوٿين گهر ۾ شڀ گرهه يا ان جي درشٽي هجي، يا چوٿين گهر جي مالڪ جي پنهنجي گهر ڏانهن نظر هجي.
علاج ڪرائڻ	4، 8، 9، 10 نه هجن	آرتوار، منگل ڇنڇر ڏينهن نه هجن.	اشوني، پنروبسو اتراڦالگني، هست چترا، سواتي، انوراڌا	مول، شروڻ، ڌنشٽا، هست پرواشاڍا، رتوتي، چندرما شڀ لگن سٺو ٿيندو
ڪيس داخل ڪرڻ	4، 9، 12 شڀ آهن	منگل يا ڇنڇر شڀ آهن	مگها، مول، ريوتي جشٽا، آشليشا ۽ آردرا	گرو چندرما لگن ۾ هجي ڏهين گهر ۾ شڀ ۽ ڇهين گهر ۾ اشڀ گرهه هجن.

ٻالڪ جو ڀير گهڻ ۾ جنم جو ڦل

ڏينهن	آرتوار	سومر	منگل	ٻڌر	وسپت	جمع	ڇنڇر
نکشتر	مگها	وشاکا	آردرا	مول	ڪرتڪا	روهڻي	هست

جيڪڏهن مٿي ڏيکاريل ڏينهن تي ڄاڻايل نکشتر هجن ۽ ٻار ڄمي ته اهو ڀير گهڻ يوگ ۾ ڄاول ٻار هوندو. اهو ڀير گهڻ يوگ ۾ ڄاول ٻار ماتا لاءِ ڏک ڏائي ٿيندو آهي. جنهن لاءِ ڀير گهڻ شانتي پوڄا ڪرائڻ ضروري آهي يا ان جي شانتي لاءِ ڪنجي جي ٿالي جو ترو ڪڍي ٻالڪ کي ان مان لنگهائڻو آهي يا ڪسي کوٺي ان مان تيل وهائجي ته شانتي ٿئي. آزمودي مان ڏٺو ويو اهي ته ٻار سک ڏائي ۽ شڀ ٿئي ٿو. ڀير گهڻ ۾ ڪوبه شڀ ڪاريه پڻ نه ڪرڻ گهرجي. ڀير گهڻ ڄاول ٻالڪ هرمند ۽ چالاڪ ٿيندو پر سدائين هٿ تنگ رهندس.

جدا جدا ڏينهن ۾ جنم وٺن ڪري ٻالڪ تي اثر

هيٺ جدا جدا ڏينهن تي ٻار جي جنم وٺڻ سان انهن جو سڀاءُ جيون هيٺين ريت گذري ٿو آرتوار: هن ڏينهن ڄاول ٻار سشيل ۽ عزت وارو، وديا ۽ هنر ۾ ماهر ٿئي ٿو. سومر: رات جو ٻه سني چال چلت وارو ۽ ڏينهن جو ته جلد مرتيو يوگ مگر ڪشٽ نوارڻ لاءِ شو اڳيان ڏيئو جو ڏان ڪرائجي. منگل: خراب هلت وارو. ٻڌر: گيانوان ۽ سنيال رکڻ وارو. وسپت: لنبر ۽ ڀڳتي وارو. شڪر: رات جو شرابي ڪبابي، ڏينهن جو ڀاڳ وارو ۽ ڌنوان. ڇنڇر: ڇئيوان ۽ نماڻو ٿئي ٿو.


سڳنن ۾ ڄاول ٻار

مگها، مول، آشليشا ۽ جيشٺا اُنهن نکشترن ڄاول. ٻار کي سڳنن يعني ڀارن جو ليکبو. اهڙي طرح ڄاول ٻار جنيلو سڀاءُ ۾ تيز، کي قدر پتا ۽ ماتا لاءِ دکداءِ ۽ پنهنجي بدن ۾ روڳي ٿيندو آهي. انهيءَ ساڳي جنم واري نکشتر ۾ جو ورندي 28 ۽ 29 ڏينهن ٿيندو آهي، تنهن ۾ شانتي پوڄا ڪرائڻ بلڪل ضروري آهي. (جيشٺا نکشتر ۾ ٻار جو جنم) جيشٺا نکستر جي پهرئين پائي ۾ ڄاول ٻار پنهنجي وڏي ڀاءُ جي لاءِ دکدائيڪ ٿيندو آهي ٻئي پائي ۾ ننڍي ڀاءُ جي لاءِ دکدائي. ٽئين پائي ۾ ماتا لاءِ خراب ۽ چوٿين پائي ۾ پنهنجي خود شرير لاءِ خراب ٿيندو آهي پر ڏيءُ خاص ڪري وڏي ڀاءُ پاتا ماتا لاءِ دکدائيڪ ڪانه ٿيندي آهي. جيشٺا جون پهريون چار گهڙيون ايڪٽ مول يوگ چئبو آهي. ان وقت ڄاول ٻار جو منهن 8 يا 6 مهينا يا 27 ڏينهن گهٽ ۾ گهٽ پتا کي ڏسڻ نه گهرجي. اهڙي يوگ کي "ڏن ڪنڊ" چئبو آهي. جنهن لاءِ شانتي پوڄا ڪرائڻ ضروري آهي.

ڏشا سول جو ورنن ويچار

ڏشا سول هجي ته دان ڪجي

ڏينهن	ڪهڙو دان ڪرڻ گهرجي
ڇنڇر جو	ڪاري مانهه اڙد دان ڪرڻ سان شيءِ ڦل رهندو.
آچر جو	گيهه دان ڪرڻ سان شيءِ ڦل ملندو.
سومر جو	کير ۽ ڏوئرو دان ڪرڻ گهرجي.
منگل جو	ڳڙ ۽ ڳوگل دان ڪرڻ گهرجي.
ٻڌر جو	تيل ۽ اَن دان ڪرڻ گهرجي.
خميس جو	پان ڦول دان ڪرڻ گهرجي.
جمعو جو	جَوَ، کير ۽ ڏوئرو دان ڪرڻ گهرجي.



ڏشا سول جو ويچار

ڏشا سول ۾ مسافري نه ڪرڻ گهرجي. ڏشا سول هميشه پٺيرو ۽ ڪاٻي پاسي هجڻ گهرجي. ڏشا سول سامهون ۽ ساڄي پاسي تمام خراب سمجهڻ گهرجي


ڏينهن	ڪهڙي طرف نه وڃڻ گهرجي
ڇنڇر ۽ سومر جو	اوڀر طرف نه وڃڻ گهرجي.
خميس جو	ڏکڻ طرف نه وڃڻ گهرجي. خراب ۽ اشڀ آهي.
آچر ۽ جمع جو	اولهه طرف نه وڃڻ گهرجي، اشڀ آهي.
منگل ۽ ٻڌر جو	اتر طرف نه وڃڻ گهرجي، خراب اشڀ آهي.

هر شيءِ ڪم لاءِ چندرما جي سواري ڏسڻ جو ڦل

هر هڪ راس ۾ چندرما جو ڦل	رنگ	سواري
ميک، ورک ۽ سنگهه راس ۾ چندرما هجي ته	لال	هاٿي
مٿن، مين ۽ ڌن راس ۾ چندما هجي ته	هئيڊو	گهوڙو
مڪر، ڪنڀ ۽ ڪرڪ راس ۾ چندرما هجي ته	ڪارو	پاڏو
ورشڇڪ، تل ۽ ڪرڪ راس ۾ چندرما هجي ته	اڇو	ڍڳو

نوٽ: لال ۽ ڪاري رنگ ۾ خراب ۽ اشڀ ڦل آهي.

يوگڻي ڏسڻ جو ڦل



يوگڻي ڏسڻ جو رستو


پروا ۽ نوم ايرندي تي،تيج ۽ اگيارس اوير ۽ ڏکڻ کنڊ تي،پانچم ۽ تيرس ڏکڻ تي،چوٿ ۽ ٻارس ڏکڻ اولهه جي کنڊتي،ڇٽ ۽ چوڏس اولهه تي،ساتم ۽ پورڻما اولهه جي کنڊ تي،ٻيج ۽ ڏسين اترين تي، اماوس ۽ آٺم اتر ۽ اوير جي کنڊ تي هجن تہ يوگڻي سمجهڻ گهرجي.

جوڳڻيءَ جي هميشہ سامهون نہ وڃڻ گهرجي .


ڪال راهو ڏسڻ جو ڦل

ڪال راهو ڏسڻ جو رستو

چنڇر ڏينهن اوير تي،شڪر ڏينهن اوير ڏکڻ جي کنڊ تي، وسپت جي ڏينهن ڏکڻ تي، ٻڌر جو ڏکڻ اولهہ جي کنڊ تي، منگل ڏينهن اولهہ تي، ۽ سومر جي ڏينهن اتر جي کنڊ تي هجي تہ ڪال راهو سمجهڻ گهرجي.



چندر ما جو ڦل




طريقہ ڪار:


اشوني نکشتر کان مقرر نکشتر ڳڻجي، نمبروار آچر ڏينهن کان مقرر ڏينهن تائين ڳڻجي .
ايڪم تت کان مقرر تت تائين تتيون ڳڻجن.

ڦل

چندر ما سامهون ۽ ساڄي سٺو ڦل ۽ شيہ آهي.
چندر ما پٺ ۽ کابي پاسي تہ خراب ۽ اشيہ آهي



انين گهر جو اُپ سوامي



جيڪو گرهه انين گهر ۾ موجود هوندو آهي ان گرهه کي انين گهر جو اُپ سوامي چئبو آهي. الڳ الڳ گرهن جو انين گهر جو نتيجو هيٺ ڏجي ٿو. جاتڪ سان هيٺيون ڳالهيون ٿين ٿيون.

1 **سوريه** مٽيون منجهيل، ڪمزور، پورو وچ جي ڪري موت، دشمني ڪان ڌبيل، تيز بخار يا نانگ جو ڏنگ، پر جيڪڏهن سوريه پنهنجي گهر ۾ آهي يا ڪنهن اُوچ راشي ۾ اهي ته سنا نتيجا ڏئي ٿو

2 **چندرما** هاتڪ جو موت پاڻيءَ ۾ ٿئي ٿو سرڪار ۽ چورن ڪان ڌبجي رهي ٿو سوڄ ٿئي ٿي. دم يا بخار ٿئي ٿو پر جيڪڏهن چندرما پنهنجي گهر ۾ آهي يا ڪنهن اُوچ راشيءَ ۾ آهي ته ورثي ۾ جائيداد يا ملڪيت ملي ٿي.

3 **منگل** باهه جي ڪري موت اڪثر حادثا (ايڪسيڊينٽس) ڪيس هلڻ، جهڳڙا، واد وواد ۽ اڻ وڻت وغيره نامردي ٿي سگهي ٿي. زال سان جهڳڙو موڪا (بواسير) ۽ (فسٽُلا) ٿي سگهن ٿا. شادي شُده زندگيءَ ۾ ناخوشي.

4 **ٻڌ** جاتڪ کي هٿن ۽ پيرن ڏکڻ جي بيماري ٿي سگهي ٿي. آنڊن جي بيماري يا بدهاضمو ٿي سگهي ٿو جاتڪ ڪنهن اترستانُ ۾ مري ٿو. جائيداد ملڪيت ملي ٿي. هيءُ ناموس وارو دير گهه ٿئي ٿو.

5 **گرُو** پنهنجي زال مان ناخوش رهي ٿو. دوستن جي ڪري پئسو وڃائي ٿو. پيٽ جو تڪليفون سدائين رهن ٿيون ڳجهين بيمارين جو شڪار ٿئي ٿو. سندس هلت چلت شڪ واري ٿئي ٿي. جائيداد يا ملڪيت ملڻ جو امڪان.

سال جو وچ وارو حصو مالي طور تي خاص نتيجا ڏيندو. زمين سان لاڳاپيل ڪمن مان فائدو حاصل ٿيندو. پائيواري بجاءِ پنهنجو ڪاروبار ڪرڻ سان فائدو ٿيندو، انهي عرصي ۾ پئسو ته ايندو پر خرچن جي زيادتي سبب بچت نه ٿيندي. غير ضروري خرچ کان پاسو ڪيو. ورتل قرض واپس ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا. ڪاروباري سفر مان فائدو ملندو. ڪجها دشمن توهان جي ڪم ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري سگهن ٿا، ڪنهن تي گهڻو ڀروسو نه ڪريو ڪاروبار سان لاڳاپيل ڪنهن به معاملي جي معلومات ڪنهن ٻئي کي نه ٻڌايو ٻي صورت ۾ نقصان ٿي سگهي ٿو.

صحت جي حوالي سان سال جي شروعات بلڪل شاندار هوندي. پراڻين بيمارين جو مسئلو ڪنهن حد تائين گهٽجي سگهي ٿو. سال جو وچ وارو عرصو صحت جي معاملي ۾ خراب ٿي سگهي ٿو. عورتون هن سال پنهنجي صحت بابت تمام گهڻو محتاط رهن. فٽنيس سينٽر، يوگا ڪلب يا جم ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. خاص طور بزرگن کي خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. درد، گيس، بدهضمي يا ٽڏءِ ڪنگهه جي شڪايت ٿي سگهي ٿي. ترنت ڊاڪٽر سان صلاح ڪرڻ گهرجي.

سال جو وچ وارو عرصي ۾ ڪم جي ضرورت کان وڌيڪ دٻاءَ سبب ذهني جسماني پريشاني ٿئي. هن وقت گهڻي کاوڙ کان پرهيز ڪريو. صحت لاءِ سڀ کان وڏو مسئلو توهان جي گهڻي سوچڻ جي عادت آهي. هن عادت کان نجات حاصل ڪرڻ گهرجي، پنهنجي زندگي ۾ يوگا ۽ مراقبي کي شامل ڪرڻ گهرجي. سال جي آخري مهينن ۾ روڊ پار ڪرڻ يا گاڏي هلائڻ دوران احتياط ڪريو، حادثو ٿيڻ امڪان آهي.

ڪيريئر جي حساب سان هي سال توهان لاءِ گهڻو فائديمند نه هوندو. ڪاميابيءَ لاءِ توهان کي سخت محنت ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن نوڪري ڳولي رهيا آهيو يا نوڪري تبديل ڪرڻ جا خواهشمند آهيو ته سال جي شروعات ڪجهه سازگار ٿي سگهي ٿي. سال جي ٻئي اڌ ۾ شيون بهتر ٿي وينديون. توهان کي مالي بحران مان به گذرڻو پوندو. آمدني ۾ گهٽتائي محسوس ڪندا. توهان جا ملازم يا ساٿي سازش ڪري سگهن ٿا. سال جي آخر ۾ حالتون ڪجهه سازگار رهنديون، محنت جو نتيجو ضرور ملندو. هن عرصي دوران، نئون ڪم ڳڻ ڪري سگهو ٿا. پائيوارن جي مدد سان ڪم ڪرڻ ۾ ڪو مسئلو نه ٿيندو. سال جي شروعات جي مقابلي ۾ آخري مهينا توهان جي ڪيريئر لاءِ ڏاڍا خوش نصيب هوندا. پنهنجي مشڪل وقت کي صبر سان منهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪريو. شاگرد پنهنجي محنت سان ڏکئي وقت کي روشن مستقبل ۾ تبديل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا. انجنيئرنگ ۽ طبي شعبن جي شاگردن کي ڪيترائي سٺا موقعا ملندا ۽ ڪيريئر تيزيءَ سان ترقي ڪندو. ٻين شعبن سان لاڳاپيل ماڻهو به پنهنجي تعليم مطابق نوڪريون حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي ملندي، ڪم جي جڳهه ۾ تبديلي جا امڪان آهن.

پريمي پيار جي شادي خاندان جي منظوري حاصل ڪري سگهن ٿا. توهان جي پسند جي شادي خاندان جي ميمبرن طرفان منظور ٿي سگهي ٿي. شادي شده ماڻهن لا هن سال ٻارن سان لاڳاپيل مسئلا ڪجهه حد تائين گهٽجي سگهن ٿا. سال جو وچ وارو عرصو شادي شده رشتن ۾ ڪجهه مشڪلاتون اچي سگهي ٿو. توهان جي پائيواري تي شڪ ڪرڻ جي عادت تمام گهڻو پريشان ڪري سگهي ٿي. شڪ ڪرڻ جي بدران ٻئي ڀتني کي کليل نموني ڳالهائڻ گهرجي. ڪجهه ماڻهو هن سال پنهنجي محبت جو اظهار به ڪري سگهن ٿا. سال آخر تائين پنهنجي خاندان جي خوشين ۾ ٿوري گهٽتائي محسوس ڪري سگهو ٿا. نوان رشتا ناهڻ وقت پراڻن رشتن کي نظرانداز نه ڪريو. ذاتي زندگي ۾ تڪرار ٿي سگهي ٿو. ان کان بچڻ لاءِ ڪوشش ڪريو

5 LEO شنگھ

نالي جو پھريون اکر

ما، مي، مو، مي، ٽا، ٽي، ٽو، ٽي

شڀ ڏينھن	شڀ رنگ
آتوار منگل، ٻڌر	گلابي ۽ ڳاڙھو

سال جي شروعات مالي ترقي آڻيندي. مالي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪيترائي سونهري موقعا ملندا. جيڪڏهن توهان پارٽنرشپ ۾ ڪجھ نئون ڪرڻ جو سوچي رهيا آهيو ته پوءِ مارچ تائين جو وقت تمام سٺو هوندو. پنهنجي رابطن مان سٺا فائدا حاصل ڪري سگھو ٿا. بئنڪ بيلنس وڌندو. شيئر مارڪيٽ جي فيلڊ سان لاڳاپيل ماڻهن کي پئسا ڪمائڻ جا موقعا ملندا. هن عرصي دوران نئين نوڪري حاصل ڪري سگھو ٿا. سماج ۾ شهرت وڌندي. پنهنجي دوستن کان سهڪار ملندو. نوڪري ڪندڙ ماڻهن کي ترقي ملندي. مارچ کانپوءِ توهان جي مالي صورتحال خراب ٿي سگهي ٿي، پئسا ڪمائڻ جي معاملن ۾ رڪاوٽون هونديون. پنهنجي خفيه دشمنن کان محفوظ رهڻو پوندو. پئسي سان لاڳاپيل معاملن ۾ پنهنجي پارٽنر تي گهڻو ڀروسو نه ڪريو ٺڳي ٿي سگهي ٿي. اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ سيڙپڪاري نه ڪندا، آڪٽوبر کان ڊسمبر تائين پئسا ڪمائڻ جي رستي ۾ رڪاوٽون پيدا ٿين. نوڪري يا ڪاروبار ۾ نقصان ٿي سگهي ٿو. اوچتو خرچ وڌڻ شروع ٿي ويندا.

صحت جي لحاظ سان سال جا شروعاتي مهينا تمام گهڻا سٺا هوندا. توهان ذهني خوشي ۽ سڪون محسوس ڪندا توهان ۾ زبردست خود اعتمادي پيدا ٿيندي ۽ هر ڪم پوري لگن سان ڪندا. پئسي جي معاملن ۾ ڪا به گهٽتائي نه ايندي جنهن سان توهان جا خانداني لاڳاپا بهتر ٿيندا. گهر ۾ شُڀ ڪاريه ٿيڻ جو امڪان آهي. هن وقت توهان کي سٺي صحت ملندي. پر مارچ کان پوءِ توهان جي صحت ۾ ڪجھ ننڍا مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا. بزرگ ماڻهن کي هڏن سان لاڳاپيل مسئلن، چمڙي جي الرجي يا دم ڪان پريشاني ٿي سگهي ٿي. جن ماڻهن کي شوگر يا بلڊ پريشر جو مسئلو آهي ته اهي پنهنجو خاص خيال رکن. وقت تي پنهنجو علاج ڪرائيندا. جيڪڏهن ممڪن هجي ته توهان ڪنهن جاءِ تي گهمڻ لاءِ وڃو، ائين ڪرڻ سان توهان کي ذهني ۽ جسماني دٻاءُ کان نجات ملندي ۽ توهان تازو محسوس ڪندا. سال جا آخري مهينا توهان جي صحت لاءِ ٿورا ڏکيا هوندا، ان ڪري خاص احتياط ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪنهن به ڊگهي سفر کان پاسو ڪريو نه ته صحت سان لاڳاپيل مسئلا ڪنهن حد تائين وڌي سگهن ٿا. اکين يا معدي، جگر يا بدهضمي جا مسئلا پيش اچي سگهن ٿا. عورتن کي پنهنجي صحت جو خاص خيال رکڻو پوندو.

ڪيريئر جي لحاظ کان هي سال ڪيترائي موقعا ۽ وڏي ڪاميابي آڻيندو. سال جي شروعات ڪنهن وڏي ڪمپني ۾ نوڪري ۽ سٺو پيڪيج حاصل ڪري سگهو ٿا، پروموشن به ملي سگهي ٿي، سيني ڪمن ۾ وڏي ڪاميابي ملندي. هي وقت شاگردن لاءِ تمام گهڻو فائديمند هوندو. پنهنجي قابليت ڏيکارڻ جا ڪيترائي موقعا ملندا. ڪاروباري ماڻهن کي وڏيڪ فائدو حاصل ٿيندو. مارچ کان پوءِ ڪيريئر ۾ ڪجھ اُٿل پٿل ٿيندي. ڪم جي جڳهه تي ڪجھ مسئلا پريشان ڪري سگهن ٿا پر انهن مسئلن کي پنهنجي ڪارڪردگيءَ سان حل ڪري سگهو ٿا. هن عرصي دوران ڪنهن به اڻڄاتل پارٽي سان ڀائيواري نه ڪندا، ڪاروبار جي لحاظ کان هي وقت ايترو سازگار نه آهي، هن وقت توهان کي مالي بحران مان به گذرڻو پوندو. توهان جي آمدني جي ذريعن ۾ گهٽتائي ٿيندي. هن عرصي دوران ذهني دٻاءُ مان به گذرڻو پوندو. سال جي آخر ۾ توهان کي پنهنجي محنت جو ڦل ملندو. ڪو نئون ڪم شروع ڪرڻ چاهيو ٿا ته اهو پڻ ڪري سگهو ٿا. هن عرصي ۾ ڀائيوارن جي مدد سان ڪم ڪرڻ ۾ ڪو مسئلو نه ٿيندو.

هن سال محبت جي معاملي ۾ نوان رنگ ڏسڻ ۾ ايندا. ڪڏهن خوشيون ۽ ڪڏهن اداس حالتون اچي سگهن ٿيون. سال جي شروعات ذاتي لاڳاپن لاءِ تمام شاندار هوندي. توهان جي شادي شده زندگي ۾ محبت جي دلچسپي وڌندي. توهان جو جيون ساٿي هر قدم تي توهان جي مڪمل حمايت ڪندو. توهان پنهنجي مستقبل سان لاڳاپيل منصوبن تي غور ڪندا. سال جي شروعات ۾ ڪنوارن جون شاديون ٿين، هي سال پريمين لاءِ رومانس سان ڀرپور هوندو. پنهنجي جذبات جو کليل اظهار ڪرڻ جو ڪو به موقعو نه وڃايو. خانداني زندگي خوشگوار رهندي. نون شادي شده جوڙن جي وچ ۾ باهمي پيار وڌندو پر مارچ کان پوءِ رشتن ۾ تڪرار واري صورتحال پيدا ٿئي، محتاط رهڻ ۽ صبر ڪرڻ جي ضرورت آهي، توهان جي وچ ۾ ڪنهن قسم جي غلط فهمي پيدا ٿي سگهي ٿي، جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا ته توهان جي ذاتي زندگي ۾ پيار ۽ امن قائم رهي ته پوءِ توهان پتي پتني کي هڪٻئي کان ڪا به ڳالھ نه لڪائڻ گهرجي.

6 ڪنيا VIRGO



نالي جو پهريون اکر
ٽي، پا، پي، پو، ش، ڻ، ٺ، پي، پو

شڀ ڏينهن: ٻڌر ۽ ڇنڇر

شڀ رنگ: سائو ۽ اڇو

هي سال واپارين لاءِ پڻ ڏاڍو شاندار هوندو. توهان جي آمدني وڌي ويندي ۽ ڪاروبار ۾ فائدو ٿيندو. عورتون نئون ڪم شروع ڪري سگهن ٿيون. جنهن لاءِ گهر ڀاتين جو سهڪار ملندو، سال جو وچ وارو حصو به اقتصادي نقطہ نظر کان سٺو هوندو. آمدني جا ذريعا وڌي ويندا. ملازمت وارا ماڻهو هن سال سٺي ترقي حاصل ڪري سگهن ٿا. ڀائيواري ۾ شروع ڪيل ڪم شاندار نتيجا آڻيندو. دولت جي آمد جا سٺا موقعا هوندا. توهان جو بئنڪ بيلنس وڌندو. پنهنجي گهر جي نيڪ ڪمن تي خرچ ڪندا. قسمت هن سال توهان تي مهربان آهي. توهان گهڻي ڪوشش سان وڏيڪ فائدا حاصل ڪري سگهو ٿا. سرڪاري شعبي سان لاڳاپيل ڪم ۾ بهتر نتيجا ملندا. هن سال توهان پنهنجو نئون گهر خريد ڪري سگهو ٿا. پنهنجي اباڻي ملڪيت مان فائدو ملندو. ريئل اسٽيٽ سان لاڳاپيل فيلڊ ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن لاءِ هي سال تمام سٺو ثابت ٿيندو. نوڪري يا ڪاروبار ۾ دولت، شهرت، نالو ۽ سڃاڻپ ملندي.

صحت جي لحاظ کان سال جي شروعات کان پنهنجي فٽنيس تي تمام گهڻو ڌيان ڏيندا صحت سٺي هوندي. توهان جو ذهن مذهبي سرگرمين ۾ مشغول هوندو. هن سال ڪيترن ئي ياترائن سان لاڳاپيل پروگرامن ۾ حصو وٺندا. دان ڪرڻ سان گهر ۾ خوشي جو ماحول هوندو. سال جي شروعات ۾ گهر ۾ ڪو شڀ ڪاريه ٿيڻ جو امڪان آهي هي سال خاص طور تي عورتن لاءِ صحت جي نقطہ نظر کان سٺو هوندو. سنتان پراپتي جي خوشخبري ملي. صحت بابت شگر بلڊ پريشر يا گڏيل سور جي شڪايت رهي، ٻارن جي صحت سٺي هوندي پر ذهن بيقرار رهندو. باقاعدگي سان يوگا ۽ مراقبي جو مشق ذهني ۽ جسماني صحت لاءِ بهتر آهي. شاگردن کي هن سال پنهنجي ذهني صحت بابت وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. حامله عورتن کي خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. پنهنجي صحت کي سٺي رکڻ لاءِ ڪم ڪار سان گڏ آرام جي به ضرورت آهي. پنهنجي غذا جو خاص خيال رکو، تازا ميوا، ڀاڄيون ۽ رس پيئو ته جيئن توهان صحتمند رهندا. سال جا آخري ڪجهه مهينا توهان کي ڪجهه تڪليف ڏئي سگهن ٿا. گلي ۾ درد، ذهني دٻاءُ، پيرن ۾ درد وغيره جا مسئلا ٿي سگهن ٿا تمام گهڻو ناراض ٿيڻ به توهان جي صحت کي خراب ڪندو ۽ پنهنجي ڪاوڙ تي ڪنٽرول رکو. پنهنجي غذا ۾ تريل ڪاڌي کي گهٽايو سال جي آخر تائين توهان کي صحت سان لاڳاپيل مسئلن مان نجات ملندي.

ڪيريئر جي لحاظ کان هي سال ڪاميابي جا نوان رستا کوليندو، نوڪري، تعليم ۽ ڪاروبار ۾ بهترين موقعا آڻيندو. هي سال شاگردن لاءِ تمام سٺو هوندو. هن سال تعليم، ڪاروبار ۽ واپار جي لحاظ کان هر طرف کان فائدو حاصل ٿيندو. روزگار جا وسيلا وڌندا ۽ آمدني ۾ اضافو ٿيندو، هي سال نوڪري ڪندڙ ماڻهن لاءِ بهترين ثابت ٿيندو. توهان پنهنجي قابليت جي بنياد تي پنهنجو نالو ڪمائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا. پنهنجي ڪاروباري نوڪري ۾ توقع کان وڌيڪ منافعو حاصل ڪندا ڪنهن نئين منصوبي تي ڪم ڪري سگهو ٿا. سال جي وچ ڌاري ڳجهن دشمنن کان نقصان رسي سگهي ٿو، سال جي آخر واري عرصي ۾ پنهنجي نوڪري تبديل ڪرڻ تي غور ڪري سگهو ٿا ان ۾ ڪاميابي پڻ ملندي. مسلسل ڪوشش ۽ محنت سان توهان گهربل نتيجا حاصل ڪري سگهو ٿا. جيڪي شاگرد اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پرڏيهه وڃڻ چاهين ٿا، انهن جا خواب پورا ٿيندا، فن ۽ ثقافتي سرگرمين سان لاڳاپيل ماڻهو پنهنجي علمي صلاحيتن کي وڌائي سگهن ٿا.

محبت وارن رشتن لاءِ هي سال تمام سٺو هوندو. تعلقات بهتر ٿي ويندا شادي شده زندگي ۾ تمام گهڻي خوشي ٿيندي. سال جي شروعات ۾، توهان کي سنتان سان لاڳاپيل خوشخبري ملندي. توهان جي گهريلو زندگي بهتر ٿي ويندي. هڪ ٻئي جي عزت ڪندا. پيار ڪندڙ جوڙا هن سال شادي جي بندڻن ۾ ٻڌجي ويندا. سال جو وچ وارو حصو توهان جي پيار واري زندگي لاءِ تمام خاص هوندو. هن عرصي دوران رومانوي سفر تي وڃڻ جو منصوبو ڪري سگهو ٿا. هڪ ٻئي سان وقت گذارڻ جو موقعو ملندو. جيڪڏهن توهان هڪ شادي شده آهيو ته هي سال توهان لاءِ تمام خاص ٿي سگهي ٿو. توهان ٻنهي جي لاڳاپن ۾ پيار به وڌندو. توهان کي پنهنجي جيون ساٿي جو خاص خيال رکڻو پوندو. پنهنجي ٻارن جي مستقبل سان لاڳاپيل منصوبن تي خرچ ڪري سگهو ٿا.

7 تلا LIBRA



نالي جو پهريون اکر

را، ري، رو، تو، تي، تو، تي

شڀ ڏينهن	شڀ رنگ
ٻڌر، شڪر ۽ ڇنڇر	بلو ۽ اڇو


هي سال توهان لاءِ مخلوط نتيجا آڻي رهيو آهي. سال جي شروعات معاشي نقط نگاهہ کان شاندار هوندي. توهان کي معمول کان وڌيڪ مالي فائدا ملندا. روزاني آمدني وڌي ويندي. توهان فري لانس ذريعي سٺو پئسا ڪمائي سگهو ٿا. عورتن لاءِ سٺو وقت آهي. جيڪڏهن توهان پنهنجو ڪو منصوبو يا ڪاروبار شروع ڪرڻ چاهيو ٿا ته سال جي شروعات توهان لاءِ سٺي هوندي. ٻيڻي آمدني حاصل ڪري سگهو ٿا. نجي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن کي بهتر فائدو ملندو. مارچ کان پوءِ توهان جي زندگي ۾ ڪيترائي چئلينج ايندا. اوچتو حالتون تبديل ٿي وينديون، هر ڪم ۾ ڪا نہ ڪا رڪاوٽ ضرور هوندي. انتظاميا سان لاڳاپيل ماڻهن لاءِ وقت ڏکوئيندڙ هوندو. ڪاروبار ۾ ڪوماڻهو توهان سان خيانت ڪري سگهي ٿو جنهن جي ڪري توهان کي نقصان برداشت ڪرڻو پوندو. هن سال توهان کي ڪنهن تي انڌو اعتماد نہ ڪرڻ گهرجي. آمدني جا ذريعا گهٽ ٿيندا ۽ غير ضروري خرچ وڌندا. اهڙي صورتحال ۾ خرچن تي ڪنٽرول ڪرڻو پوندو. آمدني کان وڌيڪ خرچن جو بار مالي بحران کي وڌائي سگهي ٿو. پئسن جي حوالي سان تڪڙا فيصلا ڪرڻ کان پاسو ڪريو. ڪاروبار ۾ ڪنهن بہ معاملي بابت والدين، ٻائرن يا ڪنهن تجربيڪار شخص کان مشورو وٺو. ملڪيت جي معاملن ۾ ٿورو محتاط رهڻو پوندو.

صحت جي حوالي سان هي سال مخلوط نتيجا ڏيڻ وارو آهي. سال جي شروعات صحت لاءِ سٺي هوندي. سال جو وچ وارو حصو توهان جي صحت لاءِ خاص سٺو ناهي. پنهنجي صحت جو خيال رکڻ گهرجي، صحت جا معمولي مسئلا جهڙوڪ بلڊ پريشر ۽ شوگر ٿيڻ جا امڪان آهن، بازاري کاڌن کان پري رهو تريل ۽ تيل وارا ۽ گهڻن مصالحن وارا کاڌا نہ کائو، جسماني سرگرميون جهڙوڪ ڊوڙڻ، اسٽريچنگ، راندين، مراقبي سان صحت بهتر رهندي، عورتن کي پنهنجي صحت جي باري ۾ محتاط رهڻو پوندو. لاپرواهي سان طبيعت بگڙي سگهي ٿي. هن سال شاگردن کي پنهنجي پڙهائي جي حوالي سان تمام گهڻو دٻاءُ نہ وٺڻ گهرجي شاگردن کي دماغي ورزش واريون رانديون کيڏڻ گهرجن، نوڪري وارن ماڻهن کي ڪم جي دٻاءُ جي ڪري دماغي صحت تي اثر انداز ٿئي، پنهنجي زندگي ۾ يوگا پرانايم ڪرڻ گهرجي ۽ موسيقي کي بہ اهميت ڏيو، سٺي موسيقي توهان جي مزاج ۽ ذهن ۾ مثبت نتيجا آڻي سگهي ٿي. سال جي آخري مهينن ۾ بزرگ ماڻهن کي پنهنجو خاص خيال رکڻو پوندو. الرجي يا چمڙي سان لاڳاپيل مسئلا ٿي سگهن ٿا، ڪاڌي ۾ مني شن ۽ نشاستي واري شين جو استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي، پنهنجي غذا ۾ بادام، ڪشمش، اسٽرابيري، انب، چقندر، پالڪ، مٽر ۽ مکڻ وغيره شامل ڪريو.

ڪيريئر جي حساب سان هن سال محنت سان ئي ڪاميابي ملندي. سال جو شروعاتي دور تمام گهڻو فائديمند هوندو. توهان جي موجوده نوڪري ۾ تبديلي ٿي سگهي ٿي. بيروزگارن کي سال جي شروعات ۾ نئين نوڪري ملي سگهي ٿي. ڪاروبار سان لاڳاپيل ماڻهو آهستي آهستي پنهنجي ڪاروبار ۾ ترقي ڪندا. پهريان چار مهينا ڏاڍا خوش قسمت هوندا. هن عرصي دوران هر ڪم ۾ ڪاميابي ملندي. جيڪي ماڻهو پنهنجو ڪاروبار شروع ڪرڻ چاهين ٿا اهو هن عرصي دوران شروع ڪري سگهن ٿا. مارچ کانپوءِ ڪيريئر ۾ ڪيترائي اٿل پٿل ايندي، ڪجها دشمن توهان جي خلاف سازش ڪري سگهن ٿا ۽ آفيس جي سياست جو شڪار ٿي سگهو ٿا. هن وقت ڪنهن تي تمام گهڻو ڀروسو نہ ڪرڻ گهرجي. شاگردن کي پنهنجي پڙهائي کي سنجيدگي سان وٺڻو پوندو. ڪاروباري ماڻهن جي آمدني ۾ گهٽتائي ٿيندي. ڪم جي وڌيڪ دٻاءُ جي ڪري دماغي تناوَ رهي، جنهن سبب توهان پنهنجي پراڻي نوڪري ڇڏڻ ۽ نئين نوڪري حاصل ڪرڻ جو سوچي سگهو ٿا. هي وقت جدوجهد ڀريو رهندو. ڏيکاري ٿو، اهو وقت توهان جي ڪيريئر جي لحاظ کان ٿورو سست هوندو.

نقط نظر کان تمام سٺي هوندي. شادي شده زندگي ۾ پريمين لاءِ هي سال ڪٿا مٺا تجربا آڻيندو. سال جي شروعات رشتن جي نقط نظر کان تمام سٺي هوندي. شادي شده زندگي ۾ مارچ کان پوءِ پيار وارن رشتن ۾ ٽڪراءُ پيش اچي. ڪنهن پيار وڌندو. سنتان جي خوشخبري ملي، ڪنوارن جون شاديون ٿين، مارچ کان پوءِ پيار وارن رشتن ۾ ٽڪراءُ پيش اچي. شادي شده زندگي ۾ پڻ ڪجهه شخص جي سبب توهان ٻنهي جي وچ ۾ مسئلا وڌي سگهن ٿا. سال جا آخري مهينا بہ سٺا ناهن. شادي شده زندگي ۾ پڻ ڪجهه مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو. مجموعي طور هي سال توهان جي ذاتي زندگي ۾ ڪيترائي اٿل پٿل آڻيندو. سمورا مسئلا پيار ۽ امن سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

8 ورشچڪ SCRPIO



نالي جو پهريون اکر

نو، ن، نا، ني، ل، لو، تو، ني، نو، يا، يي، يُو

شڀ ڏينهن	شڀ رنگ
آرتوار، منگل ۽ وسپت	پيلو، ڳاڙهو ۽ نارنگي

مجموعي طور هي سال توهان جي زندگي ۾ مثبت نتيجا آڻيندو. تنهن هوندي به قسمت توهان جي پاسي هوندي. مالياتي معاملن ۾ هي سال تمام سٺو ثابت ٿيندو. پئسي جي ڪا به گهٽتائي نه ٿيندي. ملازمن لاءِ هن سال پروموشن ذريعي سٺي پگهار حاصل ڪرڻ جا امڪان آهن. ڪاروباري دنيا ۾ مقام ۽ وقار برقرار رهندو ۽ سڀ ڪم توهان جي رٿابندي موجب ڪيا ويندا. ڪم جي جاءِتي ترقي ٿيندي زمين ۽ ملڪيت جي معاملن ۾ فائدو حاصل ٿيندو. ملڪيت ۾ اضافو پڻ ٿي سگهي ٿو. سيڙپڪاري ۾ ڪاميابي ملندي. ڪيميڪل، فارميسي، اليڪٽرانڪس جي شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن کي سٺو منافعو حاصل ٿيندو. بئنڪ بيلنس ۾ زبردست اضافو ٿيندو. هن سال توهان پنهنجي ڪاروبار کي وڌائڻ لاءِ ڪيترائي ننڍا ۽ وڏا سفر ڪري سگهو ٿا. انهن سفرن مان فائدو ملندو مٿي پوءِ مالي معاملن ۾ مشڪلاتون پيش اچن. ڪاروبار ۾ ڪجهه گهٽتائي ٿي سگهي ٿي. ڪاروباري پاڻيوارن لاءِ خاص سٺو نه هوندو. سماج ۾ اوهان جي عزت ۽ مرتبو وڌندو. شاگرد هن سال پارٽ ٽائيم نوڪرين مان فائدو وٺندا. ملازمن جي آمدني وڌي ويندي. جيڪڏهن ڪم رٿابنديءَ سان ڪيو وڃي ته فائدو ٿيندو. پرائيويٽ سيڪٽر ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن کي محنت جو ڦل نه ملندو، سال جا آخري مهينا مالي فائدا آڻيندا. ڪاروبار يا روزگار ۾ ڪا جدت آڻي سگهو ٿا يا ڪو نئون ڪاروبار شروع ڪري سگهو ٿا

صحت جي جي لحاظ سان هي سال بهتر رهندو، پراڻن بيمارين کان ڇوٽڪارو ملندو، پنهنجي صحت کي ترجيح ڏيندا مراقبي ۽ يوگا ڪرڻ سان دماغ کي سڪون ملندو، سال جي شروعات صحت لاءِ بهتر آهي، ڪيترن ئي ڌرمي ڪمن ۾ شرڪت جو موقعو ملندو. سال جي وچ واري حصي ۾ صحت جي حوالي سان محتاط رهڻ جي ضرورت آهي. هاءِ بلڊ پريشر، مائيگرين جهڙا مسئلا ٿي سگهن ٿا. بزرگن جي صحت جو خاص خيال رکو، صحت جي حوالي سان ڪنهن به طرح لاپرواهي نه ڪرڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ اهو نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿو. سال جي آخري مهينن ۾ صحت بهتر ٿي سگهي ٿي. سٺي صحت توهان جي رشتن ۽ توهان جي ڪيريئر تي مثبت اثر آڻيدي. عورتن کي پنهنجي صحت کي نظر انداز نه ڪرڻ گهرجي. پنهنجي مصروف زندگي مان پنهنجي لاءِ ڪجهه وقت ڪڍي يوگا ۽ مراقبو ڪريو. شاگردن کي ڪجهه وقت تفريح ۾ گذارڻ گهرجي جيئن موسيقي، پسنديده راند ڪرڻ سان کي خوشي ۽ ذهني سڪون ملندو.

ڪيريئر جي لحاظ سان هي سال توهان جي زندگي جي بهترين سالن مان هڪ ٿي سگهي ٿو. سال جي شروعات ۾ پنهنجي ڪيريئر ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي ڪرڻ چاهيو ٿا ته اهو وقت فائدي وارو هوندو. پنهنجي مالي صورتحال کي بهتر بڻائي سگهو ٿا. ڪاروبار کي وڌائي سگهو ٿا ۽ شاگردن کي پڙهائي سان گڏ ڪا ٻي دلچسپي هوندي اهي هن وقت پنهنجي دلچسپي ذريعي پئسا ڪمائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهن ٿا.

نوڪري ۽ ڪاروبار لاءِ هي وقت خوش قسمت آهي. پنهنجي ڪيريئر کي اڳتي وڌائڻ لاءِ دوستن ۽ بزرگن کان مڪمل مدد ملندي. جيڪڏهن توهان نئين نوڪري ڳولي رهيا آهيو، توهان پنهنجي گهربل نوڪري تمام آساني سان حاصل ڪري سگهو ٿا. توهان کي هڪ غير ملڪي ڪمپني ۾ شامل ٿيڻ جو موقعو پڻ ملي سگهي ٿو. بئنڪنگ، مارڪيٽنگ، شيئر ٽريڊنگ جي شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن کي هن عرصي دوران سٺو فائدو ملندو، آمدني وڌي ويندي.. جيڪي شاگرد اعليٰ تعليم لاءِ پرڏيهه وڃڻ چاهين ٿا انهن کي هن سال سندن خواب پورو ڪرڻ جو موقعو ملندو. جيڪي امتحان جي تياري ڪري رهيا آهن اهي سٺيون مارڪون حاصل ڪندا ۽ ڪاميابي ماڻيندا. مٿي ڪانپوءِ توهان جي ڪيريئر ۾ ڪجهه اٿل پٿل ٿي سگهي ٿي. هن عرصي دوران نوڪري ۾ تبديلي يا آفيس جي ساٿين سان ڪجهه اختلاف ٿي سگهن ٿا، هن وقت توهان کي پنهنجي ڪم جو خيال رکڻو پوندو ۽ ٻين جي مسئلن ۾ ٽنگ نه اڙائيندا. سال جو وچ وارو عرصو به توهان لاءِ سٺو هوندو. توهان پنهنجي محنت سان سٺا نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا.

پريمين لاءِ هي سال تمام گهڻو رومانوي ٿيڻ وارو آهي. سال جي شروعات پيار جي رشتن ۾ سيئي رڪاوٽون ختم ٿي وينديون شادي شده زندگي ۾ توقع کان وڌيڪ بهتر فائدا ملندا..توهان پنهنجي جيون ساٿي کي ڪيترائي تحفا ڏئي سگهو ٿا يا سفر تي وڃي سگهو ٿا. توهان پنهنجي رشتن ۾ وفاداري، محبت ۽ احترام کي وڌايو. هي سال پيار ڪندڙ جوڙن لاءِ سڀ کان وڌيڪ يادگار هوندو. توهان هن سال پيار جي رشتي کي شادي ۾ تبديل ڪرڻ جو فيصلو ڪري سگهو ٿا، توهان جي خاندان ۾ خوشي ٿيندي. هن سال توهان جي گهر ۾ ڌرمي ڪاريه ٿي سگهن ٿا. ڪنوارن جون شاديون ٿين،

9 ڌن SAGGITARIUS



ناليءَ جو پهريون اکر
يي، يو، يا، ڀي، ڦا، ڍا، ڀي

شڀ ڏينهن	شڀ رنگ
منگل، آرتوار ۽ وسپت	اڇو، پيلو ۽ شنهيري

سال جي شروعاتي مهينن ۾ توهان کي ڪجهه جدوجهد ڪرڻي پوندي. توهان جي ڪيريئر ۾ ڪيترين ئي رڪاوٽون پيدا ٿي سگهن ٿيون. دشمن هن وقت سرگرم هوندا ۽ توهان جي خلاف سازش ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيندا. مٿي تائين تمام احتياط سان اڳتي وڌڻو پوندو. ڪاروبار ۾ توهان جون مشڪلاتون وڌنديون. پتي پتني يا گهر ڀاتين ۾ پئسن بابت تڪرار ٿي سگهي ٿو. صحت جي معاملن ۽ ٻارن سان لاڳاپيل معاملن ۾ مشڪلاتن کي منهن ڏئي سگهو ٿا. هن عرصي دوران مالي حالت مضبوط ٿي ويندي ۽ ذهني دٻاءُ کان نجات حاصل ڪندا. توهان کي تجربيڪار ۽ سينيئر ماڻهن کان مدد ملندي جيڪا توهان جي ڪم مان نفعي جا موقعا وڌائڻ ۾ مدد ڪندي. هي سال عورتن ۽ نوجوانن لاءِ سٺو هوندو. فوڊ سيڪٽر ٽوئر ۽ ٽريول، ڪاميسٽڪ جي ڪاروبار ۾ زبردست فائدا ملندا. هن سال توهان نئون گهر خريد ڪري سگهو ٿا. پراپرٽي ۾ سيڙپڪاري لاءِ هي سال بهترين ثابت ٿيندو.

هن سال ڪيريئر کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪيترائي سونهري موقعا ملندا. هي سال شاگردن لاءِ تمام سٺو ثابت ٿيندو. توهان پنهنجي ڪارڪردگي جي بنياد تي ڪاميابي حاصل ڪري سگهو ٿا. سال جي شروعاتي مهينن کان سواءِ باقي سال توهان لاءِ خوش قسمت هوندو. ڪجهه ڳجها دشمن توهان جي خلاف سازشون ڪري سگهن ٿا، تنهنڪري پنهنجي معاملن کي ڪنهن سان به شيئر نه ڪرڻ گهرجي. هي سال آئي ٽي جي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن لاءِ بهترين موقعا آڻيندو. جيڪڏهن توهان نوڪري بدلائڻ جو سوچي رهيا آهيو ته پوءِ هڪ سٺي پيڪيج سان سٺي نوڪري حاصل ڪري سگهو ٿا.

هي سال سرڪاري نوڪرين وارن لاءِ تمام سٺو هوندو. پگهار ۾ سٺي واڌ سان گڏ جڳهه کي تبديل ڪرڻ جا موقعا ملندا. شاگردن لاءِ پڻ هي سال سٺو آهي پنهنجو ڪيريئر شروع ڪرڻ جا ڪيترائي موقعا ملندا. پنهنجي دوستن ۽ توهان جي رابطن مان فائدو حاصل ڪندا. ڪنهن سٺي ڪمپني ۾ انٽرنل شپ ڪرڻ جو موقعو ملندو يا فري لانس ذريعي سٺو پئسا پڻ ڪمائي سگهو ٿا.

صحت جي لحاظ کان هي سال ڪجهه چئلينجن سان ڀريل هوندو. صحت جي معاملن ۾ محتاط رهڻو. سال جي شروعات صحت لاءِ سٺي نه هوندي. سال جو وچ وارو حصو صحت لاءِ سٺو هوندو. ڪنهن به قسم جي بيماري تنگ نه ڪندي. توهان کي پنهنجي کاڌي جي عادتن کي بهتر ڪرڻ گهرجي. پنهنجي غذا ۾ بادام، ڪشمش ۽ انجير وغيره شامل ڪرڻ گهرجي. ڀاڄيون ۽ بادام کائڻ سان توهان جي ياداشت جي طاقت به بهتر ٿئي ٿي.

عورتن کي صحت جي حوالي سان محتاط رهڻو پوندو، هن سال توهان جي گهر ۾ ڌرمي ڪاريه ٿيڻ ڪري توهان جو ذهن خوش رهندو. هن عرصي دوران توهان کي سفر ڪرڻ جو موقعو ملندو. پنهنجي بزرگن جي صحت جو خاص خيال رکندا، سر درد ۽ اکين جي بيماري ٿيڻ جو امڪان آهي. حامله عورتن کي پنهنجي صحت جو خاص خيال رکڻ گهرجي.

پريمنين لاءِ هي سال يادگار لمحن مان هڪ هوندو. پر سال جي شروعات خاص سٺي نه هوندي. شروعاتي مهينن ۾ توهان جي رشتن ۾ ڪجهه اٿل پٿل اچي. پيار جي زندگي ۾ تمام گهڻو انتشار هوندو. توهان ٻنهي جي وچ ۾ ڪنهن قسم جي غلط فهمي سبب تڪرار پيدا ٿئي، مارچ کان پوءِ وارو دور توهان جي رشتن ۾ مٺاڻ آڻيندو. ڪنوارن جون شاديون ٿينديون توهان پنهنجي خاندان جي رشتن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پڻ ڪم ڪندا. توهان پنهنجي خاندان لاءِ وقت ڪڍي سگهو ٿا. خانداني لاڳاپن ۾ باهمي محبت ۽ تعاون وڌندو. هن سال ازدواجي زندگي ۾ خوشحالي ايندي. سال جي وچ ڌاري سنتان پراپتي جي خوشخبري حاصل ڪري سگهو ٿا. گهر ۾ خوشيون اچي وينديون. هن سال توهان پنهنجي گهر ڀاتين سان گڏ سفر تي وڃي سگهو ٿا.

شڀ رنگ	شڀ ڏينهن
بلو، ڪارو ۽ ڳاڙهو	ٻڌر، شڪر ۽ ڇنڇر

نالي جو پهريون اکر
ي، جا، جي، ک، کو، گا، گي



10 CAPRICO مکر

مجموعي طور هي سال توهان لاءِ سٺو ثابت ٿيندو. سال جي شروعات ۾ ڪيريئر ۾ اڳتي وڌڻ جا نوان موقعا ملندا. آمدني جا ذريعا وڌندا. ڪاروبار سان لاڳاپيل ماڻهن کي نئين ڪمن ۾ قسمت آزمائڻ جو موقعو ملندو. پئسن جي ڪا به گهٽتائي نه هوندي. سال جي وچ تائين ڪجهه مالي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوندو. غير ضروري خرچن تي پئسا ضايع ٿين. پئسو ڪنهن به قسم جي منافعي واري منصوبي تي نه لڳائڻ گهرجي ٻي صورت ۾ ٺڳي ٿي سگهي ٿي. نوجوانن کي پئسا ڪمائڻ لاءِ شارٽ ڪٽ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. بيٽنگ، آن لائن گيمنگ يا شيئر مارڪيٽ ۾ سيڙپڪاري فائديمند نه هوندي. ڪاروباري ڀائيواري ۾ محتاط رهڻ جي ضرورت آهي. هر مالي فيصلي تي پورو ڌيان ڏيو سال جي آخر ۾ مالي حالت بهتر ٿيڻ شروع ٿيندي. نئين نوڪري ملڻ جا امڪان آهن. هن سال توهان نئون گهر خريد ڪري سگهو ٿا. گهر خريد ڪرڻ يا وڪرو ڪرڻ سان مالي فائدا ملندا تڪڙ ۾ ڪيل فيصلا مصيبت آڻي سگهن ٿا. ملڪيت سان لاڳاپيل تڪرارن ۾ فيصلو توهان جي حق ۾ ايندو. ڪنهن به مسئلي کان ڀڄڻ بدران پنهنجي محنت سان ان جو حل ڳوليندا. جيتوڻيڪ قرض وٺڻ جي صورتحال پيدا ٿئي. ريئل اسٽيٽ، پيٽرول، ڪيميڪل ڪمپنين، ريفائنري وغيره سان لاڳاپيل شعبن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن لاءِ هي سال تمام سٺو هوندو.

صحت جي لحاظ سان هي سال مخلوط نتيجا ڏيندو. سال جي شروعات صحت لاءِ بهترين ثابت ٿيندي. پنهنجي جسماني ۽ ذهني صحت سان مطمئن هوندا. ڪم سان گڏ پنهنجي ذاتي رشتن تي به ڌيان ڏيڻو پوندو. جيڪڏهن ذاتي تعلقات سٺا نه آهن ته ان جو سڌو اثر توهان جي صحت تي به پئجي سگهي ٿو. روزانو جسماني سرگرميون ڪريو ۽ صحتمند کاڌو کائو. بيماري جي صورت ۾ ترنت ڊاڪٽر سان صلاح ڪريو. سال جو وچ وارو حصو صحت لاءِ سٺو هوندو. حامله عورتن لاءِ هي سال ڏاڍو شاندار هوندو. سنتان جي پراپتي سان خوشي ملندي. سياري جي موسم ۾ بزرگ ماڻهن کي استما يعني ساهه جي تڪليف ٿي سگهي ٿي عورتن کي پنهنجي صحت کي بهتر بڻائڻ لاءِ وقت ڪڍڻ گهرجي.

ڪيريئر جي حساب سان هي سال تمام سٺو ٿيڻ وارو آهي. پنهنجي ڪيريئر کي بهتر بڻائڻ لاءِ توهان کي وڏيڪ محنت ڪرڻي پوندي جنهن ۾ ڪاميابي ضرور ملندي. محنت ۽ مثبت رويي سان زندگي ۾ سٺي ترقي ڪري سگهندا. هن سال توهان تمام ڏکيو حالتن مان نڪرڻ جي قابل هوندا. توهان جي ڪم کي تسليم ڪيو ويندو. سال جا شروعاتي مهينا توهان جي ڪيريئر کي روشن ڪرڻ لاءِ اهم آهن. ڪي ڪيترائي نوان موقعا ملندا، جن مان توهان ڀرپور فائدو وٺي سگهندا.

شايد هن سال بهترين ملازم جو لقب پڻ حاصل ڪري سگهو ٿا. آمدني ۾ واڌ جا رستا پڻ کليل هوندا پرائيويٽ ڪمپنين ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو هن سال پنهنجي موجوده نوڪري ڇڏي هڪ نئين ڪمپني ۾ شامل ٿي سگهن ٿا. مئي کان پوءِ وقت ڪجهه تبديل ٿيندو، محتاط رهڻو پوندو. ڪجهه ماڻهو توهان جي ترقي کان ناخوش ٿي سگهن ٿا. اهي توهان کي ناڪام ڪرڻ لاءِ منصوبا ٺاهي سگهن ٿا آفيس جي سياست جو شڪار ٿيڻ کان پاسو ڪريو، هي سال ميڊيڪل، قانون ۽ تدريس سان لاڳاپيل شعبن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن لاءِ سٺو هوندو. جيڪڏهن توهان راندين يا ڪنهن جسماني سرگرمي ۾ ڪيريئر ٺاهڻ جو سوچي رهيا آهيو ته اهو پڻ فائديمند ثابت ٿيندو. توهان راندين جي ميدان ۾ بهتر ڪارڪردگي ماڻي سگهو ٿا. غير متوقع مالي فائدو حاصل ڪري سگهو ٿا. ڪافي عرصي کان التوا ۾ پيل ڪم پورو ٿي ويندو. روزگار جي ڳولا ۾ سال جي وچ ڌاري پنهنجي خاندان کان پري ٿي سگهو ٿا. تحقيقي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن لاءِ هي سال تمام سٺو هوندو. ڪاروبار ۾ ڀائيواري سان ڪجهه اختلاف ٿي سگهن ٿا. پنهنجي ڪاوڙ تي قابو رکو. نه ته مالي نقصان برداشت ڪرڻو پوندو، هن سال توهان جي آمدني ۾ سٺو واڌارو ٿيندو. پئسو سٺي اسڪيم يا گڏيل فنڊ ۾ سيڙپ ڪري سگهو ٿا. هي سال شادي شده ماڻهن لاءِ تمام سٺو گذرڻ وارو آهي. توهان کي پنهنجي جيون ساٿي جو ساٿ ملندو.

پنهنجي جذبات جي باري ۾ کليل ڳالهائيندا ۽ هڪ ٻئي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا. هڪٻئي سان ڪيترن ئي سماجي ڪمن ۾ حصو وٺندا. پريمن کي هن سال پنهنجو ساٿي ملي سگهي ٿو. سماجي وقار ۾ اضافو ٿيندو. توهان قدر ۽ احترام ڪرڻو پوندو. ٻي صورت تڪرار ٿي سگهي ٿو. سال جو وچ وارو عرصو توهان جي رشتن ۾ چئلينج آڻي سگهي ٿو. پنهنجي ڀائيواري جي جذبات جو ٿو. خانداني رشتن ۾ پڻ اوچتو ڪجهه مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا.. محبت جي رشتن ۾ ڪا تلخي اچي سگهي ٿي. هي وقت شادي شده جوڙن لاءِ ڏاڍو شاندار هوندو. گهر ۾ سنتان پيدا ٿئي

11 ڪنڀ AQUARIUS



نالي جو پهريون اکر

گو، گي، سا، سي، سو، دا

شڀ ڏينهن	شڀ رنگ
آچر، منگل، شڪر ۽ ڇنڇر	ڪارو، بلو ۽ اڇو

هي سال اوهان لاءِ گڏيل نتيجا آڻيندو. سال جي شروعات ۾ هر ڪم ڪامياب ٿيندو. آمدني پڻ وڌي ويندي.. شادي شده زندگي تمام سٺي گذرندي ۽ پيار جي زندگي ۾ به هي وقت تمام سٺو آهي، توهان جي خاندان ۾ هڪ نئين ميمبر اچڻ جي خوشخبري ملندي، مالي حالت شاندار هوندي. هن عرصي دوران توهان جي صحت سٺي رهندي. بيروزگارن کي شروعاتي مهينن ۾ سٺي نوڪري ملي سگهي ٿي. زندگي ۾ ڪجهه اهم تبديليون اچن. ڪاروبار سان لاڳاپيل ماڻهو پنهنجي ڪاروبار کي وڌائڻ ۾ فائدو ملندو. سياستدانن کي پنهنجي واقفيت وڌائڻ جو موقعو ملندو. جيڪي ماڻهو پرڏيهه وڃڻ جا خواب ڏسي رهيا آهن، انهن جي اها خواهش پوري ٿيند. پرڏيهي ڪمپنين ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن لاءِ هي وقت سٺو هوندو. پنهنجي ڪيريئر ۾ سٺي ترقي ڏسي سگهو ٿا.. مارچ ۾ سٺي رقم ڪمائي سگهو ٿا. مئي مهيني ۾ ذاتي رشتن ۾ تلخيون پيدا ٿين. شادي شده زندگي ۾ ڪجهه اٿل پٿل اچي، اهڙين حالتن ۾ ڳالهائڻ تي قابو رکو. آڪٽوبر کان 5 ڊسمبر تائين پئسي ۽ مالي معاملن ۾ محتاط رهڻ جي ضرورت آهي. ڪا وڏي سيڙپڪاري نه ڪريو. پائيواري ۾ اختلاف ٿي سگهن ٿا. سال جا شروعاتي مهينا ڏاڍا شاندار هوندا. توهان جي ملڪيت پڻ وڌي سگهي ٿي. ڪاروبار ۾ گهربل نتيجا حاصل ڪندا. ڪنهن دوست سان گڏ هڪ نئين ڪاروبار جو بنياد رکي سگهو ٿا. مالي پوزيشن مضبوط رهندي.. هي سال واپارين لاءِ پڻ سٺو هوندو. ڪاروبار کي وڌائڻ لاءِ ڪيترن ئي هنڌن جو دورو ڪرڻ جو موقعو ملندو. سيني ڪم ۾ پنهنجي استاد، يا بزرگن جو ساٿ ملندو. فوڊ سيڪٽر، ڪاسميٽڪس، اي ڪامرس جهڙن شعبن ۾ سٺو ڪم ڪري سگهو ٿا. سال جو وچ وارو حصو ڪجهه نوان چئلينج آڻيندو، ڪنهن تي انڌو اعتبار ڪرڻ تمام مهانگو پئجي سگهي ٿو. وڏو مالي نقصان يا ڪنهن فراڊ جو شڪار ٿي سگهو ٿا، ان ڪري پئسو لڳائڻ کان اڳ احتياط ڪريو، هي سال مالي نقطي نظر کان توهان لاءِ تمام سٺو هوندو. ڪاروبار ۾ پرڪشش آڇون حاصل ڪندا.

هن سال صحت سان لاڳاپيل سٺا ۽ خراب نتيجا نظر ايندا. سال جي شروعات ۾ صحت تمام سٺي هوندي پر ڪم جي وڌيڪ دٻاءَ جي ڪري ٿورو مونجهارو محسوس ڪندا. ڪم سان گڏو گڏ آرام جو به خيال رکو، بازاري کاڌن کان پرهيز ڪريو، ڪلهي جو درد، شگر گڏيل درد وغيره ٿي سگهن ٿا. پاڻ صحتمند رکڻ لاءِ ڀاڄيون ۽ ميوا کائو ۽ رس پيئو. هر روز ٿورو پنڌ ڪريو. سال جو آخري حصو صحت لاءِ خاص سٺو نه هوندو. روڊ تي هلڻ يا گاڏي هلائڻ دوران انتهائي محتاط رهڻو پوندو. حادثو ٿيڻ جو امڪان آهي. جيڪڏهن توهان گذريل سال ڪنهن بيماري کان پريشان هئا ته هن سال ان کان نجات حاصل ٿي ويندي. توهان هن سال پنهنجا ڪيترائي منصوبا مڪمل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا. هن سال توهان کي پنهنجي ڪيريئر کي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪيترائي سٺا موقعا ملندا، شاگرد گذريل سال جي ڀيٽ ۾ بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندا، ڪيريئر کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪيترائي سونهري موقعا ملندا. نوڪري ۾ تبديلي جو امڪان آهي. ڪنهن سٺي ڪمپني ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو ملندو. سٺي آمدني سان گڏوگڏ سٺي پوزيشن ملندي. شاگرد هن سال پنهنجي محنت مطابق نتيجا حاصل ڪندا، پنهنجي پسند جي ڪاليج ۾ داخلا حاصل ڪري سگهو ٿا. وڪالت، چارٽرڊ اڪائونٽنٽ، ٽيڪس سان لاڳاپيل شعبن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو پنهنجي ڪيريئر ۾ سٺي ترقي ڏسندا. مئي کان پوءِ ڪيريئر ۾ ڪجهه لاها چاڙها اچن، هن عرصي دوران، توهان جا ملازم يا ساٿي ڪا سازش ڪري سگهن ٿا. سال جو آخري وقت توهان جي حق ۾ رهندو، ان عرصي ۾ نئون ڪم شروع ڪري سگهو ٿا. پائيوارن جي مدد سان ڪم ڪرڻ ۾ ڪو مسئلو نه ٿيندو. پئسا ڪنهن کي قرض ڏيڻ نه گهرجي ۽ نه ئي ڪنهن کان پئسا وٺڻ گهرجي، پنهنجي توانائي کي برقرار رکڻ لاءِ يوگا ۽ مراقبي جي مدد پڻ وٺي سگهو ٿا.

پيار جي رشتن ۽ توهان جي شادي شده زندگي لاءِ تمام گهڻو اهم آهي. توهان پنهنجي پيار جو کليل اظهار ڪندا. توهان پنهنجي پائيوار سان هڪ جذباتي تعلق محسوس ڪندا. سال جي شروعات وارو وقت شادي شده زندگي لاءِ بهترين هوندو. هن سال توهان جي خاندان ۾ هڪ نئين مهمان اچڻ سان گهر ۾ خوشي جو ماحول هوندو. ڪنوارن جون شاديون ٿين، پريمين لا اهو وقت رومانس سان ڀرپور هوندو. پنهنجي ساٿي سان ڊگهي ڊرائيو، فلم ڊنر پارٽين مان لطف اندوز ٿيندا. مئي مهني دوران ذاتي رشتن ۾ تلخيون پيدا ٿين. ڪنهن به ٻاهرئين ماڻهو کي پنهنجي جي رشتن جي وچ ۾ اچڻ نه ڏيو. پنهنجي ازدواجي زندگي ۾ پڻ ڪجهه مسئلن کي منهن ڏئي سگهو ٿا ان لاءِ ٿورو محتاط رهڻو پوندو. پنهنجي جيون ساٿي سان ڪوڙ نه ڳالهايو. هن هي سال ڪامورن لاءِ تمام سٺا ۽ خوشگوار نتيجا آڻيندو پر توهان کي سچائي ۽ ايمانداري جي واٽ تي هلڻو پوندو ۽ ڪنهن جي جذبات کي مجروح ڪرڻ کان پاسو ڪرڻو پوندو.

12 مين PISCES



نالي جو پهريون اکر

دي، دوُ، ٿ، جهه، ڄ، دو، چ، چا، چي

شڀ ڏينهن	شڀ رنگ
وسپت ۽ ڇنڇر	واڱڻائي ۽ هلڪو بلو

هي سال توهان لاءِ تمام خوش قسمت ثابت ٿيندو. قسمت جا ستارا چمڪندا ڪاروبار ۽ پراڻي ملڪيت مان سٺو فائدو حاصل ٿيندو. ريئل اسٽيٽ سان لاڳاپيل معاملن ۾ وڏو منعافو ٿي سگهي ٿو. توهان جي آمدني وڌندي ۽ خرچ گهٽجي ويندا. سال جي شروعات معاشي نقط نظر کان تمام سٺي آهي. زمين جي خريد و فروخت مان وڏا مالي فائدا حاصل ڪري سگهو ٿا. نئين گاڏي خريد ڪرڻ جو امڪان آهي، نئون ڪاروبار ۾ پائيواري مان فائدو ملندو. ڪنهن به سيڙپڪاري ۾ بهتر ڪارڪردگي ڏسندا.

هن سال توهان کي رهيل اوڌر جي رقم پڻ واپس ملندي، ڪنهن کي پئسا قرض ڏيڻ کان پاسو ڪندا. هي سال واپارين لاءِ سٺو هوندو. ڪاروبار ۾ نفعو ملندو، هڪ وڏو منصوبو يا ڪاروباري معاملو ملندو جيڪو سٺي آمدني ڏيندو مالي. پئسي جي معاملن جي حوالي سان اڳ ۾ ئي حڪمت عملي اختيار ڪريو. ڪو به نئون ڪاروبار شروع ڪرڻ کان پهريان پنهنجي مالي حالت کي ضرور چيڪ ڪريو. غور ويچار کان فيصلو ڪرڻ فائدو ڏيندو.

سال جو وچ وارو دور به فائديمند هوندو. توهان جو پئسو ڌرمي ڪمن ۾ خرچ ٿيندو. ٻاهرين ملڪن مان سٺو منافعو حاصل ٿيندو. پرڏيهه ۾ نالو ڪمائڻ جو موقعو ملندو. ڪاروبار ۾ ڪيترائي نوان ڪنيڪشن ٺاهيندا هن عرصي دوران زمين، عمارتون، گاڏيون، جواهر ۽ زيور خريد و ڪري سگهو ٿا. مٿي ڪانپو خرچن ۾ اوچتو اضافو ٿيندو،

هن سال توهان جي صحت بهتر رهندي، ذهني ۽ جسماني خوشي ملندي. ۽ بيمارين کان نجات ملندي. فٽنيس ڪلب، جم، ميڊيٽيشن سينٽر وغيره ۾ شامل ٿي سگهو ٿا جيڪو صحت کي فائدو ڏيندو ۽ ٻارن ۽ بزرگن جي صحت هن سال سٺي رهندي. ڪنگهه، ٿڌ ۽ مائيگرين جي ڪري ڪجهه پريشاني ٿئي پر ننڍين مسئلن ڪانسوا ڪو به وڏو مسئلو نه هوندو. سال وچ ڌاري والدين يا خاندان جي ڪنهن وڏي فرد جي صحت بابت پريشان رهي سگهو ٿا. پر اهي مسئلا جلد دور ٿي ويندا سال جو وچ وارو عرصو صحت جي حوالي سان ڪجهه مايوس ڪندڙ ٿي سگهي ٿو. مٿي جو سور، بخار يا نمونيا وغيره ۾ مبتلا ٿي سگهو ٿا، ترنت ڊاڪٽري علاج ڪرائيندا، سال جي آخر تائين صحت سان لاڳاپيل اڪثر مسئلن کان نجات ملندي. عورتون پنهنجي جسماني ڏيک تي وڌيڪ ڌيان ڏينديون، جنهن لاءِ ڊائٽنگ، جمنگ ۽ يوگا جي مدد وٺي سگهن ٿيون، . ذهني ۽ جسماني طور تي توهان هن سال تمام گهڻو خوش رهندا.

ڪيريئر جي مطابق هي سال تمام سٺو هوندو. هر ڪم ۾ تعريف ملندي. توهان جي عزت ۽ شهرت وڌندي. شاگردن کي پڙهائي ۾ ٿوري محنت ڪرڻي پوندي، تڏهن ئي ڪين گهربل نتيجا ملندا. هي سال نوڪري ڪندڙ ماڻهن لاءِ تمام گهڻو خوش قسمت آهي. نوڪري ۽ ڪاروبار ۾ ڪيتريون ئي اهم تبديليون آڻي سگهو ٿا ۽ ڪاروبار سان لاڳاپيل ماڻهون هن سال تمام گهڻو پئسو ڪمائيندا. ڪنهن نئين ڪمپني يا نئين سيڙپڪاري ۾ قسمت توهان جو ساٿ ڏيندي ۽ هر ڪوشش ۾ ڪاميابي ملندي. ميڊيا، ڪميونيڪيشن، پي آر، مارڪيٽنگ سان لاڳاپيل شعبن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن کي تمام سٺا نتيجا ملندا. ڪيريئر ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ خاندان ۽ دوستن کان مدد ملندي. آفيس ۾ پڻ سينيئرن جي سهڪار سان ترقي ڪندا. توهان جي ڪم کان متاثر ٿي توهان جو باس توهان کي ترقي يا ڪنهن وڏي ڪم جي ذميواري ڏئي سگهي ٿو. سرڪاري نوڪريون ڪندڙ ماڻهن جي پگهار ۾ به اضافو ٿي سگهي ٿو. ڪاروبار ۾ پائيواري جي ڪري توهان کي ڪجهه نقصان ٿي سگهي ٿو. پنهنجي سرمائي کي صحيح جاءِ تي لڳائڻ گهرجي.

پريمين کي هن سال پيار ۽ محبت جي معاملن ۾ مخلوط نتيجا ملندا. سال جي شروعات ذاتي لاڳاپن لاءِ تمام شاندار هوندي، شادي شده زندگي پڻ بهتر هوندي. سال جو وچ وارو حصو لاڳاپن ۾ ڪجهه اٿل پٿل آڻيندو. توهان جي جيون ساٿي سان ننڍين معاملن تي بحث يا اختلاف ٿيندو. توهان جي پيار واري زندگي ۾ اهڙيون تبديليون اچي سگهن ٿيون جن جو توهان ڪڏهن تصور به نه ڪيو هوندو، ان ڪري بهتر ٿيندو ته توهان پنهنجي پارٽنر لاءِ وقت ڪڍي هن سان گڏ ڪجهه ٻاهر وڃو. ازدواجي زندگي ۾ پڻ ڪجهه مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو. توهان جو ضدي رويو توهان کي مصيبت ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿو تنهن ڪري، پنهنجي رشتي کي ڪجهه وقت ڏيو ۽ هڪ ٻئي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو ڪنوارن کي هن وقت ڪو به رشتو ڪرڻ ۾ جلدي نه ڪرڻ گهرجي ۽ توهان جو رشتو ٽٽي سگهي ٿو، تنهنڪري. سال جا آخري مهينا رشتن جي حساب سان تمام سٺا ثابت ٿيڻ وارا آهن. ڪنوارن جي شادي به ٿي سگهي ٿي. شادي لاءِ خاندان جي رضامندي پڻ ملندي.

ٻارهن راسين جو هڪ ٻئي سان سينڌ

راس انوسار هڪ ٻئي کي لهڻو ڏيڻو ۽ ڪهڙي راس واري سان ڏنڊو ڪجي ته گهاٽو نه پوي. ڪنهن سان پائيواري، ڏيتي ليتي مٽي مائٽي، شادي ونهوار ڪرڻو هجي. نوڪري، ڌنڌو يا واپار ڪرڻو هجي ته اول اُن جي پهرين اکر موجب راس ڏسو ۽ هيٺ ڏنل نقشي ۾ پنهنجي راس ڏسجي. جنهن سان وهنوار ڪرڻو هجي ته اُن جي راس پيٽ ڪجي. جيڪي راسيون فائدو پهچائينديون آهن اُنهن سان وهنوار ڪرڻ ۾ لاڀ ٿيندو جيڪي نقصان پهچائيندڙ آهن انهن سان وهنوار نه ڪجي.

پنهنجي راس	١	٢	٣	٤	٥	٦	٧	٨	٩	١٠	١١	١٢
	ميکه	ورک	مٿن	ڪرڪ	سنگهه	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين
تورو لاڀ تورو نقصان	مين ميکه ورک	ميکه ورک مٿن	ورک مٿن ڪرڪ	مٿن ڪرڪ سنگهه	ڪرڪ سنگهه ڪنيا	سنگهه ڪنيا تل	ڪنيا تل ورشچڪ	تل ورشچڪ ڌن	ورشچڪ ڌن مڪر	ڌن مڪر ڪنڀ	مڪر ڪنڀ مين	ڪنڀ مين ميکه
پورو پنو لاڀ پٽ رهجي پريم قائم	مٿن ڪرڪ تل مڪر ڪنڀ	ڪرڪ سنگهه ورشچڪ ڪنڀ مين	سنگهه ڪنيا ڌن مين ميکه	ڪنيا تل مڪر ميکه ورک	تل ورشچڪ ڪنڀ ورک مٿن	ورشچڪ ڌن مين مٿن ڪرڪ	ڌن مڪر ميکه ڪرڪ سنگهه	مڪر ڪنڀ ورک سنگهه ڪنيا	ڪنڀ مين مٿن ڪنيا تل	مين ميکه ڪرڪ تل ورشچڪ	ميکه ورک سنگهه ورشچڪ ڌن	ورک مٿن ڪنيا ڌن مڪر
نقصان پوندو پاڙ ۾ نه نهندا	ڪنيا ورشچڪ	تل ڌن	ورشچڪ مڪر	ڌن ڪنڀ	مڪر مين	ڪنڀ ميکه	مين ورک	ميکه مٿن	ورک ڪرڪ	مٿن سنگهه	ڪرڪ ڪنيا	سنگهه تل
سنو لاڀ پريم قائم	سنگهه ڌن	ڪنيا مڪر	تل ڪنڀ	ورشچڪ مين	ڌن ميکه	مڪر ورک	ڪنڀ مٿن	مين ڪرڪ	ميکه سنگهه	ورک ڪنيا	مٿن تل	ڪرڪ ورشچڪ

گنڊ نڪشتر

آشوني، آشليشا، مگها، جيشٽا، مول ۽ ريوتي اهي ڇهه (6) نڪشتر گنڊ نڪشتر آهن، جي ٻالڪ انهن نڪشترن ۾ پيدا ٿئي ته ان ٻالڪ جو جيئڻ مشڪل آهي. ماتا جي تڪليف ۽ ڪل جي ناس ڪري ٿو. پر گنڊ نڪشتر ۾ چاول پار جيئرو رهي ته هاٿي ۽ گهوڙي جهڙو طاقتور ۽ هوشيار ٿيندو ۽ راجائي ماڻيندو. ڪنهن غريب برهمڻ کي اناج وغيره دان ڪرڻ سان خراب اثر دور ٿين ٿا.

مول جي پاد (پهريون) جو ڦل مول جي پهرين پاد ۾ جنم ٿئي ته پتا لاءِ ٻئي پاد ۾ ماتا لاءِ ٽئين پاد ۾ ، ڌن لاءِ هاڃيڪار آهي باقي چوٿون پاد شڀ آهي.

مول نڪشتر راس (رهڻ) ڦل: ناهري ڦڳڻ، ويساک ۽ چيٽ مهيني ۾ مول جو راس پاتال لوڪ ۾ ۽ مانگهه، اسو ، بدو ۽ آکاڙ مهيني ۾ سورڳ ۽ اهڙي نموني پوهه، جو ملڻ، پاتال ۾ هجي ته ڌن جي پراپتي ۾ گهٽتائي قسمن جا وگهن پون ٿا.

جيشٽا نڪشتر جو پاد ڦل پهرين پاد ۾ جنم ٿئي ته ناناٽي لاءِ ڪشٽ ڪاري ۽ ٻئي پاد ۾ ماتا لاءِ ڪشٽ ڪاري، ٽئين پاد ۾ پتا ڪل ۽ گوتر ڪشٽ ڪاري ۽ چوٿين پاد ۾ پائرن لاءِ خراب ۽ ڌن جو ناس ٿئي ٿو.

آشليشا پاد جو ڦل پهرين پاد شڀ آهي، ٻئي پاد ۾ ڌن جو ناس ٽئين پاد ۾ ماتا جو ناس ۽ ڪشٽ ڪاري، چوٿين پاد ۾ پتا جو ناس يا ڪشٽ ڪاري (دک) ڏيندڙ ٿئي ٿو.

مگها نڪشتر پاد جو ڦل پهرين پاد ماتا لاءِ ڪشٽ ڪاري، ٻئي پاد ۾ پتا لاءِ ڪشٽ ڪاري، ٽئين پاد ۾ شڀ ۽ چوٿين پاد ۾ ڌن جي پراپتي ڪري.

ريوتي پاد جو ڦل پهرين پاد ۾ جنم ٿئي ته راجا سمان رهي، ٻئي پاد ۾ جنم ٿئي ته منتري (وزير) سمان رهي. ٽئين ۾ جنم ٿئي ته وڏيڪ سک ملي، چوٿي پاد ۾ جنم ٿئي ته ڊپ ۽ ڪشٽ ڪاري آهي.

اشوني پاد جو ڦل پهرين پاد ۾ جنم ٿئي ته ڊپ ۽ ڪشٽ ڪاري، باقي ٻيون، ٽيون ۽ چوٿون شڀ ٿيندا آهن.

ڪرشڻ پڪش جي چوڏس (اونداهي) تٿ جي جنم جو ڦل چوڏس تٿ جا ڇهه حصا ڪريو، چوڏس تٿ جي پهرين حصي ۾ جنم ٿئي ته شڀ، ٻئي ۾ پتا لاءِ هاڃي، ۽ ڇهين ۾ سروناش ٿئي ٿو. ان لاءِ ڪلياڻ ڪرڻ جي اڇا لاءِ نڪشتر ڏسي ان جي پاپ لاهڻ جو يتن ڪري.

هڪ نڪشتر ۾ جنم جو ڦل پتا پتر يا ڀن ڀائرن جو هڪ ئي نڪشتر ۾ جنم ٿئي ته هڪ جو موت ٿئي ٿو.

ٽڪڻ پوڄڻ ٽن نياڻين ڪان پوءِ پٽ ڄمي ته مائٽن لاءِ خراب، ٽن پٽن ڪان پوءِ ڌي ڄمي ته مائٽن لاءِ سر ۽ ساهرن کي وڌائي، اهو ٻار ٽڪڻ ليکبو آهي. ان لاءِ ٽڪڻ پوڄڻ ڪرائڻ گهرجي.



ويدن ۽ شاسترن موجب

ڌرمشنڪائون ۽ اُن جو نوارڻ



پرشن: هندو موجب ٻار جيڪڏهن مري وڃي ته ڪهڙي عمر تائين زمين ۾ دفن ڪجي؟

اُتر: ٻار 27 مهينن تائين زمين ۾ دفن ڪجي. (نوٽ: هن حالت ۾ 9 مهينا گرڀ جا ڳڻ ليڪجن) ٻار کي اڇي نئين ڪپڙي ۾ ويڙهي، 5 ڪلو ٿلهو لوڻ به ان سان گڏ زمين ۾ مٿان وجهجي ۽ کير ڪچو مٿان ڇٽجي. زمين ۾ دفن ڪري مٿان ڏيئو ۽ اگربتيون ٻارجن.

پرشن: اڏ ڪريا ڇا ٿيندي آهي؟

اُتر: اڏ ڪريا 12 سالن تائين ٿيندي آهي. جيڪڏهن ٻار کي جڻيو نه پيل هجي. اگني سنسڪار ڪري ان جون هائيون سمنڊ يا نديءَ ۾ پروان ڪجن. 7 ڏينهن ڏهاڪو اٺين ڏينهن يارهو ۽ نائين ڏينهن ٻارهو ڪرڻ ۾ ايندو پر جيڪڏهن ٻار کي جڻيو پيل آهي ته ان جي شيءِ ڪريا يعني ڏهين ڏينهن ڏهاڪو يارهين ڏينهن يارهو ۽ ٻارهين ڏينهن ٻارهو ٿيندو.

پرشن: ڏهاڪو الڳ ڪهڙي حالت ۾ ڪرڻ گهرجي؟

اُتر: اڄ ڪلهه وڏن شهرن ۾ اڪثر ٻهرين ڏينهن پراڻي سان ڏيئو ساڻ ڏين ٿا. جيڪي ڏيئو ساڻ ڏين ٿا انهن کي ڏهاڪي ۽ يارهين جي ڪريا، يارهين ڏينهن گڏ ڪرڻ گهرجي، پر جيڪي گهر ۾ ٽي ڏينهن يا ڏهه ڏينهن ڏيئو ٻارين ٿا انهن کي ڏهاڪي جي ڪريا الڳ ڪرڻ گهرجي.

پرشن: ڪي انگريزي تاريخ موجب شراڌ ڪن ٿا ڇا اُهو صحيح آهي؟

اُتر: انگريزي تاريخ موجب شراڌ ڪرڻ سرار غلط آهي. جنهن ڏينهن پراڻي شرير تياڳيو آهي. ان ڏينهن جيڪا تٿ هجي (سائي يا اونداهي) ان تٿ تي شراڌ ڪرڻ گهرجي.

پرشن: نوراتن ۾ جيڪڏهن ٻارهو يا ٻارهن ماسي ٿئي ته ان جو هَوَن ڪرائجي يا نه؟


اُتر: نوراتن ۾ جيڪڏهن ٻارهو يا ٻارهن ماسي اشٽمي جي اندر ٿئي ٿو ته ان جو هَوَن ڪونه ڪرائبو باقي، ٻي سڀ پوڄا پنڊ ۽ ترپڻ ٿيندا. شاسترن ۾ نومي کان وٺي هَوَن ڪرڻ جي اڳيان ڏنل آهي؟

پرشن: گيا ۾ وڏن جي نمت پنڊ پرائڻ ڪڏهن ڪرڻ گهرجي؟

اُتر: گيا ۾ وڏن جي نمت پنڊ سال پوري ٿيڻ کانپوءِ ڏيڻ وڃو آهي. سرگواس ٿيل پُڄ آتمائون پيون واجهائيندون آهن ته ڪير اسان جي ونش مان اچي گيا ۾ پنڊ دان ڪري. سرگواس ٿيل آتمائون پنهنجي اولاد کي آشرواڏ ڏينديون آهن ته سندس اولاد خوشحال ۽ سکي گذاري.

هٿن جي لڪيرن جو راز


دل جي ريکا: (1) دل جي ريکا اشد يا وڏي آڱر جي درميان وڃي ملي تہ منش پريمي ۽ ٻئي جو ڪم ڪرڻ وارو ٿئي ٿو. (2) هي ريکا ٽئين آڱر پار ڪري تہ اهو منش سدا غم ۽ پريشاني ۾ رهي ٿو. ٻئي ڪنهن سان ڳالهائڻ پسند نٿو ڪري. (3) هي ريکا صاف نظر اچي تہ هو منش هميشہ صاف دل ۽ نيڪ خيال رهي ٿو. (4) اگر دل جي ريکا دماغ جي ريکا پار ڪري تہ هو منش گهڻو چالاڪ ۽ عقل سان ڪم ڪري ٿو. (5) دل جي ريکا مڌم ٿي وڃي تہ هو منش خود غرض ٿئي ۽ ٻين کي بہ پاڻ جهڙو سمجهندو آهي. (6) دل جي ريکا مڌم ٿي زنجير جهڙي ٿي پوي تہ اهو منش استري سان نفرت ڪري ٿو. (7) اگر هي ريکا رستي ۾ ٽٽي وڃي تہ اهو ماڻهو محبت ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو. (8) مٿيون نمبر 7 وارن ساڳئين حال ٿئي ٿو. (9) دل جي ريکا دماغ جي ريکا ڏانهن لاڙو ڪري تہ اهو منش ڪنهن بہ صورت ۾ محبت ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيندو. (10) دل جي ريکائن مان ننڍيون ننڍيون ريکائون نڪرن تہ اهو منش هميشہ محبت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي ۽ هميشہ پنهنجو ڌيان انهيءَ ڏانهن رکي ٿو. (11) دل جي ريکائون ٻئي هڪ جاءِ تان نڪرن تہ اهو منش وڏو ڀڳت ۽ ڌرماتما ٿي پنهنجو نالو دنيا ۾ روشن ڪندو آهي. (12) دل جي ريکا بلڪل سنهي هجي تہ اهو انسان محبت ۾ ناڪامي جي علامت رهي ٿو. (13) دل جي ريکا پيلي رنگ وٺ ۽ ٿلهي هئڻ ڪري اهو منش دل جي بيماري ۾ مبتلا رهي ٿو. (14) دل جي ريکا سان ماڻهو کي ناڪامي جي ڪري ڪا بيماري ٿئي ٿي. (15) دل جي ريکا تي ڪو دائرو هجي تہ اهو ماڻهو دل جو بلڪل ڪمزور رهي ٿو.



سوريہ جي ريکا: (1) سوريہ ريکا جو ڪمان سني طرح هجي تہ اهو انسان وڏو آرٽسٽ ۽ قابل ٿئي ٿو. (2) اگر هي ريکا وچان ڪٽيل هجي تہ اهو ماڻهو هر ڪم ۾ ناڪام رهي ٿو. (3) سوريہ ريکا قسمت جي ريکا سان گڏ وڃي تہ ان منش کي هر ڪم ۾ ڪاميابي ملي ٿي. (4) سوريہ ريکا ڪنهن ٻئي ريکا سان ڪٽجي پوي تہ ان ماڻهو جي استري هر ڪم ۾ رڪاوٽ ٿئي ٿي. (5) هي ريکا قسمت جي ريکا جي ويجهو ٽٽل هجي ۽ وري اڳيان هلي تہ اهو ماڻهو دل جو ڪارو ٿئي ٿو.

شادي جي ريکا: (1) شادي جي ريکا چيچ آڱر جي جڙهہ، هٿ جي تري ۾ هوندي آهي، ڪنهن منش کي ٻہ،ٽي ريکائون بہ هونديون آهن. ريکائون جيتريون گهريون ۽ ٿلهيون هونديون ايتريون شاديون سمجهڻ گهرجن. اگر هڪ ريکا وڏي ۽ ٻيون ريکائون ننڍيون آهن تہ سمجهو ننڍي ريکائن وارين استرين سان پريم ڪيو آهي. (2) شادي جي ريکا بلڪل ننڍي هجي تہ اهو انسان شادي کان پوءِ دکي زندگي گذاري ٿو. (3) اگر هي ريکا ٽٽل هجي تہ زال مڙس ۾ طلاق جي نوبت اچي ٿي يا مڙس کي ڇڏي هلي وڃي ٿي. (4) شادي جي ريکا دل، دماغ ۽ عمر جي جي ريکائن کي ڪٽي پار ڪري وڃي تہ اهو منش شادي کان پوءِ ڪڏهن بہ سک ۽ چين سان نہ رهندو. (5) اگر هٿ جي ريکا ۾ دائرو هجي تہ اهو ماڻهو پنهنجي استري کي ڇڏي ٿو ۽ ان جي استري ٻيو مڙس ڪري ٿي. (6) اگر شادي جي ريکا هٿ ۾ صاف نظر اچي تہ اهو منش شادي کان پوءِ سک سان گذاري ٿو. (7) شادي جي ريکا اڳيان هلي گهٽي شاخن ۾ ورهائجي وڃي تہ اهو منش شادي کان پوءِ زال مڙس جي جهيڙي ۾ عمر گذاري ٿو. (8) شادي جي ريکا ٻن حصن ۾ ٿئي تہ ان ماڻهو کي شادي کان پوءِ بيعزت ٿي گذارڻو پوي ٿو. (9) شادي جي ريکا سوريہ ريکا سان ملي تہ ان منش جي شادي امير گهراڻي ۾ ٿئي ٿي. (10) اگر هن ريکا ۾ ڪو ڪارو داغ ٿئي تہ اهڙي منش جي استري مري وڃي ٿي. (11) اگر هن ريکا تي دائرو هجي تہ اهو منش شادي کان پوءِ بيمار رهي ٿو. (12) شادي ريکا تي زنجير جو نشان هجي تہ ان منش جي شادي ٿيڻ جا بلڪل گهٽ چانس هوندا آهن.

(13) شادي جي ريکا تي هڪ ڪمان جهڙي صورت هجي تہ ان انسان جي زال هن کي ڇڏي وجي ٿي. (14) شادي جي ريکا دل جي ريکا سان ويجهي هجي تہ ان منش جي شادي ننڍي عمر ۾ ٿئي ٿي. (15) شادي ريکا کي ڪو ڪراس اچي ۽ شادي جي ريکا کان هيٺ ڪريل هجي تہ ان ماڻهو جي جنهن سان شادي ٿئي اها استري مري وجي ٿي.



هٿ تي مختلف قسمن جون لڪيرون


چندرما ريکا: (1) هن ريکا مان ڪٽيل شاخون نڪرن ۽ ريکا بلڪل ننڍي هجي تہ ان منش تي ڪو ڪوڙو الزام لڳندو. (2) هن ريکا ۾ ڪو جزيرو نڪري تہ اهو منش وڏو محنتي ٿئي ٿو. (3) هي ريکا عمر جي ريکائن سان ڪٽجي وجي تہ اهو منش سمنڊ ۾ ڪافي سفر ڪري دولت ماڻي سگهي ٿو. (4) هي ريکا صاف ۽ گهري تہ اهو ماڻهو وڏو قابل ۽ هوشيار ٿئي ٿو.

وديا جي ريکا: (1) هي ريکا صاف هجي تہ منش ڪافي تعليم حاصل ڪري ٿو. (2) هي ريکا ڪنهن ٻئي ريکا سان ڪٽجي وجي تہ ان ماڻهو جي پڙهائي ۾ رنڊڪ پوي ٿي. جي ٻن جهڳين تان ڪٽجي وجي تہ ٻہ ڀيرا رنڊڪ اچي ٿي. (3) هي ريکا شروع ۾ مڌم ۽ اڳيان هلي گهري ٿئي تہ اهو منش ٻچپن ۾ پڙهائي ۾ دل نٿو لڳائي ۽ وڏو ٿي پڙهائي ۾ سٺي دلچسپي رکي ٿو.

صحت جي ريکا: (1) هي ريکا جنهن هٿ ۾ هوندي آهي اهو هٿ تمام ڀاڳوان هوندو آهي. هن منش کي ڪابہ بيماري ويجهي نٿي اچي. (2) هي ريکا عمر جي ريکا جي ويجهي اچي تہ ان منش جي عمر گهٽ سمجهڻ گهرجي. (3) هن ريکا تي تاري جو نشان هئڻ جي صورت ۾ ان ماڻهو کي ڪونہ ڪو بيماري ٿئي ٿي ۽ آپريشن ڪرڻ کان ٺيڪ ٿئي ٿو. (4) هن ريکا تي زنجير جو نشان هجي تہ اهو انسان جڙجڙ ڪرڻ جي عادت ٿئي ٿي. (5) جنهن منش جي ريکا ٽٽل هجي، جيتري ريکا ٽٽل هوندي اوتري عمر تائين بيمار رهي ٿو. (6) هي ريکا جيتري سنهي ۽ سڌي هجي تہ اهو ماڻهو ظالم ٿئي ٿو.(7) اگر هن ريکا کان ڪراس ٽيڙ جي صورت ۾ اهو منش بيمار رهي ٿو. (8) اگر هن ريکا تي گول نشان هجي تہ اهو ماڻهو اچور ٿئي ٿو. (9) اگر هي ريکا قسمت ۽ دماغ جي ريکائن سان گڏ تي هڪ ٽڪندو ٺاهي تہ اهو منش وڏو شيواڌاري ڀڳت ٿئي ٿو. (10) هي ريکا جيترا ڀيرا ڪٽيل هجي اوترا ڀيرا منش بيمار ٿئي. (11) اگر ريکا تي جزيرو ٺيل هجي ۽ ننهن بادام رنگ جا هجن تہ ان منش کي ٽي، بي جو روڳ ٿئي ٿو. (12) هي ريکا دل ۽ دماغ جي ريکائن کي پار ڪري تہ ان منش کي مٿي ۾ سور يا مٿي ۾ ٻي بيماري رهي ٿي.

عمر جي ريکا: (1) عمر جي صاف ۽ بغير ڪٽيل نظر اچي تہ هن منش جي زندگي سک واري ٿئي ٿي. (2) عمر جي ريکا پيلي رنگ جي سنهي يا ننڍي، ڪنهن ٻئي ريکا کان ڪٽيل هجي يا زنجير جهڙي هجي تہ ان منش کي بيماري جي نشاني ڏيکاري ٿي. (3) وسپت جي پويان زنجير جهڙي نظر اچي تہ هن کي ننڍپڻ ۾ ڪنهن وڏي بيماري جو ڪارڻ ڏيکاري ٿي. (4) اگر هي ريکا ڪنهن جي هٿ ۾ گهري ۽ لال رنگ جي هجي تہ اهو منش بي رحم ٿئي ٿو. (5) هي ريکا آڱوٺي وٽ هڪ وڏو دائرو ٺاهي تہ هن منش جي عمر 100 سال ٿئي ٿي. (6) هي ريکا چاڙهي وانگر هٿ ۾ هجي تہ هي منش هميشہ بيمار رهي ٿو. (7) اگر عمر جي ريکا ٻن هٿن ۾ ٽٽل هجي تہ ان منش جي عمر تمام گهٽ ٿئي ٿي. (8) عمر جي ريکا قسمت جي ريکا سان وڃي ملي تہ منش جي عزيز کي جاني نقصان ٿيڻ جو انديشو آهي. (9) عمر جي ريکا دماغ جي ريکاق سان ملي تہ اهو انسان وڏو قابل ۽ سٺي دماغ وارو ٿئي ٿو. (10) عمر جي ريکا دل ۽ دماغ جي ريکا سان ملي تہ ان منش جو اوچانڪ موت ٿئي ٿو. (11) عمر جي ريکا دماغ جي ريکا کان پري هجڻ جي صورت.۾ اهو منش خراب چال چلن وارو ٿئي ٿو. (12) عمر جي ريکا مان ننڍيون ننڍيون ريکائون نڪري مٿي ڪرائي ڏانهن وڃن تہ اهڙو منش امير ٿيڻ جا خواب ڏسي ٿو ۽

هٿ تي مختلف قسمن جا ننڍڙا نشان



جيڪڏهن هٿ ڏانهن وڃي ته ان ماڻهو کي صحت ۽ دولت جو نقصان ٿئي ٿو. (13) عمر جي ريکا تي گول دائرو يا ڪارا داغ هجن ته ان منش کي انڌي پڻ جي نشاني ٻڌائي ٿو. (14) عمر جي ريکا هڪڙي هٿ ۾ ثابت ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪٽيل هجي ته وڏي بيماري جي علامت ٿئي ٿي. (15) عمر جي ريکا چندرما ڏي وڃي ته وڏي مسافري ڪرڻ جو ٻڌائي ٿي.

قسمت جي ريکا: (1) قسمت جي ريکا: قسمت جي ريکا صاف ۽ گهري هجي ته اهو انسان وڏو قسمت وارو ٿئي ٿو. (2) قسمت جي ريکا ۾ ڪجهه چڪر اچي وڃي ته ان منش کي هر هڪ ڪم ۾ رڪاوٽ درپيش اچي ٿي. (3) قسمت جي ريکا سڌي وڃي اهو انسان وڏو شهرت ۽ عزت وارو ٿئي ٿو.(4)قسمت جي ريکا دل جي ريکا کان پار ڪري گذرڻ وقت زنجير جهڙي ٿئي ته ان شخص جي محبت ۾ ناڪامي جي علامت ظاهر ڪري ٿي. (5) جيڪڏهن هي ريکا وچ مان ٽٽي وڃي ته ان منش کي هر ڪم ۾ رڪاوٽ اچڻ جي علامت آهي. (6) هي ريکا ٻن هنڌن ۾ ٽڪرن مان نڪري ته ان ماڻهو جي ڪوشش ڪرڻ سان خواهش پوري ٿئي ٿي. (7) هي ريکا بلڪل ننڍي ڏسڻ ۾ اچي ۽ ڪرائي ڏي نڪري ته ان منش کي ڪنهن غم ۾ مبتلا آهي.(8) هن ريکا کان هڪ ريکا هيٺ وڃي ته ڪنهن نقصان ٿيڻ جي علامت آهي. (9) هن ريکا کان مٿان ڪو جزيرو ٺهيل هجي ته اهو انسان شادي کان پوءِ سک ۽ چين جي زندگي گذاري ڪرن سگهندو. (10) اگر ريکا سنگل هجي ته اهو انسان طاقتور ٿئي ٿي ۽ ڌرم جي ڄام رکڻ وارو ٿئي ٿو.

منگل جي ريکا: هن ريکا جا ٻه نالا آهن، هڪ عمر جي ريکا جي پيڻ ۽ ٻيو زندگي جي اندر جي لائن. (1) هي ريکا هٿ جي ڪرائي کان نڪري ڊگهي ٿئي ته اهو انسان ڪافي سفر ڪري ٿو. (2) عمر جي ريکا جي برابر کان شروع ٿي جي ريکا جي برابر ختم ٿئي اهو انسان وڏو ڀاڳوارو ٿئي. (3) اگر منگل ريکا ڪافي گهري هجي ته اهو ماڻهو گهڻو ڪروڌي هوندو آهي ٿوري ٿوري ڳالهه تي هن کي گهڻو ڪروڌ ايندو آهي هي انسان پنهنجي زندگي ۾ ڪڏهن به ترقي نه ڪري سگهندو. (4) منگل ريکا گهري ۽ لال رنگ جي هجي ته اهو انسان هر ڪم تيز ۽ جلدي ڪري ٿو. (5) منگل ريکا جي آخر ۾ ڪاٽائو يا ڪراس اچي ته ان منش کي هر ڪم ۾ ناڪامي ٿئي.

دماغ جي ريکا: هي ريکا ٽري جي وچ ۾ ٺهندي آهي هن جو اثر انسان جي عقل تي ٿئي ٿو. هي ريکا ٽن پرڪارن سان ٺهندي آهي، (الف) عمر جي ريکا سان ملي نڪري ٿي. (ب) عمر جي ريکا مان نڪري ٿي. (ٿ) ريکا بلڪل ٻاهران نڪري ٿي.

(1) هي ريکا گهري ۽ خوبصورت ڏسڻ ۾ اچي ٿي اهو منش وڏو قابل ۽ مشهور ٿئي ٿو. (2) دماغ جي ريکا جو رنگ ڪارو ٿي پوي ته اهو ماڻهو سست ۽ ڪم چور ٿئي ٿو. هن منش کي ڦڦڙ ۽ پيٽ جو وڪار ٿئي ٿو. (3) دماغ جي ريکا ٽٽل ڦٽل هجي هن منش جو پاڳل ٿيڻ جو انديشو ٿئي ٿو. (4) دماغ جي ريکا سان گڏ هجي ته اهو انسان پنهنجي پاڻ کي ڪم عقل سمجهي ٿو. (5) عمر ۽ دماغ جي ريکا ٻئي گڏ هلي پوءِ ٽٽي ته اهو منش استري هجي يا پرش شرميلا ٿين ٿا. (6) دماغ جي ريکا ڊگهي ۽ سنهي هجي ته اهو ماڻهو جنهنجو نمڪ کائي ٿو ان جو وفادار رهي. (7) دماغ جي ريکا زنجير وانگر ٺهيل هجي ته اهو انسان مٿي جي سور جو مريض رهي ٿو. (8) دماغ جي ريکا کان معمولي پري هجي ته ان انسان کي دماغي بيماري ٿئي ٿي. (9) اگر دماغ ۽ ريکا قسمت جي ريکا وٽ ختم ٿئي ته ان منش جي عمر بلڪل گهٽ ٿئي ٿي. (10) دماغ جي ريکا ننڍي ٿئي ته جي ان منش کي پنهنجي پراڻي ياد گيري نه رهي، ايتريقدر جو هڪ ڏينهن جي ڳالهه به ياد نه رهي. (11) دماغ جي ريکا عمر جي ريکا سان ملي پوي ته ان منش کي موت جي نشاني ٻڌائي ٿي. (12) دماغ جي ريکا رسي وانگر هجي ته ان منش جا ڏند خراب رهن ٿا.

چنڊ جي تاريخن ۾ جنم جو ڦل

هزارين سال پهرين بہ چنڊ (چندرما) جي اثرن تي اعتماد ڪيو ويندو هو،انهي زماني ۾ چنڊ وارو ڪئلنڊر رائج هو، انڪري قديم بزرگن انهن تاريخن ۾ جنم بابت جيڪي ڳالهيون ڪيون آهن اهي حيرت انگيز حقيقتون آهن. جيڪي ماڻهو علم جوتش تي يقين نٿا رکن اهي هيٺ ڏنل تاريخن ۾ جنم واري اثر کي پاڻ ۽ پنهنجي عزيزن ۽ دوستن تي آزمائي ڏسن تہ کين حيرت انگيز حقيقتون ملنديون.

1: تاريخ يعني چنڊ جي 24 ڪلاڪن ۾ جنم وٺندڙ ٻالڪ خاص طور تي ڀاڳوان ۽ وڏي عمر وارو ٿيندو آهي.

2: تاريخ تي جنم وٺندڙ ٻالڪ چوري يا گم ٿيل شين جي تلاش ۾ خاص قابليت رکندڙ هوندو. آثارقديمه جي علم جو ماهر هوندو.

3: اعلىٰ عهدن وارن ماڻهن مان فائدو حاصل ڪندڙ ۽ بااختيار پوزيشن جو مالڪ هوندو

4: ٻين ماڻهن جي پيٽ ۾ وڌيڪ متاثر ٿيندڙ هوندو.

5: هر ڪم جي شروعات سٺي نموني ڪندو، مگر نقصان واري حالت ۾ جلد ختم ڪري ڇڏيندو.

6: اصول، قانون ۽ حڪم جو پابند ۽ احترام ڪرڻ وارو هوندو.

7: وڏي عمر وارو، گهڻا انقلاب ڏسي، سٺي جسم جو مالڪ هوندو.

8: پنهنجي محنت ۽ همت سان پنهنجو ڀاڳ ٺاهي.

9: ڪاروبار ۾ خوش قسمت ۽ ٻين ڪمن ۾ اعزاز حاصل ڪري.

10: سفر وڌيڪ ڪري، جڳهہ جڳهہ گهمندڙ هجي.

11: مذهبي ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيندڙ.

12: روشن ضمير، غيب جو علم ڄاڻڻ وارو ۽ مهاتما بڻجي.

13: تيز شعور، فلسفانہ ذهن جو مالڪ ٿئي ٿو.

14: ٻين کان مدد حاصل ڪرڻ ۾ آنند محسوس ڪري.

15: جسماني طور تي نزاڪت رکندڙ، بااعتماد دوست، حق پرست مددگار حاصل ڪري.

16: تقرير جي فن جو ماهر، واپار واپار ۾ جيون ناهي.

17: مغرور ۽ پنهنجي راءِ رکڻ وارو ۽ بيوفا ٿئي.

18: باهمت ۽ صنعتڪار، وڏي عمر وارو، مشڪلون گهٽيون اچن.

19: طاقتور دشمن ٿين (جيڪڏهن چندرما خراب اثر هيٺ هجي).

20: خراب صحبت ڏانهن جلد وڃي. جڏهن تہ عقل وارو هوندو.

21: سٺو جسم، سٺي صحت، وارو ارادن جو پڪو،هر شيءِ پاڻ پسند ڪندڙ.

22: هٺ وڏائڻ وارو، دلاسا ڏيڻ وارو، محبوب ۽ دوست گهڻا هجن.

23: ٻاهرين ملڪن جو سفر ڪندڙ پنهنجو مقامناهي، بدمزاج ٿئي.

24: غير معمولي هوشياري جو مالڪ هوشياري مان فائدو حاصل ڪندڙ.

25: خطرن سان کيڏندڙ، ثابت قدم، مغرور ۽ ضدي.

26: امير ماڻهو ٿئي يا ٿي سگهي ٿو، اعلىٰ عزت جو مالڪ،بشرطيہ ڪنهن شعبي ۾ قابليت جو مالڪ هجي.

27: سنت مهاتما جي پد حاصل ٿئي. ملڻ سار ۽ خوش اخلاق ٿئي.

28: دوستن ۽ عزيزن مان لاڀ پرائي.

29: گهڻن مسئلن ۽ مشڪلن کي منهن ڏيندڙ، شادي ۾خوشي ڏسي يا سٺو ڪيرئر حاصل ٿئي.

30: آرٽ يا سائنس ۾ ماهر، شاديون ۽ خوش قسمتي ڏسي.

انگن جي ذريعي جيون جو حال معلوم ڪريو





هرڪو چاهيندو آهي تہ قسمت جي لحاظ کان هي سال هن لاءِ ڇا ٿو ڪٽي اچي. ان لاءِ اسان انگن جي ذريعي جيون جي حال ڄاڻڻ لاءِ هڪ آسان طريقو هيٺ ڏنو آهي.

1	2	3	4	5	6	7	8	9
S	T	U	V	W	X	Y	Z	R
J	K	L	M	N	O	P	Q	I
A	B	C	D	E	F	G	H	-

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو جو نالو هريش چند آهي

HARESH ⟶ 8+1+9+1+1+8=28=2+8 10=1

CHAND ⟶ 3+8+1+5+4=21=2+1=3

1+3=4

هريش چند جو مفرد عدد 4 ٿيو.

هن طرح اوهان بہ پنهنجو مفرد عدد ڪڍي قسمت جو حال معلوم ڪري سگهو ٿا.

انگ 1: هي تبديلين جي لحاظ کان سنو ثابت ٿيندو. رهائشي يا معاشي تبديلي جيڪا بہ اوهان چاهيو ان تي عمل ڪريو فائدو ٿيندو. سفر جو موقعو بہ ملندو. تعليم ۾ بہ ڪاميابي جا وڏا امڪان آهن، دوائن جو ڪاروبار ڪندڙ شخص وڏي فائدي ۾ ويندا. اڳوڻين پريشانين ۽ مصيبتن کان ڇوٽڪارو ملندو. جون ۽ جولاءِ مهينا فائديمند رهندا. جون ۽ سيپٽمبر مهينن ۾ وواهہ ڪامياب رهندو. مارچ کان مئي تائين بجلي ۽ باهہ کان احتياط ڪرڻو آهي. حادثي جو بہ خطرو آهي.

انگ 2: هي سال اوهان لاءِ مالي طور تي بهتري آڻيندو. اوهان پنهنجون سڀئي صلاحيتون ڪم ۾ لڳايو فائدو ٿيندو. هن انگ جو مالڪ چندرما آهي ڪاڏو پيتو صحت جي اصول جي موجب استعمال ڪريو خاص ڪري گرمين ۾، نہ تہ ڪنهن وڏي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي شادي وغيره لاءِ هن سال جا شروعاتي ٽي مهينا بهتر آهن، ڪن حالتن ۾ شادي اوچتو بہ ٿي سگهي ٿي. سومر، منگل ۽ شڪر ڏينهن شڀ آهن.

انگ 3: هن سال اوهان کي ڪافي وڏا موقعا ملندا پر ان صورت ۾ حاصل ڪري سگهندا. جڏهن اوهان اهو موقعو هٿن مان نڪرڻ نہ ڏيو. اهي موقعا معاشي ترقي، آرٽ، فن پراڻين، قيمتي شين جي خريدوفروخت لاءِ اپريل کان آگسٽ تائين بهتر آهن. سڄو سال شادي لاءِ بهتر آهي. گهرو پريشانين کان ڇوٽڪارو حاصل ٿيندو. گهر جي مرمت يا نئون گهر وٺڻ جا امڪان آهن. جاءِ، ڪاروبار جي ضرورت موجب تبديلي بہ ڪري سگهجي ٿي.

انگ 4: سماجي، سياسي ۽ ادبي ڪمن ۾ حصو وٺندڙ اهي ماڻهو جيڪي نيڪ نيتي سان ڪم ڪن ٿا هن سال ترقي ڪندا ۽ دولت ۽ مشهوري ماڻيندا. هن سال مالي فائدا به ٿيندا پر خرچ به ڪافي وڌي ويندو. جيڪڏهن حساب ڪتاب جي جانچ نه رکي ته مالي پريشانيون پيش اينديون. هن سال ڪجهه وڏيڪ سفر ڪرڻو پوندو.
اوهان جي پيار جي به شادي ٿي سگهي ٿي. ذاتي زندگي اڳوٽي جي ڀيٽ ۾ بهتر گذرندي.

انگ 5: گذريل ڪاروبار ڪندڙ هن سال منافعو ڪمائيندو. ڪاروباري، ملازمتي ۽ تعليمي حساب سان هي سال هن انگ وارن لاءِ بهتر آهن. هن سال ڪافي تبديليون اينديون جن مان فائدو ٿيندو. دوستن جي مدد سان وڏا وڏا مسئلا حل ٿي ويندا. گهريلو حالتون بهتر ٿي وينديون.


انگ 6: گذريل سال اوهان کي ڪو سٺو فائدو به ٿيو هو. پر هن سال محنت ڪري اوهان وڏو منافعو حاصل ڪري سگهو ٿا. سماجي لڳ لاڳاپا وڌندا. شادي جا چانس آهن زندگي سٺي گذرندي. اديب، شاعر ۽ آرٽسٽ فائدي ۾ رهندا. سائنس جي شعبي مان لاڳاپيل ماڻهو به هن سال لاڀ پرائيندا.


انگ 7: جنوري ۽ فيبروري مهينا اوهان جا نااُميد ۽ مايوسي ۾ گذري ويندا مارچ ۾ اوهان جو حالتون بهتر ٿيڻ جي اُميد آهي، محنت ۽ ڪوشش سان مالي فائدو ٿيندو. مئي بعد اوهان جون گهريلو پريشانيون ختم ٿيڻ ۽ خانداني معاملا حل ۽ مٽن مائٽن سان لڳ لاڳاپا بهتر ٿيڻ ۽ شادي وغيره خوشي سان ٿينديون. جون، جولاءِ ۽ آڪٽوبر ۾ ترقي ٿيڻ سان گڏ هن سال رکيل لاٽري ۾ نقصان ٿيڻ جو انديشو آهي.

انگ 8: هن سال هڪ اهم تبديلي اوهان لاءِ اچي سگهي ٿي جنهن کي اوهان قسمت ۾ لکيل چئي سگهو ٿا. هن سال ٻاهر ملڪ جو سفر به ممڪن آهي. جيڪڏهن موقعو ملي ته ضايع نه ڪجو. نئون ماحول ۽ نئون روزگار اوهان کي راس ايندو. هن سال صحت بهتر رهندي. ذاتي اثر رسوخ ۽ دوستي ۽ عزت ۾ واڌارو ايندو. سوچي سمجهي قدم کڻڻ سان پيار جي شادي ٿيڻ جي اُميد آهي.

انگ 9: هن سال دوستن مان فائدو ٿيندو. پر آزمايل دوستن کي ٻيهر نه آزمائجو، دوکو کائيندا. گهر جي ڪم ڪار کي وڌيڪ وقت ڏيڻ مان فائدو ٿيندو. حالتون بهتر ٿينديون. سُک ۽ شانتي ملندي. تعليمي شعبي ۾ ڪجهه تڪليفن بعد ڪوشش ڪرڻ سان معاملا سلجهي ويندا.

ڪال سرپ يوگ (ناگ دوش)





(1) جيڪڏهن جنم ڪنڊليءَ ۾ (1،4، 7 ۽ 10 پاءُ) هڪ به شڀ گرهه نه هجي ۽ سڀ پاپ گرهه (سورج، منگل، ڇنڇر، راهو) ڪيندر ۾ هجن. ڪيندر ۾ ڪيٽ چندرما ۽ راهو هجي. جنم ڪنڊليءَ ۾ مٿئين نمونې گرهه هجن ته اهو ننڍي عمر ۾ ڪامي، دکي پر استري گامي ۽ چڙچڙي سڀاءَ وارو ٿئي ٿو. ڏنوان جي گهر ۾ پيدا ٿي ڪري به مهادکي ۽ غريبيءَ جي حالت کي پهچي ٿو. (2) جنهن کي 8 پاءَ ۾ راهو هجي ۽ پاپ گرهه سرشٽي پوندي هجي ته ان جي مرتيو ناڳ جي ڏنگڻ سان ٿئي ٿي. (3) 3 پاءَ جو سوامي راهوءَ سان س ۾ هنڌ راسن جي سواميءَ سان گڏ هجي. (4) راهو جنهن راس ۾ آهي ان راس جو مالڪ 3 پاءَ جي سواميءَ سان گڏ هجي. (5) 3 پاءَ جو سوامي راهوءَ سان گڏ لگن ۾ (1 پاءَ) هجي. (6) ڪنڊليءَ ۾ سڀ گرهه راهو ۽ ڪيتوءَ جي وچ ۾ هجن.

جنهن کي جنم ڪنڊلي ۾ ”ڪال سرپ“ ٿئي ٿو ان کي زندگي ۾ انيڪ مشڪلاتن ۽ تڪليفن جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. جيڪڏهن ڪنيا جي ڪنڊلي ۾ ڪيندر ۾، 5 ۽ 11 پاءَ ۾ راهو ۽ ڪيتو جو ڪال سرپ يوگ آهي ته ان جي شادي ۾ دير پوي ٿي. پر جي شادي ٿئي ٿي ته گرهستي جيون سک پورڻ نٿو رهي. پيٽ جون بيماريون، گرڀ جي ڪمزوري، مانسڪ تناوَ، طبيعت نرم گرم ۽ انيڪ تڪليفون ستائين ٿيون. لگن اسٿان (1 پاءَ) دوشت آهي ته دماغي خرابي ۽ مانسڪ تناوَ رهي ٿو. 2 پاءَ ۽ 10 پاءَ دوشت آهي ته نيتر روڳ، اکين بيماري ۽ ڪمزوري، سيٺي جو خوب خرچ ٿئي ٿو. ڪورٽ ڪيسن ۾ پريشاني قرض ڪٽڻ جي نوبت اچي ٿي. 5 پاو دوشت آهي ته ڪنن جي تڪليف ۽ ٻوڙاڻ ٿئي ٿي. 4 پاءَ ۽ 10 پاءَ دوشت آهي ته ماتا پتا کي ڪشٽ ۽ گهر ۾ اشانتي ۽ ڪٽ پٽ رهي ٿي. 3 ۽ 9 پاءَ دوشت آهي ته پيٽ جون تڪليفون، سنتان ڪشٽ سان پيدا ٿئي. ناستڪپڻو اچي. ڀاڳيديو ۾ ارچڻ اچي 6 ۽ 8 پاءَ دوشت آهي ته پيرن جون بيماريون ٿين. دُشمن وڌن 7 پاءَ دوشت آهي ته ٻڪين جي خرابي پيدا ٿئي. زال ۽ مڙس ۾ متڀيد پيدا ٿئي. ڇڪتاڻ ايتري وڌي وڃي جو ڊار ٿيڻ يا طلاق ڏيڻ جي نوبت پيدا ٿئي.

ڪال سرپ دوش کي لاهڻ لاءِ اپاءَ : ناسڪ جي پرسان ترمبڪيشور آستان آهي جتي هزارين ماڻهو هر سال وڃي ڪري **”نارائڻ ناڳ بلي“** پوڄا ڪرائين ٿا. خاص ڪري سال ۾ ٻه ڏينهن ناڳ پوڄا ڪرائڻ جا ملن

تا ڪوشش ڪري انهن ڏينهن تي پوڄا ڪرائجي.
(1) سانوڻ مهيني جي سهائي پنجئن جنهن کي اسين گوگڙو يا ناگ پنچمي چئون ٿا.
(2) ناهري مهيني جي سائي پنجئن ڪال سرپ دوش پريهار جي پوڄا ڪرائڻ ڪانپوءِ ڪشٽ، دک، تڪليفون دور ٿين ٿيون ۽ شانتي ٿئي ٿي. جنهن کي جنم ڪنڊلي ۾ ڪال سرپ دوش آهي ان کي پاڻ پوڄا ڪرائڻي آهي پوءِ چاهي استري هجي يا پرش پوڄا واري ڏينهن فقط کير پيئجي. اَن پوڄن نه ڪائجي.
(3) جيڪڏهن ڪال سرپ دوش ماتا پتا کي آهي تڏهن ئي ٻارن ۾ اچي ٿو. ڪال سرپ دوش ۾ رڳو نقصان ئي ڪونه ٿو ٿئي پر فائدو به ٿيندو آهي.اهو وشيانتر ٿي ويندو. اسان برهمڻ يجمان کي گهٽي ئي دفعا ٻڌائيندا آهيون ته اڳيئن جنم جي ڪرمن جي حساب سان هن جنم ۾ تڪليف اچي ٿي جنهن لاءِ ڪنهن ودوان ويدپاني براهمڻ کان پوڄا وڏي 4 3 پيرا ڪرائڻ گهرجي.
(4) جيڪڏهن ڪنهن زال کي ٻار نٿو ٿئي، ۽ ان جي ڪنڊلي ۾ دوش آهي. ان استريءَ کي ٻڙ جي وڻ جي روز 108 پرڪرمائون ڪرڻ کپي جيڪا 200 ڏينهن ۾ 18000 پرڪرمائون پوري ٿيندي ته دوش پورو ٿيندو ۽ ايشور جي ڪرپا سان ٻار ڄمندو.
(5) نتيہ ردرسڪت ۽ شو جي اُپاسنا ۽ پوڄا جي جل سان روز سنان ڪرڻ سان ئي دوش گهٽ ٿيندو آهي ۽ سنڪلپ سان رودر ڪرائجي.
(6) هڪ ٽامي جو ناڳ شو لنگ تي چڙهائڻ جيڏو هجي انکي پراڻ پرتشٺت ڪري برهم مهورت ۾ جيئن توهانکي ڪير به نه ڏسي شوالي ۾ وڃي ڇڏي اچجي. چانديءَ جا ناڳ ۽ ناڳڻ نهرائي وهندڙ پاڻيءَ ۾ ڇڏجن. اُن ڪرڻ سان به عجيب طريقي سان ڪال سرپ دوش جو نوارڻ ۽ دوشيءَ کي فائدو ٿيڻ شروع ٿئي ٿو ۽ هي آزمايل آهي.
(7) پلاش جا گل گومتر ۾ پسائي چانوَ ۾ سڪائي اُن جو چورڻ ٺاهي روز سنان وقت پاڻيءَ ۾ وجهجي ۽ اهو 82 ڀڄر (تقريبن ڏيڍ سال) سنان ڪرڻ سان ڪال سرپ دوش ختم ٿئي ٿو ڪجھ پنڊتن جو خيال آهي ته 82000 پيرا راهوءَ جو جپ ڪجي ته دوش شانت ٿيندو. اوم را راهو نمه.
(8) ڪاري ڪپڙي ۾ ڪاري ماٺهن سڄي يا منگ مٺ پري ٻڌي تي راهوءَ جو منتر جپي ڪنهن فقير کي ڏجي. جيڪڏهن ڪير به وٺڻ وارو نه ملي ته ان اُن کي وهندڙ پاڻيءَ ۾ پروان ڪري ڇڏجي. اهو 82 ٻڌر ڪرڻ کپي.
(9) ٻڌر ڏينهن اسر جو ڪال سرپ يوگ جي خاص منڊيءَ کي پراڻ پرتشٺت ڪري ساڄي هٿ جي ٻانهن ۾ مرد ۽ ڪاٻي هٿ ۾ زالون پائن. جنهن ڏينهن منڊي پايو انهيءَ ڏينهن راهوءَ جون ٿوريون شيون دان ڪجن. ائين ڪرڻ سان فائدو پوي ٿو. آزمايل آهي.
(10) تيرهن يا نو ناڳن جو استروت جو پاٺ ڪجي. ناڳ پنچمي جو ورت رکجي.
(11) شنڪر ڀڳوان جي ڪرپا سان ۽ جنهن منتر کي پڙهي ڪري پاڻيءَ ۾ ناڳ پروان ڪجي ٿو. اُن منتر کي سنان ڪانپوءِ روز ٽي دفعا پاٺ ڪرڻ سان ڪهڙا به دشمن هجن اُهي ناس ٿين ۽ ڪيس ۾ سوڀ رسي.

نڪشتر ويچار، شادي، مڱڻو، دوستي روزگار ۽ گرو چيلي لاءِ ورڻ ڏسڻ

شادي ۽ مڱڻي وقت راسين جا ورڻ ڏسڻ لاءِ 12 راسين کي چئن ورڻن ۾ ورهايو ويو آهي. اهڙيءَ طرح 27 نڪشترن کي گڻن جي حساب سان ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي.

① ديوگڻ نڪشتر: اَشوني، مرگيشر پنوس پشيہ، هست، سواتي، انوراڌا، شروڻ ۽ ريوتي.

② منش گڻ نڪشتر: ڀرڻي، روهڻي، آردار پوروڦالگني، اُتراڦالگني، اُترا شاڍا، پوروشاڍا، اُترڀادر پوواڀادر

③ راڪش گڻ نڪشتر: ڪرتڪا، مگها، آشليشا، چترا، وشاکا، جيشٽا، مول، ڌنشٽا، ستتارا، جي ٻئي ديوتا گڻ جا هجن تہ ٻنهي ۾ ڏاڍو سنيهہ رهي. ٻئي سداچاري ۽ پراُپڪاري رهن. جو ٻئي منش گڻ جا تہ پهرين ٻنهي ۾ پريم رهي. ان ڪانپوءِ ڪڏهن جهڳڙو تہ ڪڏهن ميل رهي. جي ٻئي راڪش گڻ جا هجن تہ ڏنو رهي ۽ هميشہ پنهنجي سوارٿ جون ڳالهيون ڪن ٻين کي هاڃو (نقصان) رسائين، پريم جو نالو بہ نہ رهي. پنهنجي هڪ جو ديوتا ۽ ٻئي جو جو منش گڻ وارو ڪڏهن ڪروڌ بہ ڪري مگر ديوتا گڻ وارو هن تي اهڙي اثر وجهي جو هن کي پويتر بڻائي ڇڏي، ديوتا گڻ ۽ راڪش گڻ هجي تہ ڏاڍي ڪننتا سان هلن. راڪش گڻ وارو راڪشي اثر هلائڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهي پر ديوتا گڻ پنهنجي نماڻن ۽ مٺن وچنن سان ان کي شانت رکي ٿو. باقي منش ۽ راڪش گڻ جي سٻنڌ ۾ ڏاڍو دکدائي بڻجي ٿو.

شادي ۽ مڱڻ وقت راسين جا ورڻ ڏسڻ

ڪرڪ، ورشچڪ ۽ مين راسيون براهمڻ ورڻ آهن. ميک، سنگهہ ۽ ڌن راسيون کتري ورڻ آهن. ورک، ڪنيا ۽ مکر راسيون وئشيہ ورڻ آهن. مٿن تل ۽ ڪنڀ راسيون شودر ورڻ آهن هاڻي جيڪڏهن استري ۽ پرش ٻئي راسين موجب هڪ ورڻ جا هجن تہ پاڻ ۾ پريم ۽ سنيهہ (پيار) رهي ٿو جنهن ڪري حياتي سک ۽ آنند ۾ گذارين ٿا. ڪنهن بہ ريت پرش اوچ ورڻ جو هجي تہ استري گهٽ ورڻ جي، پر جي استري اوچ ورڻ جي هوندي ۽ پرش گهٽ ورڻ جو تہ منجهن پورن پريم نہ ٿيندو اڳ يا پوءِ جواني ۾ ئي ٻنهي مان هڪ گذاري وڃي ٿو يا اولاد نہ ٻچي ٿو. جنهن ڪري هو ڪر ۽ ڪتيت ۾ گذارين ٿا.

وشيش ويچار: شادي (وواهہ) جي سمي وشيش ويچار ڪرڻ گهرجي تہ گهوٽ ڪنوار کي سوريہ ۽ منگل، گرو ۽ چندرماسي جي آستان ۾ ڀيل آهي. ڇاڪاڻ جو سوريہ تيج وڌائي ٿو. منگل ڀومي، مڪان ۽ جاندار جو واڌارو ڪري ٿو. گرو انهن جي جيون جي رکيا ڪرڻ وارو آهي، چندرما ان جي رکيا ڪرڻ وارو آهي. پر جي وريا ڪنيا کي سوريہ يا اٺين استان ۾ ڀيل هجي تہ ور جو مرتيو ڪري جي منگل اٺين ۾ هجي تہ جڳهہ يا مڪان جو ناس ڪري، جي گرو اٺين ۾ هجي تہ ڪنيا جو مرتيو ڪري ۽ چندرما اٺين ۾ هجي تہ ڌن جو ناس ڪري.

مفيدءِ ڪارآمد جنتر

ڪارج شڌ ڪرڻ جو جنتر

٧	٢	١٢	٥
١١	١١	٣	٦
١	٩	٩	١۴
١٣	١٠	٥	۴

آرتوار جي ڏينهن هيٺ جي رس سان هن جنتر کي ڪاغذ تي لکي ان جي وٽ ٺاهي شام جو ڏيئي ۾ تيل وجهي ان کي ٻاري، اهو عمل 7 آرتوار ڪري. سڀ قسم جا ڏک دور ٿي ويندا ۽ ڪارج شڌ ٿي ويندو.

سنتان لاءِ جنتر

٨	٢	۴	٢٣
٧	٣٧	٣٠	٧
١	٩	٣۴	٣
٣٥	٣٥	٦	۴

هن جنتر کي شڪروار جي ڏينهن ڪڻڪ جي روٽي تي لکي. اها روٽي ڪاري ڪتي کي کارائي ڇڏجي ڀڳوان ڪندو ته من مراد جلد پوري ٿيندي. پر جيستائين سنتان پيدا نه ٿئي اهو عمل هر روز ڪندو رهجي.

نظر دور ڪرڻ جو جنتر

٨	٦	٢	۴
٦	٨	۴	٢
٢	۴	٨	٦
۴	٢	٦	٨

هن جنتر کي ڳاڙهي چندن سان ڀوج پتر تي لکي دوپ ڏيئي پوءِ ٽامي جي تعويذ ۾ مڙهائي ٻار جي ڳلي ۾ ٻڌڻ سان نظر نه لڳندي.

پرديسي جي واپسي جو جنتر

١	١٥	٨	٣٥
١٣	٥	٥٢	۴
١٣	٢۴	١٣	٩
٦	٧٢	٦٥	٧٢

نوروز جي ڏينهن هن جنتر کي ڪيسر جي مس سان ڀوج پتر تي لکي چاندي جي تعويذ ۾ وجهي ڇڏيو. 31 ڏينهن تائين پوڄا پاٺ ڪرڻ بعد. گئو ماتا کي ڳڙ واري ماني کارائجي

ٻالڪ جا روڳ دور ڪرڻ جو جنتر

٢٧	٣٢	٣٣
٦٧	۴٦	٣٧
٣٧	۴۴	٣٣

هن جنتر کي ڀوج پتر تي لکي ٽامي جي تعويذ ۾ وجهي ٻار جي ڳلي ۾ ٻڌڻ سان هرطرح جي تڪليف ۽ بيماري دور ٿي ويندي

بيماري دور ڪرڻ جو جنتر

٧٠	٧٧	٢	٧
٦	٣	٧۴	٧٣
٧٦	٧١	٨	١
۴	٥	٧٢	٧٥

هن منتر کي ڀوج پتر تي ڪيسر سان لکي، گگر جو واس ڏيئي مريض جي ڳچي ۾ ٻڌڻ سان لاعلاج مرض به جلد دور ٿي ويندو.

قرض کان ڇوٽڪاري جو جنتر

٧٩٥	٥	٣٩	٦٦٣
٣٧	٦٧	٨٩	٦٥
٦٨	١	٣	٨٨
٥٢	٨٧	٦٦	۴

هن نقش کي چنڊ جي سائي منگل وار يا آرتوار جو لکي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو هن نقش کي پاڻ سان رکڻ جي ڪري روزگار ۾ برڪت پوندي ۽ قرض لهي ويندا.

پتي کي وس ۾ ڪرڻ جو جنتر

٨	٢	۴٧	٦٣
٣٧	٦٩	٣	٨
١	٩	٣۴	٣٩
٣٨	٣٥	٦	۴

آرتوار جو پشيه نڪشتر ۾ ڪڻڪ جي اٽي جي هڪ ماني ٺاهي هن جنتر کي بصر جي رس سان ماني تي لکي پتي کي کارائڻ سان وس ۾ ٿي ويندو.

جنم ڪُنڊليءَ ۾ منگل جو گرهہ

ور ڪنيا جي ڪنڊلي ۾، چلين ملائڻ لاءِ - منگل - گرهہ جو ويچار ڪرڻ اهميت وارو آهي.

(1) جيڪڏهن ور ڪنيا جي ڪنڊلي ۾ لگن ڪان يا راشي ڪنڊلي ڪان 1_ 4_ 7_ 8_ ۽ 12 ڀاوَ ۾ منگل آهي تہ اهو وناشڪاري ٿئي ٿو. ور ڪي آهي تہ استري کي ماري ٿو ۽ ڪنيا کي آهي تہ ور کي ماري ٿو.

شانتي لاءِ اپاءُ: (1) جيڪڏهن ڪنيا کي منگل آهي ۽ ور کي ڪونهي تہ شاديءَ کان ٻہ ٽي ڏينهن اڳ ۾ ڪنيا جو گهٽ وواه يعني مٽڪي سان شادي ڪرائجي تہ منگل گرهہ جو دوش لهي ويندو. ڪنهن ڄاڻو ودوان براهمڻ کان (گهٽ وواه) ڪرائجي. پوءِ شاديءَ جا سات سوڻ (گڻيش اسٿاپن، نو گرهي ۽ گهڙي ٻڪي ڪجي).

(2) جيڪڏهن ور کي منگل آهي ۽ ڪنيا کي ڪونهي تہ ور (گهوٽ) کي منگل جي قيمتي رتن دونگو يا پروال ڳاڙهي يا سندوري رنگ جو ٽڪندبو وزن 2، 8 يا 11 ڪئرٽ ڪاٻي (ڏائي) هٿ جي وچينءَ آڱر ۾ سوني منڊي ۾ گهڙائي، 40000 چاليهہ هزار دفعا براهمڻ کان جپ ڪرائي سهائي منگل تي يا ميک، ورشچڪ راس ۾ چندرما هجي يا مرگشر چترا، اُتراڏا، ڌنشٽا نکشتر هجي ان ڏينهن صبح جو 11 وڳي ڪانپوءِ ڌوپ، واس ڪري (منڊي) پائجي.

(2) هيٺين حالتن ۾ اگر منگل جي ڪنڊلي ۾ حالت (پوزيشن) هجي تہ منگل گرهہ جو دوش نہ ليکجڻ ۾ ايندو.


(1) جيڪڏهن 1، 4،7،8، ۽ 12 ڀاوَ ۾ ڇنڇر (شنيِ) آهي.

(2) ٻلوان گرو (وسپت) شڪر لگن ۾ يا 7 ڀاوَ ۾ آهي.

(3) جيڪڏهن ڪنيا جي ڪنڊلي ۾ جنهن ڀاوَ ۾ منگل آهي ۽ ور جي، ڪنڊلي ڪان ڪنيا جي ڪنڊلي سوريہ يا راهو هجي تہ منگل جو دوش نہ ليکبو. ساڳي ريت ور جي، ڪنڊلي ڪان ڪنيا جي ڪنڊلي ڏسجي.

(4) وڪري، نيچ، است يا شترو ڪيتري. منگل 1، 4، 7، 12 ڀاوَ ۾ آهي تہ منگل جو دوش نٿو لڳي.

(5) راسين جا مالڪ پاڻ ۾ متر هجن، گڻ بہ ساڳيا هجن ۽ گڻ 30 يا ان ڪان مٿي هجن تہ منگل جو نٿو لڳي.



(6) 2 ڀاوَ ۾ چندرما ۽ شنڪر ويٺا هجن تہ منگل جو دوش نٿو لڳي.

(7) منگل، گرو گڏ ويٺا هجن تہ منگل تي گروءَ جو پورڻ درشٽي هجي.

(8) ڪيندر ڀاوَ ۾ (1، 4، 7، 10) راهو هجي.

(9) منگل ۽ راهو ڪٿي بہ گڏ ويٺا هجن.

(10) ڪنڊلي ۾ (هيٺ) ڏيکاريل نموني جيڪڏهن منگل گرهہ جي اسٿتي هجي تہ منگل جو دوش نہ ليکبو

1 ڀاوَ ۾ ميک راس جو منگل، 4 ڀاوَ ۾ ورشچڪ راس جو منگل، 7 ڀاوَ ۾ مڪر يا مين راس جو منگل، 8 ڀاوَ ۾ ڪرڪ راس جو منگل ۽ 12 ڀاوَ ۾ ڌن راس جو منگل هجي تہ منگل دوش نہ ليکبو.



هندو ڌرم جا 16 سنسڪار



سنسڪار يعني اهو عمل جنهن سان شدتا (پاڪائي) حاصل ٿئي هندو ڌرم ۾ ٻار جي جمڻ کان وٺي ان جي موت تائين اهڙي قسم جا 16 سنسڪار مختلف وقتن تي ڪيا وڃن ٿا.

1. **گرڀادان سنسڪار:** صحت جي اصولن مطابق ۽ پوري عمر ۾ استري ۽ پرش جي حمل قائم ڪرڻ واري عمل کي گرڀادان سنسڪار چيو ويندو آهي ۽ ايشور کي پرارٿنا ڪري سندر ۽ صحت مند ٻار پيدا ڪرڻ جو سنڪلپ ڪيو ويندو آهي.

2. **سيمنتو نين سنسڪار:** هي سنسڪار گرڀ ٺهڻ جي ٽئين مهيني ڪيو ويندو آهي. هن جو مقصد ٻار جي مانسڪ شڪتي وڌائڻ آهي، هن سنسڪار ۾ ماءِ کي نہ صرف کاڌي پيتي جو خيال رکڻ کپي بلڪ پنهنجي ويچارن کي شدّ رکڻ کپي، جيئن ٻار جي نفسيات تي غلط اثر نہ پوي.

3. **پنسون سنسڪار:** هي سنسڪار گرڀ ٺهڻ جي چوٿين يا پنجين مهيني شروع ٿيندو آهي هن سنسڪار جو مقصد ٻار ۽ ماءِ جا صحت جو خيال رکڻ آهي. هن سنسڪار کان پوءِ استري ۽ پرش جو ميلاپ جو منع ٿيل آهي.

4. **جات ڪرم سنسڪار:** هي سنسڪار ٻار جي پيدا ٿيڻ جي وقت شروع ٿيندو آهي. هن سنسڪار ۾ ٻار جي زبان تي گيهہ ۽ ماکي ملائي ”اوم“ لفظ لکيو ويندو آهي. جنهن جو مقصد آهي ٻار کي اها آسيس ڪرڻ تہ هميشہ ماکي وانگر مٺو ٿئي، گيهہ سان تندرست ۽ تواني ٿئي ۽ سون جي سرائي سان لکڻ جو مقصد تہ سدائين زبان تي ايشور جو نالو رهي.

5. **نام ڪرڻ سنسڪار:** هي سنسڪار ٻار جي جنم جي ستين ڏينهن تي ٿيندو آهي هن سنسڪار ۾ ٻار تي ڪو سٺو وڻندڙ نالو رکيو ويندو آهي. ۽ سيني جو منهن مٺو ڪيو ويندو آهي.

6. **نشڪر مڻ سنسڪار:** هي سنسڪار ٻار جي چوٿين مهيني جنهن تاريخ تي ٻار جو جنم ٿيو هجي ان ڏينهن تي ٿيندو آهي. هن سنسڪار جو مقصد ٻار کي گهر کان ٻاهر جي شدّ هوا کارائڻ آهي. هن کان اڳ ٻار کي ڪوشش ڪري گهر ۾ رکيو ويندو آهي.

7. **ان پراشن سنسڪار:** هي سنسڪار ٻار جي جنم جي ڇهين مهيني شروع ٿيندو آهي هن جو مقصد ٻار کي ان کارائڻ جي شروعات ڪرڻ آهي.

8. **چوڙا ڪرم سنسڪار:** هن سنسڪار جو ٻيو نالو منڊ بہ آهي هي جنم جي پهرين يا ٽئين سال ۾ ٿيندو آهي. هن ۾ پهريون دفعو ٻار جا وار لهرايا ويندا آهن ۽ ٻار جي مٿي تي ميٽ يا مهندي لڳائي ويندي آهي.

9. **ڪرڻ ويڌ سنسڪار:** هي سنسڪار ٻار جي پنجئين سال ۾ ڪيو ويندو آهي هن سنسڪار ۾ ٻار جي ڪن جي پاپڙي ۾ مخصوص هنڌ تي نشان ڪيو ويندو آهي.

10. **اپنين سنسڪار:** هن سنسڪار کي جنيہ بہ چيو ويندو آهي. هي سنسڪار 5 کان وٺي 24 سالن جي ڄمار تائين ڪيو ويندو آهي.

11. **ويڊ آرنڀ سنسڪار:** جنيہ جي ڏينهن يا هڪ سال جي اندر هي سنسڪار ڪرايو ويندو آهي. هن جو مقصد ٻارن کي ويدن جو گيان ڏيڻ آهي.

12. **سما ورتن سنسڪار:** برهم چاريہ جي وديا ۽ گرو ڪل ۾ ڌرمي تعليم حاصل ڪري گهر موٽڻ کي سماورتن سنسڪار چئبو آهي.

13. **وواهہ سنسڪار:** يعني شادي جو سنسڪار. هي سنسڪار ڇوڪري جي گهٽ ۾ گهٽ 18 سال ۽ ڇوڪِري جي گهٽ ۾ گهٽ 16 سال جي ڄمار ۾ ڪيو ويندو آهي.

14. **وان پرست سنسڪار:** هي سنسڪار 50 سالن جي ڄمار کان پوءِ ڪيو ويندو آهي. هن سنسڪار ۾ ڌنڌي ۽ گهر ٻار جو موهہ ڇڏي ماڻهو کي ايشور ڀڳتي ۽ سماج جي شيوا ڪرڻ کپي.

15. **سنياس سنسڪار:** هي سنسڪار 60 سالن جي ڄمار کان پوءِ ڪيو ويندو آهي هن سنسڪار ۾ هر سنياسي جو اهو فرض هوندو آهي تہ هو هر جڳهہ تي ماڻهن کي پنهنجي عقل ۽ علم ذريعي بُري راهہ کان بچائي.

16. **انتيشٽي سنسڪار:** يعني، آخري سنسڪار. هي سنسڪار ماڻهو جي موت کان پوءِ شروع ٿيندو آهي مرڻ کان پوءِ لاش کي مخصوص ٻوٽين ۽ گيهہ وغيرهہ سان ساڙيو ويندو آهي ۽ اهڙي طرح سان انسان جي زندگي سان گڏوگڏ سنسڪارن جي جي بہ پڄاڻي ٿئي ٿي. اهڙي ريت هي سنسڪار ڇوڪري توڙي ڇوڪِري ٻنهي لاءِ لاضمي آهن.

(ياگيہ ولڪ سمرتي ۽ آرويد مان ورتل)

نڪشترن جو سمرات پشيہ نڪشتر

جئين پشن ۾ شينهن طاقت وارو آهي ۽ پشن جو راجا ليکيو ويندو آهي، تئين 27 نڪشترن ۾ پشيہ نڪشتر شڪتيشالي آهي. پشيہ نڪشتر سيني نڪشترن ۾ اُتم، اوچ ۽ ڪلياڻ ڪاري آهي. سيني دوشن کي دور ڪندڙ آهي. گرهن ۾ 4، 8 يا 12 چندرام هجي پر جي ان وقت پشيہ نڪشتر هجي تہ ڪاريہ ۾ شڌ ۽ اوچ آهي. جي نيچ گرهہ ٻيٺل آهي ۽ پشيہ آهي تہ بہ سڀ ڪاريہ سڌ ۽ پورن ٿين ٿا.
جڏهن گروار يا آرتوار ڏينهن پشيہ نڪشتر اچي ٿو، اهو پشيہ يوگ آهي، اهو يوگ واپار ۽ ڪاريہ سڌي ڪرتا آهي. بيمار ان ڏينهن جي دوائون گرهڻ ڪري ٿو تہ ان کي بہ فائدو ٿئي ٿو.

روزانو شيۡ ۽ اشيۡ چندرما جو قل ڏسڻ ضروري

سمجهاڻي ٽپٽي ۾ مهينن وارن خانن ۾ چندرما پڻ ڏنل آهي، چندرما هرهڪ راس ۾ اڍائي ڏينهن رهي ٿو. ، پنهنجي راس ڪان چندرما پيل آهي، پنهنجي راس ڪان چندرما جي راس تائين نمبر ڳڻي، جيڪو نمبر اچي تنهنجو قل سمجهي.

چندرما جي پهرين گهر ۾ هجي تہ تندرستي عمدي رهي، ٻئي گهر ۾ هجي تہ من ۾ آنند وڌائي، ٽئين گهر ۾ هجي تہ ڌن وڌائي، چوٿين گهر ۾ هجي تہ بيماري ۽ جهيڙو ڪرائي. پنجين گهر ۾ هجي تہ گيان وڌائي. ڇهين گهر ۾ گهر تہ خوشِ ڪرائي. ستين ۾ هجي تہ ڪورٽ جي مقدمن ۾ سوڀ ۽ حاڪمن وٽ عزت وڌائي. اٺين ۾ هجي تہ موت، مونجهہ يا چنتا ڪرائي، نائين ۾ هجي تہ ڌرم ۽ پراپت وڌائي، ڏهين ۾ هجي تہ موت، مونجهہ يا چنتا ڪرائي، يارهين ۾ هجي تہ سڀ قسم جو لاڀ ڪرائي ۽ ٻارهين ۾ هجي تہ منو ڪامنا پوري ڪري.

نوٽ 84 ۽ 12 گهرن ۾ چندرما خراب آهي. ان ڪانسواءِ گهاتي چندرما مردن ۽ زالن لاءِ ڏسڻ ضروري آهي.



گهاتي چندرما (مردن لاءِ)




ميک راس واري ميکہ جو، ورشچڪ کي سنگهہ جو، مٿن کي ڌن جو، ڪرڪ کي ورکہ جو، سنگهہ کي ڪنيا جو، ڪنيا کي مڪر جو، تل کي مٿن جو، ورشچڪ کي تل جو، ڌن کي ڪرڪ جو، مڪر کي ورشچڪ جو، ڪنڀ کي ڪنڀ جو، مين راس واري کي مين راس جو چندرما گهاتي آهي.



گهاتي چندرما (زالن لاءِ)



ميک راس واري کي ميکہ جو، ورکہ واري کي ورشچڪ جو، مٿن کي تل جو، ڪرڪ کي ڌن جو، سنگہ کي ڪرڪ جو، ڪنيا کي مٿن جو، تل کي ڪنيا جو، ورشچڪ کي ورک جو ۽ ڌن کي مڪر جو، مڪر کي مين جو. ڪنڀ کي شنگهہ جو ۽ مين کي ڪنڀ راس جو. چندرما گهاتي ليکبو آهي.



ڪڙوا چوٿ ورت جي ڪٿا

سامگري، ڪٿا، شري گڻيش ڪُونچي



سامگري: سهاڳ جو سندور، لوٽو، ساڙهي، وستر، مٺا پڪوان، ۽ ڪٽي، ڪيرڪچو ۽ پاڻي جو لوٽو، ديپڪ، اگربتيون، شو پاروتي، گڻيش ۽ ڪارتڪيہ ڀڳوان جون مورتيون ٿالهي ۾ رکجن ۽ پرڻ يا ڇاڻي ۾ پهريان چندرما کي ڏسي پوءِ پنهنجي پتي کي ڏسجي.

اسو واري مهيني ۾ ڏياري کان اڳ ۾ گڻيش چوٿ کي ڪروا چترٿي ياڪرڪ چترٿي ڪري پڻ چوندا آهن. هي ورت اڪثر سهاڳڻيون پنهنجي پتي جي وڏي عمر لاءِ رکنديون آهن. هن ورت رکڻ سان استرين جو سهاڳ، پتر سنتان ۽ ڌن ڌانيہ ۾ واڌارو ٿيندو آهي ۽ سدائين گهر ۾ سک ۽ شانتي جو واسو رهندو آهي.

سهاڳڻيون سڄو ڏينهن نر آهار اُپواس رکنديون آهن. رات جو چنڊ اُڀرڻ وقت چندن ماکي کير پاڻي سان ارگھ ڏينديون آهن. ڇاڻي يا پرڻ مان چندما جو درشن ڪري، ديپڪ ۽ اگربتين جو واس ڪنديون آهن. ڏهہ مٺا پڪوان يا ڪٽڪ جي اٽي جي ڪٽي تيار ڪنديون آهن، سس جيڪڏهن سهاڳڻ آهي تہ پهريائين سس کي پهچ آهر ساڙهي، وستر مٺا پڪوان يا ڪٽي، سهاڳ جي بندي ڏيئي پيرين پئي آشيرواد وٺي پوءِ ٻين سهاڳڻين کي ڏان ڏيئي پنهنجي سهاڳ جي وڏي عمر لاءِ آشيرواد وٺنديون آهن.

ڪٿا

پانڊون جي بنواس جي وقت هڪ دفعي ارجن اندر نيل گريءَ پربت ڏانهن تپشيا ڪرڻ هليو ويو ۽ ڄڳي عرصي تائين واپس نہ آيو دروپدي کي ڏاڍي چنتا ٿي ويئي اچانڪ هڪ ڏينهن شري ڪرشن پانڊون جي آشرم پڌاريو دروپدي پنهنجي وياڪلتا شري ڪرشن کي ٻڌائي ۽ ان جي نوارن لاءِ اُپاءِ پڇيو شري ڪرشن دروپدي کي ڪروا چوٿ رکڻ جو اُپاءِ ٻڌايو ۽ هيٺئين نموني ڪٿا ٻڌائي جيڪا شو جي پاروتي کي هن سنبڌ ۾ ٻڌائي هئي.

اندر پرسٿ ۾ رهندڙ هڪ ويد شرما نالي براهمڻ کي ست پٽ ۽ ڪنيا هئي. ڪنيا جو جو نالو ويروتي هو. ويروتي وڏي ٿي تہ ان کي شادي لائق سمجهي سندس پتا هن جو وواهہ يوگيہ سدرشن نالي برهمڻ سان ڪرايو. وقت انوسار ويد شرما پنهنجن ستن پٽن جو پڻ وواہ ڪرايو. هڪ دفعي ويروتي جي ڀاڄائين ڪروا چوٿ جو ورت نيم انوسار رکيو پر ان ڏينهن ويروتي کي بُک ايڏو تہ اچي ستايو جو هن نيم جي خلاف پوڄن ڪيو ۽ هن جو ورت ٽٽي ويو. نتيجو اهو نڪتو جو ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هن جو پتي ايترو تہ بيمار ٿي پيو جو اُن جي بچڻ جي اميد نہ رهي، دکي ٿي ويروتي ڀائرن جي صلاح ملڻ تي تيرس کان وٺي مرتيو نجيہ شري مهاديو جي پوڄا سال تائين ڪندي رهي، پتي جي بيمار اوستا ۾ ڪجهہ فرق نظر آيو پر صفا بيماري نہ لٿي اِندر جي پتني اِندر راڻي اِندر لوڪ مان پرٿوي تي ڪروا چوٿ جي ورت جي استاپنا لاءِ آئي. ويروتي اِندر راڻي کان پڇيو تہ مان اهڙو ڪهڙو اپاءَ ڪريان جنهن جي ڪرڻ سان منهنجو پتي بلڪل ٺيڪ ٿي وڃي، تڏهن اِندر راڻي ويرتي کي سندس گذريل سال ڪروا چوٿ جي ڪنڊت ٿيڻ جي ڳالهہ ٻڌائي جنهن جي ڦل سوروپ سندس پتي جي اهڙي دردشا ٿي آهي.

هيئنر وري وِڏي انوسار ويروتي ڪروا چوٿ جو ورت رکي تہ هن جو پتي بلڪل ٺيڪ ٿي ويندو پوءِ ويروتي ڪروا چوٿ جو ورت وِڌي پوروڪ رکيو جيئن ئي چندن ماکي ارگ ڏئي، ٽورو لوٽي مان جل، پتي جي مُک ۾ وڌائين ۽

ڪيس جل جا چنڊا هنيائين ته سندس پتي بلڪل ٺيڪ ٿي پيو
شري ڪرشن جي مکاوند مان ڪروا چوٿ جي ڪٿا ٻڌي دروپدي پڻ ڪروا چوٿ جو ورت رکيو ۽ هن جون سڀ چنتائون دور ٿي ويون.
هن ورت رکڻ سان سهاڳڻين جون منوڪامنائون پورڻ ٿين ٿيون.

شري گڻيش ڪُونچي





اوم گروجي شبد منتر مهيش، مول محل ۾ رمي گڻيش
سدا چڪر ڪرليو صاف، جب مئين ستگرو پيتيا
ڪيا ڪُبد ڪا ناش، دنيا ڪٽ ڪٽ هر ڪو ديئيه
هردي بسو سگم سي ريئه، پولون نه اڪشر پرم جوت
اتنا بخشو ستيه گڻيش، لاڳي ڪُونچي ڪليا ڪپاٽ
جا ديکيا برهمانند ڪا گهاٽ، گڻيش استتي منتر سهي
تو شِو جي، شڪتي جي ني ڪهي، ٻولو گڻيش جي مهاراج ڪي جئه



وٽ ساوتري يا ٻڙ ساوتري ورت



وٽ ساوتري يا ٻڙ ساوتري ورت صرف سهاڳڻ استرين لاءِ آهي، جيڪو اهي پنهنجي پتي توڙي پٽن جي ڪلياڻ ۽ وڏي عمر جي ڪامنا سان ڪنديون آهن. هن ورت جو تعلق ساوتري سان آهي، جنهن پنهنجي ستيتوَ جي ٻل سان پنهنجي پتي ستيه وان کي يمراج کان آزاد ڪرائي، سنتان جو وردان به حاصل ڪيو هو. اهو واقعو ڄيٺ مهيني جي اماوس جو آهي.

اهو ورت ڄيٺ ڪرشڻ پکش جي تيرس کان وٺي اماوس تائين، ٽن ڏينهن لاءِ سهاڳڻ استريون ڪنديون آهن. سون يا مٽي جي ساوتري جي پرتيما (مورتي) ٺهائي، تيرس ڏينهن ان کي ٻڙ جي وڻ جي پاڙ وٽ استاپن ڪري، ان جي پوڄا ڪبي آهي. ان تي سنڌور، ڪُنيڪم وغيره چڙهايو ويندو آهي. ٻڙ جي ٿڙ کي سٽ جي ڌاڳي سان، رکشا جي ٻاونا سان 108 بار ويڙهيو ويندو آهي. اماوس ڏينهن ورت پورڻ ڪري، اها پرتيما ڪنهن براهمڻ کي دان طور ڏني ويندي آهي. جيڪڏهن مٽي جي هجي ته ان کي جل پروان ڪئي ويندي آهي. جتي ٻڙ جا وڻ ڪونه آهن اتي گهر جي ديوار تي هئيڊ (هلدي) ۽ چانور جي پنڊي (ليپ) سان ٻڙ جو چتر ٺاهي، ان جي پوڄا ڪئي ويندي آهي. ٻڙ جي ڦل سان ورت کولي، هڪ ئي اناج جو ڀوڄن ڪيو ويندو آهي.

گيت، ڀڄن وغيره به ڳايا ويندا آهن. پرساد به ورهايو ويندو آهي جيڪو ڪيول پرش، ڇوڪرن ۽ سهاڳڻ استرين واسطي ئي هوندو آهي. هن ورت دوران پتي جي خاص پوڄا شيوا ۽ پٽن لاءِ خاص ڏلار به ضروري آهي. انهن سان گڏ ستي ساوتري جي ڪٿا به ٻڌي ويندي آهي.

12 مهينن ۾ مردن جي جنم جو جدا جدا ڦل

چيٽ: ڀاڳوان، دياوان، ڪامي، مٺو اناج کائيندڙ، ستسنگي ۽ راڄ دربار مان فائدو وٺندڙ ٿئي ٿو.

ويساک: سٺا لڇڻ، بهادر، براهمڻ ۽ ديوتائن جو ڀڳت، ڪامي، وڏي عمر وارو ۽ ڀليوان ٿيندو.

جيٺ: ڪميا، شيل، چنچل، پرديش ۾ رهڻ ڪندڙ، تيزبڌي، آلسي، گروڀڳت، سريشٽ آچارڻ ٿئي ٿو.

آکاڙ: گهڻو خرچائو، بڪوادي، آلسي، گروڀڳت، سريشٽ، منداگني ۽ ايماني ٿئي ٿو.

سانوڻ: گهر مانسڪ، مترن مان لاڀ، آگياڪاري، مشهور، بلغمر طبيعت وارو ۽ گڻوان ٿئي ٿو.

بڊو: شاهوڪار، پتلو، داني، استريءَ سان پريت رکندڙ، پڙهيل، سک دک سنمان سمجهندڙ.

آسو: ودوان، ڌنوان، راجا جو پيارو، سريشٽ، گهڻا نوڪر رکندڙ، داني، گڻوان، پتر سنتان گهڻو ٿئي ٿو. گهوڙي ۽ موٽر جي سواري جو شوقين ٿئي ٿو.

ڪتي: بڪوادي، ڌنوان، راجا جو پيارو، سريشٽ، نوڪر رکندڙ، داني، گڻوان، پتر سنتان گهڻو ٿئي ٿو.

ناهري: سريشٽ گڻ، تيرٿ ياترا ۽ مسافريءَ جو شوقين، جڳ ۾ عزت وڏائڻ وارو، ڪاريگر، پراُپڪار ڪندڙ، گهڻا سک ڀوڳڻ وارو ۽ نيتوان ٿئي ٿو.


پوهه: پروئو اپڪار ڪندڙ، پتا جي پئسي ڪان پري، محنت سان ڌن ڪٺو ڪندڙ ۽ چرچائي ٿئي ٿو.

مانگهه: منتر جاڻڻ جو شوقين، شاستر واڻي جو شوقين، شترن ڪي ناش ڪندڙ، روگ شاستر جو شوقين. وشال ٻڌي وارو ۽ پاپ ڪرم ڪان گهو ڊڄندڙ ٿئي ٿو.

ڦڳڻ: پرائي اپڪار لاءِ تيار، دياوان، ڪومل سرير، ڀوڳي ۽ اجايا وچن ٻوليندڙ ٿئي ٿو.

پکي ڪان سوال

شڌ ڀاونا من ۾ رکي، سوالي ڪان سوال ناچيز چوي جڳت کي، پڇيو پکي ڪان سوال



سوالي پنهنجي من ۾ ڪم جو ويچار رکي ڪانوَجي شرير تي جيڪي شري اکر آهن انهن مان ڏسٽي آڱر سان ڪنهن ٻه هڪ شري اکر تي هٿ رکي سنان ڪڙي شڌ وستر پائي من ۾ شڌ ڀاونا رکي ڪري سوال ڪري. ڏينهن ۾ فقط هڪ دفعو سوال پڇجي ڪل مشڪري ۾ ٽٽولي نه ڪجي .جنهن شري تي ڏسني آڱر اچي ان جو ڦل هيٺ ڏجي ٿو

چهنب: ڏکوئي. ڪنپ (پر): روئي. پيٽ: سٺو ڀوڄن. پڇ ۾: ڌن. ڪنٺ ۾: ميلاپ. مستڪ (مٿو) ۾: راڄ. پيرن ۾: شڀ سوڻ. گهر ۾ منگلاچار.

چوري يا گم ٿيل شئي ملڻ جو انومان

هيٺ ڏنل باڪس ۾ چئن قسمن جا نڪشتر آهن جنهن ڏينهن اوهان جي شئي گم ٿي هجي يا جنهن ڏينهن يادگيري ٿي
تنهن وقت جي نڪشتر جي هن ٽيٽي مان گيان حاصل ڪري ڏنل نڪشترن ۾ انهن جو ڦل ڏسي سگهو ٿا.

نمبر	نڪشترن جو قسم	نڪشترن جا نالا	ڦل
1	اندا ڪش	ورهٽي، پشيہ، اتراڦا، وشاڪا، پوڪا، ڏنشنا، ريوتي	ملندي
2	سلوچن	ڪرتڪا، پنرو، پورڦا، سواتي، مول، شروڻ، اُترشا	نہ ملندي
3	مڌياڪش	پرٽي، اردرا، مگھا، چترا، جيشنا، ايجت، پُوشا	ٽن ڏينهن ڪان پوءِ ملندي
4	منڌاڪش	اشوني، مرگشتر، اشليشا، هست، انورڌا، شتنيشا	ملڻ جو امڪان آهي

(1) انداڪش: هن نڪشتر ۾ گم ٿيل شي اوپر واري پاسي ڏانهن هوندي ۽ ضرور ملندي.
(2) سلوچن: هن نڪشتر ۾ گم ٿيل شي اتر واري پاسي هوندي آهي ۽ اصل ڪانہ ملندي.
(3) مڌياڪش: هن نڪشتر ۾ گم ٿيل شي اولهہ واري پاسي هوندي آهي ۽ ٽن ڏينهن ڪان پوءِ ان جي ڄاڻ ملندي.
(4) منڌاڪش: هن نشتر ۾ گم ٿيل شي ڏکڻ واري پاسي هوندي آهي ۽ گهڻي جفاڪشي ڪان پوءِ ملڻ جو امڪان رهي ٿو

چوري ٿيل سامان جي (معلومات) ڄاڻ وٺڻ

٢٨	٢٦	٢٣	١٩	١٦	٨	١
٢٧	٢٤	٢٠	١٥	٩	٢	٨
٢٥	٢١	١٦	١٠	٣	٩	١٤
٢٢	١٧	١١	٦	١٠	١٥	١٩
١٨	١٢	٥	١١	١٦	٢٠	٢٣
١٣	٦	١٢	١٧	٢١	٢٤	٢٦
٧	١٣	١٨	٢٢	٢٥	٢٧	٢٨

فال ڪولينڊڙ ڪي گهرجي تہ جنهن جو سامان چوري ٿي ويو آهي اهو ڪنهن ڇوڪري کي اهو چئي تہ چوريءَ جو سامان ڪير کڻي ويو آهي. سندس هڪ آڱر نقشي (مٿي ڄاڻايل) جي ڪنهن بہ خاني ۾ رکي. جنهن خاني ۾ اهو ٻار آڱر رکي ان خاني جي عدد کي ساڳئي عدد سان ضرب ڪري ۽ ان کي 8 سان ونڊي ۽ جيڪو ان جو جواب ڏي. جيڪڏهن هڪ بچي تہ سامان اوپر ڏانهن آهي بہ بچن تہ سامان اتر ۽ اوپر جي ڪنڊ ڏانهن آهي ٽي اچن تہ اولهہ طرف ، چار اچن تہ ڏکڻ ۽ اولهہ جي ڪنڊ ۾، پنج اچن تہ اتر طرف، ست بچن تہ ڏکڻ طرف ۽ ڪجهہ بہ نہ بچي (برابر ونڊجي) تہ اتر اولهہ جي ڪنڊ ڏانهن ويل آهي.

ونڊ اپت جيڪا بہ اچي ان کي ٻڌي عددن سان ضرب ڪري 9 سان ونڊي ڇڏي. ونڊ اپت ٻڌي عددن ۾ آهي تہ چور عورت آهي پر جيڪڏهن اکي آهي تہ پوءِ چُور مرد آهي. جيڪڏهن پاچي عدد بچي وڃن جيڪي هڪ ڪان ٽي تائين هجن تہ چور جي عمر 20 سال تائين آهي. جيڪڏهن 4 ڪان 6 تائين هجن تہ چور 21 ڪان 45 سالن جو آهي پر جيڪڏهن پاچي 7 ڪان 8 يا ٻڙي تائين آهي تہ چور 45 ڪان مٿي (پوڙهو) آهي.

شراڌ جو بار پُٽ تي ئي ڇو؟

پُٽ جو ڌرم آهي ته ماتا پتا جي شيوا ڪرڻ، سڄي عمر هو پنهنجي جنم، داتائن جي شيوا ڪري ٿو ۽ سندن سرڳواس ٿيڻ کانپوءِ انهن جو اگني سنسڪار به هو ئي ٿو ڪري. سندس شراڌ به پُٽ کي ئي ٿو ڪرائڻو پوي. آخر ائين ڇو؟ جيئن ته اسان کي خبر آهي ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو اولاد پيدا نه ڪري فقط براهمڻ چاريه ئي پالن ڪري ته هو پنهنجا پراڻ پنهنجي مرضي سان ڏهين دوار (ڪپاٽ) مان تياڳي سگهي ٿو پر هر هڪ انسان برهمچاريه نٿو ٿي سگهي. نه ئي وري ائين وڏاتا جي سرشٽي هلي سگهندي. وڏا وڏا گياني ۽ مُني به سرشٽي کي هلائڻ لاءِ گرهست آشرم کي اپنائيندا آهن ۽ سنتان پيدا ڪندا آهن. ان ڪري سنتان پيدا ڪرڻ کانپوءِ انسان جي پنهنجي مرضي سان ڏهين (ڪپاٽ) مان پراڻ تياڳڻ جي شڪتي ڪمزور ٿي ويندي آهي ان ڪري ئي تياڳڻ جي هن ڪمزوريءَ جو بار پُٽ تي ٿيندو آهي. اگني سنسڪار وقت شمشان ڀومي ۾ پُٽ پيءُ جي ڪپال کي بانس جي ڪاٺي سان ٽي دفعا ڇتي آخر ۾ ان کي ٽوڙي ڦٽو ڪندو آهي. شمشان ڀومي ۾ سيني مٽن مائٽن جي اڳيان ائين ڪري هو (پٽ) اهو ئي اشارو ڪندي ته جيڪڏهن مرتڪ پتا اگر هن ڪي (پٽ) کي جنم ڏئي ها ته شايد برهمچاريه پالن ڪري ها ۽ پنهنجي مرضي موجب ڪپال رستي پاڻ کي پراڻ تياڳي ها پر منهنجي ڪري انهن جي (پتا جي) اِها خوبي نشت ٿي وئي. جنهن جو جوابدار مان پاڻ کي مڃان ٿو ۽ ٽي بانس جي ڪاٺي ڪپاٽ کي هٽ لائي پرتياڳ ٿو ڪريان ته ماءُ پتا جي (پ) نالي نرڪ کان - تر دور ڪرڻ پتر ٿيندس ان ڪري ماتا پتا جي شراڌ ڪرڻ جو بار پُٽ تي ٿيندو آهي.

شراڌ براهمڻ کي ئي کارائڻ ڇو ضروري آهي؟

سڀني کي خبر آهي ته هڪ ٻج کي جيڪڏهن ضرورت وارين شين سان وڌائجي ٿو ته ان جي طاقت سوين دفعا وڌي وڃي ٿي. ننڍڙي هڪڙي گوري ٻاڻي سان سڄي شرير ۾ پنهنجو سلو اثر ڏيکاري ٿي ساڳي طرح اگني ۾ ڪنهن به آهوتي جا گڻ سوين هزارين دفعا وڌي وڃن ٿا جڏهن ان کي ويدن جي منترن اُچارڻ سان گڏ ٿو ريڊيو تي هڪ اکر ڳالهائڻ سان بجلي جي شڪتي دوران اهو پوري برهمانڊ ۾ پهچي سگهي ٿو. شاستر ويدن موجب وارث جي مُک مان اگني پيدا ٿئي ٿي ان مُک مان ئي براهمڻ جي اُتپتي ٿي آهي ان ڪري براهمڻ ۽ اگني کي سدائين ساڳيو درجو ڏنو ويو آهي. جيئن ان کي کائڻ سان ان مان اسٿول حصو نڪري ويندو آهي ۽ باقي سوکيم حصو رس، رت، ماس هڏن ۽ ويريا جو روپ ۾ بدلي ويندو آهي ۽ اندرين کي خوراڪ پهچائيندو آهي. ساڳي طرح پُترن جي شراڌ کارائڻ وقت ان کاڌي جو سوکيم حصو ججمان جي سک پيار ۽ شرڌا سان کارائڻ اهو کاڌو براهمڻ جي سلن گڻن ۽ ڀڳوان جي ڪريا ۽ ويدن جي ڪريا (منترن وغيره اُچارڻ) ذريعي ديو پترن کي اهو کاڌو (جيڪو برهمڻ کي کارايو ٿو وڃي) پهچي ٿو. اهو صاف ظاهر آهي ته براهمڻ کي پوحن کارائڻ وارو کاڌو سڄو براهمڻ جي پيٽ ۾ نٿو وڃي جيڪڏهن ائين هجي ته 12 ڏينهن ڍوه سان ڪائي ڪائي براهمڻ ٿلهو متارو ۽ ٻلوان ٿي وڃي پر حقيقت ۾ ائين ڪونهي براهمڻ کي شراڌ کارايل دان جو باقي حصو پترن کي ملي ٿو.

جنم نڪشترن انوسار پاد، يوني، گڻ، ناڙي دشا ڦل ۽ راسيون

جنم نڪشتر	نالي جو پهرون اکر پاد 1.2.3.4	ڪهڙي يوني	ڪهڙو گڻ	ڪهڙي ناڙي	اشواري دشا ۾ جنم	شڀ يا اشڀ ڦل	ڪهڙي راس	ڪهڙو پايو
اشوني	چو، چي، چو، لا	گهوڙو	ديوتا	آد	راهو	شڀ	ميک	سون جو پايو
ڀرڻي	لي، ل، لي لو	هاٿي	ماڻهو	مڌيہ	راهو	ناس	ميک	سون جو پايو
ڪرتڪا	ا، اي، او، اي	گهيٽو	راڪاس	انت	شڪر	ڪرناس	ميک1، ورک	سون جو پايو
روهڻي	او، وا، وي، وو	نانگ	ماڻهو	انت	شڪر	ڪاميابي	ورک	سون جو پايو
مرگيشر	وي، ري، ڪ، ڪي	نانگ	ديوتا	مڌيہ	شڪر	شڀ	ورک2 مٿن	سون جو پايو
آردرا	ڪ، گهہ، ڱ، ڇ	ڪتو	ماڻهو	اد	سورج	شڀ	مٿن	سون جو پايو
پنروسو	ڪي، ڪو، ها، هي	ٻلي	ديوتا	اد	سورج	وڇولو	مٿن	سون جو پايو
پشيہ	هو، هي، هو، ڊا	گهيٽو	ديوتا	مڌيہ	سورج	شڀ	مٿن3 ڪرڪ	چاندي جو پايو
آشليشا	ڊي، ڊو، ڊي، ڊ	ٻلو	راڪاس	انت	سورج	د.ک	ڪرڪ	چاندي جو پايو
مگها	ما، مي، مو، مي	ڪوئو	راڪاس	انت	چندرما	ناس	ڪرڪ	چاندي جو پايو
پورواڦالگني	مو، ٽا، ٽي، ٽو	ڪوئو	ماڻهو	مڌيہ	چندرما	موت	شنگهہ	چاندي جو پايو
اُتراڦالگني	ٽي، ٽو، پ، پي	ڳانءِ	ماڻهو	اد	چندرما	وڌيہ	شنگهہ	چاندي جو پايو
هست	پ، خ، ڻ، ٺ	مينهن	ديوتا	اد	منگل	لڪشمي	شنگهہ1، ڪنيا	چاندي جو پايو
چترا	پي، پو، را، ري	چيتو	راڪاس	مڌيہ	منگل	شُڀ	ڪنيا	چاندي جو پايو
سواتي	رو، ري، ري، تا	مينهن	ديوتا	انت	منگل	اَشڀ	ڪنيا2 تل	چاندي جو پايو
وشاکا	ٿي، ٿو، ٿي، ٿُو	چيتو	راڪاس	انت	منگل	اَشڀ	تل	چاندي جو پايو
انوراڌا	ن، ني، نو، ني	هرڻ	ديوتا	مڌيہ	ٻڌ	ڪاميابي	تل3 ورشچڪ	ٽامي جو پايو
جيشٽا	نو، يا، يي، يو	هرڻ	راڪاس	اد	ٻڌ	ناستي	ورشچڪ	ٽامي جو پايو
مول	يي، يو، ڀ، ڀي	ڪتو	راڪاس	اد	ٻڌ	نقصان	ورشچڪ	ٽامي جو پايو
پورواشاڍا	ڀو، ڌا، ڦا، ڍا	باندر	ماڻهو	مڌيہ	ڇنڇر	نقصان	ڌن	ٽامي جو پايو
اُتراشاڍا	ڀي، ڀو، ج، جي	نور	ماڻهو	انت	ڇنڇر	هوشياري	ڌن	ٽامي جو پايو
ابجت	جو، جي، جو، ڪا	نورڙو	ديوتا	انت	ڇنڇر	هوشياري	ڌن1 مڪر	ٽامي جو پايو
شروڻ	ڪي، ڪو، ڪي، ڪو	ڀولڙو	راڪاس	انت	ڇنڇر	سک	مڪر	ٽامي جو پايو
ڌنشٽا	گا، گي، گو، گي	شينهن	راڪاس	مڌيہ	گرو	شڀ	مڪر	ٽامي جو پايو
ست ڀشا	گو، سا، سي، سو	گهوڙو	راڪاس	اد	گرو	ڪلياڻ	مڪر2، ڪنڀ	ٽامي جو پايو
پوروڀادرپدا	سي، سو، د، دي	شينهن	ماڻهو	اد	گرو	موت	ڪنڀ	ٽامي جو پايو
اتراڀادرپدا	د، ٿ، جهہ، ڃ	ڳانءِ	ماڻهو	مڌيہ	راهو	لڪشمي	ڪنڀ3، مين	لوهہ جو پايو
ريوتي	دي، دو، چ، چي	هاٿي	ديوتا	انت	راهو	شوق	مين	لوهہ جو پايو


|| ॐ नमश्चण्डिकायै ||
ڏيون ڪمار مجناڻي
ڌرم سنديش گروپ
Admin: 0345-0748108
روزانو پنچانگ, ڌرمي چارٽ, ڌرمي PDF پستڪ
ڊي ڪي گرافڪس
0345-0748108